وَاِذَا سَمِعُوْا مَآ اُنْزِلَ اِلَى الرَّسُوْلِ تَرٰٓى اَعْيُنَهُمْ تَفِيْضُ مِنَ الدَّمْعِ
مِمَّا عَرَفُوْا مِنَ الْحَقِّ ۚ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَآ اٰمَنَّا فَاكْتُبْنَا مَعَ الشّٰهِدِيْنَ ﴿۸۳﴾
وَمَا لَنَا لَا نُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَمَا جَآءَنَا مِنَ الْحَقِّ ۙ وَنَطْمَعُ اَنْ يُّدْخِلَنَا رَبُّنَا مَعَ
الْقَوْمِ الصّٰلِحِيْنَ ﴿۸۴﴾ فَاَثَابَهُمُ اللّٰهُ بِمَا قَالُوْا جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ
خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ وَ ذٰلِكَ جَزَآءُ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۸۵﴾ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَكَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَآ
اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَحِيْمِ ﴿۸۶﴾ ع

۽ اهي جڏهن اسان جي رسول محمد خاتم النبيين صلى الله تعالى عليه وآله وسلم تي نازل ٿيل ڪتاب (قرآن) ڪي ٻڌن ٿا تہ هنن جي اکين مان تون ڏسندين تہ ڳوڙها جاري ٿي وڃن ٿا. اهو ڳوڙهن جو سيلاب دليل آهي تہ هنن حق کي سڃاتو آهي ۽ چون ٿا تہ اي اسان جا الله! اسان ايمان آندو آهي، سو تون اسان جو نالو گواهي ڏيندڙن جي لسٽ ۾ لکي ڇڏ. (83) ۽ اسان الله تي ايمان ڇو نہ آڻيون ۽ هن پاران آيل حق (محمد ڪريم خاتم النبيين صلى الله تعالى عليه وآله وسلم يا قرآن) تي ايمان ڇو نہ قبول ڪيون، جيڪو اسان ڏانهن آيو آهي. اي اسان جا رب! اسان کي نيڪ ماڻهن ۾ شمار ڪر. (84) سو الله انهن جي هن (مخلصانا ۽ مؤدّبانا) درخواست کي قبول ڪندي صلي (بدلي) ۾ جنت جا اهڙا باغ عنايت ڪيا، جن جي دامن ۾ نهرون جاري آهن. هو ان ۾ هميشہ رهندا. هي انهن ماڻهن جو انعام آهي. جيڪي احسان جو رستو اختيار ڪندڙ آهن.(85) ۽ جن ماڻهن ڪفر ڪيو ۽ اسان جي آيتن کي ڪوڙو قرار ڏنو اهي ماڻهو ئي دوزخي آهن. (86)

اهو ئي سبب آهي، جو جڏهن هي عيسائي (جن جو پوئين آيت ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي) الله جي رسول خاتم النبيين صلى الله تعالى عليه وآله وسلم تي نازل ٿيل ڪلام (قرآن) ٻڌن ٿا تہ قرآن جي تاثير سبب

تون ڏسندين تہ انهن جون اکيون زوردار رئڻ جي ڪري ڳوڙها ڳاڙين ٿيون (نير جاري ڪن ٿيون) (التوبہ: 9/124-92، الزمر: 39/23، الحديد: 16/57) ڇو تہ هنن ڪلام الله جي سچائي ۽ بر حق هجڻ کي سڃاڻي ورتو آهي، ان ڪري هو بي اختيار چئي ڏين ٿا تہ اي اسان جا الله! اسان تنهنجي هن سچي ڪلام تي ايمان آندو آهي. اسان جو نالو بہ سچن واري فهرست ۾ لکي ڇڏ. جيڪي حق جا نگهدار ۽ نوع انسان جي اعمال جا شاهد ۽ نگران آهن. ”فَاكْتُبْنَا مَعَ الشّٰهِدِيْنَ“ مان مراد اُمّتِ محمد مصطفیٰ ﷺ آهي. ابن جرير رحمہ الله جي قول مطابق هت نصاریٰ مان مراد اهو مخصوص گروهہ آهي، جيڪو حضرت عيسیٰ جي دين جو پابند هيو. عبادت ۽ ذڪر ۾ مشغول رهندو هيو، پر جڏهن حضرت محمد مصطفیٰ ﷺ جن هدايت جي حق ۽ هدايت جي روشني آندي، تہ فورًا ايمان آندائون ۽ الله تعالیٰ کان امت محمديہ جي نيڪوڪارن ۽ صالح ماڻهن ۾ شامل ٿيڻ جي دعا ڪيائون. حديث شريف ۾ آهي تہ اهڙا اهل ڪتاب جيڪي پنهنجي نبيءَ واري دين تي قائم هيا، (شرڪ وغيره ۾ ملوث نہ ٿيا هيا) ۽ خاتم الانبياء ﷺ تي ايمان آڻين ٿا تہ انهن لاءِ بہ اجر آهن. ڪجهہ تفسيرن حبش جي بادشاهہ جي ايمان آڻڻ ۽ پوءِ ٻين عيسائين جو اسلام قبول ڪرڻ ورتو آهي ۽ حبش کان بادشاهہ طرفان 70علماء جو وفد مديني موڪلڻ ۽ پاڻ ڪريمن ﷺ جو هنن آڏو سورت يٰس مان تلاوت ڪرڻ وقت هنن چيو تہ ”رَبَّنَآ اٰمَنَّا فَاكْتُبْنَا مَعَ الشّٰهِدِيْنَ“ وارا عيسائي مراد ورتي آهي. اهڙيءَ طرح ”وَاِنَّ مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ لَمَنْ يُّؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَمَآ اُنْزِلَ اِلَيْكُمْ وَمَآ اُنْزِلَ اِلَيْهِمْ خٰشِعِيْنَ لِلّٰهِ“ (آل عمران: 199/3) يقينًا اهل ڪتاب مان اهڙا ماڻهو بہ آهن، جيڪي الله جل شانہ ۽ ان جي ڪتاب تي، جيڪو توتي نازل ٿيو آهي ۽ جيڪو هنن تي نازل ٿيو آهي، ان تي ايمان رکن ٿا.

هو ڇون ٿا تہ حقيقت کي ان طرح بي نقاب ڏسڻ بعد اسان ڇونہ الله تي ۽ ان جي نازل ڪيل ڪلام تي جيڪو اسان ڏانهن آيو آهي ۽ حق ۽ سچائي جو مظهر آهي، ايمان آڻيون جيڪو سراپا سچ ۽ حق جي صداقت آهي ۽ پنهنجي پروردگار ۾ اها اميد ڇو نہ رکون تہ هو اسان کي صالح نيڪ ۽ پاڪباز ماڻهن جي صف ۾ داخل ڪندو. الله سندن دعا ٻڌي ورتي ۽ سندن خواهش مطابق کين نيڪوڪار مؤمنن جي جماعت ۾ شامل ڪري ڇڏيو ۽ انهن جي نيڪ عمل جي ڪري کين دائمي خوشي واريون جنتون ڏئي ڇڏيون، جن جي

دامن ۾ نهرون جاري آهن، جن ۾ هي هميشہ مزا ماڻيندا رهندا. اهڙو صلو ۽ بدلو رڳو محسنين يعني نيک ڪردار ۽ نيک اعمال ماڻهن لاءِ ئي ناهيو ويو آهي. ان جي ابتڙ اهي انسان جن اسان جي هدايت ۽ حڪمن جو انڪار ڪيو ۽ پنهنجي ضد ۽ هٺ سبب انهن کي ڪوڙو قرار ڏنو تہ اهڙا بدبخت ۽ بدنصيب ماڻهو ئي جهنمي هوندا ۽ انهن لاءِ هميشہ وارين نعمتن مان ڪو حصو ڪو نہ هوندو، جنهن جي ڪري هو نہ زندگيءَ جون ارتقائي منزلون طئي ڪري سگهندا ۽ نہ وري آخرت جي زندگيءَ جون خوشيون ماڻي سگهندا. هنن لاءِ جهنم جون ڪاهيون تيار آهن.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُحَرِّمُوْا طَيِّبٰتِ مَآ اَحَلَّ اللّٰهُ لَكُمْ وَلَا تَعْتَدُوْا ؕ
اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الْمُعْتَدِيْنَ ۝٨٧ وَ كُلُوْا مِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُ حَلٰلًا طَيِّبًا ۪
وَّ اتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِيْٓ اَنْتُمْ بِهٖ مُؤْمِنُوْنَ ۝٨٨

اي ايمان وارؤ! جيڪي پاڪيزه شيون الله اوهان لاءِ حلال (جائز) ڪيون آهن، انهن کي پاڻ تي حرام نہ ڪريو ۽ نہ حدون پار ڪريو. بيشڪ الله حد کان تجاوز ڪرڻ وارن کي پسند نٿو ڪري. (87) ۽ حلال پاڪ رزق جيڪو الله اوهان کي عطا ڪرڻ فرمايو آهي، انهن کي کائو پيئو ۽ جنهن الله کي مڃو ٿا ان جي حڪمن جي انحرافي واري گرفت کان پاڻ کي بچائي رکو. (88)

اهل ڪتاب حلال حرام جي سلسلي ۾ گمراهيءَ ۾ پئجي ويا هئا. عيسائين جي راهبن تَرڪ دنيا کي خدا جي قربت قرار ڏئي ڪيترين ئي حلال شيون، جائز لذتون ۽ راحتون پاڻ لاءِ حرام ڪري ڇڏيون. ٻئي طرف وري يهودين ناجائز ۽ ممنوع شين کي پاڻ لاءِ مباح ۽ حلال ڪري ڇڏيو. مؤمنو! توهان عيسائين جي تفريط ۽ يهودين جي افراط واري هن ناجائز عقيدي کان بچو ۽ حدون پار نہ ڪيو. الله زيادتي ڪندڙن ۽ حد کان تجاوز ڪندڙن کي پسند نٿو ڪري. قرآن ڪريم فرمائي ٿو تہ اي مؤمنؤ! پاڪ حلال ۽ سني شيءِ

مان جو ڪجھ اوھان جي رزق روزي ۾ عطا ڪيو آھي، اھو بنا ھبڪ ۽ گمان جي بيشڪ کائو انھن حلال ۽ پاڪ شين کي حرام ڪرڻ کي قربت الاھي جو ذريعو نہ سمجھو. خدا جي حرام شين کان بچو ۽ تجاوز نہ ڪريو. ھر حالت ۾ ان جي نافرمانيءَ جي سخت نتيجن کان پاڻ کي بچائي رکو. جنھن الله کي مڃو ٿا ۽ ان تي ايمان آندو اٿو تہ ان جي حڪمن جي انحرافيءَ جي عذاب کان بچو. ياد رکو تہ حلال ۽ حرام جو حڪم صرف الله ڏئي سگھي ٿو. يھودين ۽ عيسائين جي مذھبي اڳواڻن کي حلال کي حرام ۽ حرام کي حلال ڪرڻ جو ڪو حق نہ آھي. ان ڪري مؤمنن کي تاڪيد ڪيو ويو آھي تہ ھو رڳو الله جي طرفان حلال کي حلال ۽ حرام کي حرام سمجھن.

معلوم ھئڻ گھرجي تہ چند جليل القدر صحابہ جن ۾ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالیٰ عنہ بہ شامل ھيو، اھي حضرت عثمان بن مظعون رضي الله تعالیٰ عنہ جي گھر ۾ گڏ ٿيا ۽ فيصلو ڪيائون تہ آئندہ ھو ھميشہ روزو رکندا، ساري رات عبادت ڪندا، بسترن تي نہ سمھندا، گوشت، گيھہ وغيرہ نہ کائيندا، عورتن ۽ خوشبوءِ کان اجتناب ڪندا، اوني لباس پائيندا، دنيا کان قطع تعلق ڪندا. رحمتِ عالم خاتم النبيين صلی الله تعالیٰ عليہ وآلہ وسلم کي اھو معلوم ٿيو تہ ڪين سڏي حقيقت افروز بيان ٻڌايو تہ ”اِنَّ لِاَنْفُسِكُمْ عَلَيْكُمْ حَقًّا فَصُوْمُوْا وَاَفْطِرُوْا وَ قُوْمُوْا وَ نَامُوْا فَاِنِّيْ اَقُوْمُ وَاَنَامُ اَصُوْمُ وَاُفْطِرُ وَاٰكُلُ اللَّحْمَ وَالدَّسَمَ وَآتِي النِّسَآءَ فَمَنْ رَغِبَ عَنْ سُنَّتِيْ فَلَيْسَ مِنِّيْ“ (ڪشاف وغيرہ) اي منھنجا اصحاب! اوھان تي پنھنجي نفس جا بہ حق آھن، ان ڪري روزا رکو ۽ افطار بہ ڪريو، رات جو جاڳي عبادت بہ ڪريو ۽ سمھي بہ پئو ۽ ننڊ ڪريو. ڇو تہ مان رات جو جاڳان بہ ٿو ۽ ننڊ بہ ڪيان ٿو، روزا رکان ٿو ۽ افطار بہ ڪيان ٿو. گوشت ۽ گيھہ بہ کاوان ٿو ۽ عورتن (حرم پاڪ) سان مقاربت بہ ڪيان ٿو. ھي منھنجو طريقو ۽ سنت آھي، جنھن منھنجي سنت کان منھن موڙيو، اھو منھنجي جماعت مان نہ آھي. ياد رھي تہ اصحاب سڳورن انھن شين کي حرام قرار نہ ڏنو ھو، پر رڳو پاڻ تي ممنوع ڪيو ھيو. ان ڪري عبادت جي اھڙي رجحان کان روڪيو ويو آھي. ڪجھہ بزرگانِ دين بہ سادگي، عاجزي ۽ انڪساريءَ سبب ڪجھہ شين خاص طرح مرغوب، مرطوب ۽ لذت واريون شيون کائڻ، عمدو لباس پائڻ وغيرہ ڪجھہ وقت لاءِ ڇڏي ڏيندا آھن تہ نفس امارہ قبضي ۾ اچي. ھن

جي علماء حضرات اجازت ڏني آهي، جهڙيءَ طرح ڊاڪٽر بيماريءَ ۾ ڪجھ شيون کائڻ منع ڪندو آهي. پر عيسائين ڪجھ حلال شيون پاڻ لاءِ حرام قرار ڏنيون ته وري يهودين ڪجھ حرام شيون پاڻ تي حلال ڪيون. اسلام يهودين واري افراط ۽ عيسائين واري تفريط کان روڪي، درميان وارو، معتدل ۽ متوازن رستو ٻڌايو آهي.

لَا يُؤَاخِذُكُمُ اللّٰهُ بِاللَّغْوِ فِيْٓ اَيْمَانِكُمْ وَلٰكِنْ يُّؤَاخِذُكُمْ بِمَا عَقَّدْتُّمُ الْاَيْمَانَ ۚ فَكَفَّارَتُهٗٓ اِطْعَامُ عَشَرَةِ مَسٰكِيْنَ مِنْ اَوْسَطِ مَا تُطْعِمُوْنَ اَهْلِيْكُمْ اَوْ كِسْوَتُهُمْ اَوْ تَحْرِيْرُ رَقَبَةٍ ؕ فَمَنْ لَّمْ يَجِدْ فَصِيَامُ ثَلٰثَةِ اَيَّامٍ ؕ ذٰلِكَ كَفَّارَةُ اَيْمَانِكُمْ اِذَا حَلَفْتُمْ ؕ وَاحْفَظُوْٓا اَيْمَانَكُمْ ؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمْ اٰيٰتِهٖ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿۸۹﴾

(هي جو اوهان اٿندي ويهندي رسمًا ۽ عادتًا قسم کڻو ٿا) الله توهان جي اهڙين قسمن تي ڪو مؤاخذو (گرفت) نه ڪندو جيڪي اوهان بنا اراده ڪنيا آهن، پر جيڪي قسم اوهان دل جي پڪي ارادي سان سوچي سمجهي ڪنيا آهن، انهن تي اوهان جو پڇاڻو ضرور ڪندو. ته پوءِ جيڪڏهن اهڙو پڪو پختو قسم ٽوڙي وجهجي ته ان جو ڪفارو اهو آهي ته ڏهه مسڪينن کي اهڙو ڪاڌو کاريو وجي جيڪو توهان پنهنجي اهل و عيال کي کارائيندا آهيو يا انهن کي پائڻ لاءِ ڪپڙا ڏنا وڃن يا هڪ ٻانهو آزاد ڪرڻ گهرجي. پر جنهن کي اها سهولت موجود نه آهي ته اهو ٽن ڏينهن جا روزا رکي. هي اوهان جي قسمن جو ڪفارو آهي. جڏهن اوهان (پڪو پختو) قسم کڻو ٿا. پنهنجي قسمن جي حفاظت ڪريو. الله اهڙي طرح توهان لاءِ پنهنجا حڪم واضح ڪري ٿو ته اوهان ان جي (رعايتن ۽ آسانين جي) جي قدر شناسي ڪندي شڪرگذار ٿيو. (89)

ياد رکو تہ هن کان اڳ جيڪڏهن ڪجھ حلال شين جي نہ کائڻ جو قسم کڻي وينا آهيو ۽ سمجهو ٿا تہ قسم کي ٽوڙڻ گناھ آهي ۽ اهڙي لغو ۽ غلط قسم کي برقرار رکڻ تي اصرار ڪيو ٿا تہ اوهان کي معلوم هئڻ گهرجي تہ لغو گناھ جي ڪم ۾ بيجا قسمن جي ٽوڙڻ ۾ ڪنهن بہ قسم جو مؤاخذو نہ ٿيندو. (البقره: 225/2) اهڙو قسم ٽوڙڻو پوندو ۽ ڪفارو ڏبو. ڪجھ ماڻهو بنا سوچي سمجهي عادتًا قسم کڻن ٿا، واللهِ بِاللهِ جنهن ۾ محڪم ارادو نہ هيو، ان جو مؤاخذو نہ ٿيندو. مؤاخذو ۽ پڪڙ رڳو اهڙي قسم جي آهي، جو حقيقت تي مبني هجي، پر غلط قسم جيڪي ارادي ۽ نيت بنان ڪنيا آهن ۽ لغو آهن، انهن کي ٽوڙڻ ۾ ڪو حرج ناهي، پر جيڪڏهن سوچي سمجهي قسم ڪنيو آهي تہ لغو هجي يا حقيقت ۾، ان کي ٽوڙڻو پوي تہ ان جو ڪفارو ڏھ مسڪينن کي کاڌو کارائڻ آهي. اهڙو درميانو کاڌو جيڪو روزانو پنهنجي اهل عيال سان کائيندا آهيو. يا کاڌو نہ کارايو تہ پوءِ ڏھ مسڪينن کي ڪپڙا پارايو يا هڪ غلام آزاد ڪيو. ڪنهن سرمائيدار وٽ گروي ٿيل مظلوم ۽ محڪوم ماڻهو هن سهولت ۾ اچي سگهن ٿا يا نٿا اچن، ان تي جمهور علماءِ جي راءِ اچڻ گهرجي. منهنجي خيال ۾ تہ هن وقت غلام نہ آهن. اهڙا گروي ٿيل ماڻهو بہ غلامن وانگر آهن. والله اعلم بالصواب. پر جي اهو سڀ ڪجھ ڪري نہ سگهو تہ پوءِ ٽي ڏهاڙا لاڳيتا روزا رکو. اهو اوهان جي اهڙن قسمن جو ڪفارو آهي، جيڪي سوچي سمجهي ڪنيا اٿو. هميشہ قسم کڻڻ وقت احتياط ۽ خيال ڪريو تہ متان قسم ٽوڙڻو نہ پوي ۽ پوءِ ان جو ڪفارو ڏيڻو پوي. قسم دراصل عهد و پيمان جي حيثيت رکي ٿو. قسم ۾ بہ الله سان وعدو آهي يا انسانن سان بہ عهد آهي، جنهن جو پورو ڪرڻ لازم آهي. بشرطيڪ جائز قسم هجي، لغو ۽ غلط نہ هجي. قسم جنهن کي عربي زبان ۾ "حَلَف" يا "يَمِيْن" چون ٿا، جن جي جمع "اَحْلَاف" ۽ "اَيْمَان" آهي. "يَمِين" جي معنىٰ آهي برڪت، جيئن تہ قسم سان حق محفوظ ٿين ٿا، معاهدا پورا ٿين ٿا، ان ڪري هن کي بہ برڪت واري شيءِ چيو ويو آهي. قسم ٽن قسمن جا آهن: (1) لغو (2) غموس (3) مُعَقِّدَه.

لغو اهڙو قسم آهي، جيڪو ماڻهو عادتًا چوندو آهي والله بالله، جنهن ۾ ڪنهن شيءِ جي عهد ڪرڻ جو ارادو ۽ نيت ناهي. ان تي ڪو مواخذو ڪونهي. غموس ڪوڙو

قسم، جيڪو ارادتاً ڪنيو وڃي، جنهن ۾ ڪنهن کي ڏوکو ڏيڻ، غلط تهمت هڻڻ يا نقصان پهچائڻ آهي، اهو وڏو ڪبيره گناهه آهي، جنهن جي سزا آهي، ان لاءِ ڪفارو ناهي. مُعَقّدَه قسم اهو آهي، جيڪو ڪنهن معاهدي يا پنهنجي ڳالهه کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ارادي ۽ نيت سان کٽي، اهڙي قسم ٽوڙڻ جو ڪفارو آهي. (احسن البيان) الله تعاليٰ پنهنجا حڪم اوهان لاءِ چٽا چٽا بيان ڪري ٿو، ته انهن تي عمل ڪري خدا جو شڪر ادا ڪريو.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِنَّمَا الْخَمْرُ وَ الْمَيْسِرُ وَ الْاَنْصَابُ وَ الْاَزْلَامُ رِجْسٌ
مِّنْ عَمَلِ الشَّيْطٰنِ فَاجْتَنِبُوْهُ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿۹۰﴾ اِنَّمَا يُرِيْدُ الشَّيْطٰنُ اَنْ
يُّوْقِعَ بَيْنَكُمُ الْعَدَاوَةَ وَ الْبَغْضَآءَ فِي الْخَمْرِ وَ الْمَيْسِرِ وَ يَصُدَّكُمْ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ
وَ عَنِ الصَّلٰوةِ ۚ فَهَلْ اَنْتُمْ مُّنْتَهُوْنَ ﴿۹۱﴾

مؤمنو! بيشڪ شراب، جوئا ۽ (عبادت لاءِ) نصب ڪيل بت، (قسمت معلوم ڪرڻ لاءِ) ۽ تير ذريعي فال ڪڍڻ سڀ ناپاڪ شيطاني ڪم آهن، سو توهان ان کان پوري طرح پرهيز ڪريو، ته جيئن اوهان ڪاميابيون حاصل ڪريو. (90) يقيناً شيطان ته اهو ئي گهري ٿو ته شراب ۽ جوئا جي ذريعي توهان ۾ دشمني ۽ ڪينو پيدا ڪري ۽ اوهان کي الله جي يادگيري (ذڪر) ۽ نماز کان روڪي رکي. ڇا (هنن جا نقصان ٻڌڻ بعد) انهن کان باز ايندو؟ (91)

هن کان اڳ لغو قسم کڻڻ کان روڪيو ويو هو ۽ حلال شين جي ترڪ ڪرڻ جي ممانعت هئي. هاڻي حرام شين جي ممانعت جو حڪم آهي. معلوم هئڻ گهرجي ته جائز معاملن ۾ قسم، عهد پيمان طور پورا ڪرڻ لازمي هوندا آهن، جيڪي صحيح عقل ۽ هوش سان ڪنيا وڃن، جن مان مراد آهي ته هڪ پڪي عزم ۽ محڪم ارادي سان اهو ڪم ضرور ڪرڻو آهي، پر اهڙيون شيون جيڪي عقل ۽ هوش وڃائي ڇڏين، انهن سان عهد ۽ پيمان ڪنهن ڪم جا نه آهن. بيهوشيءَ جي حالت ۾ ته نماز به جائز ناهي. هوش حواس کي

مائوف ڪرڻ وارين شين لاءِ قرآني حڪم آهي تہ اي مؤمنؤ! شراب، جوئا، پوڄا جا آستانا ۽ تيرن ذريعي فال ڪڍڻ سڀ رجس، پليت، حرام ۽ شيطاني ڪمن مان آهن. ان ڪري اوهان انهن ڪان پاڻ بچايو تہ اوهان زندگي جون ڪاميابيون ماڻي سگهندا. هي عقل ۽ هوش وڃائڻ واريون شيون آهن. (البقره: 219/2، النساءِ: 43/4، المائده: 3/5 الانعام: 145/6، التوبه: 125/9) قرآن مجيد ۾ رجس جو لفظ تقريبًا 9 جاين تي آيو آهي. سورت الحج ۾ ”اُحِلَّتۡ لَكُمُ“ (توهان لاءِ حلال ڪيا ويا آهن) جي مقابلي ۾ ”فَاجۡتَنِبُوا الرِّجۡسَ“ (يعني حرام ڪان بچو) آيو آهي. ان ڪري اهو چوڻ تہ شراب لاءِ حرام هجڻ جو لفظ نہ آيو آهي، ان ڪري شراب حرام ناهي، اهو خيال غلط آهي، رجس ۽ نجس حرام جي معنىٰ بہ ڏين ٿا. شراب جوئا ۽ باطل خدا جي آستانن تي انهن کي راضي ڪرڻ لاءِ قرباني ڪرڻ سڀ حرام آهن. انهن ڪان بچو تہ جيئن زندگيءَ جون ڪاميابيون ماڻي سگهو. شيطان جي خواهش آهي تہ هو شراب ۽ جوئا جي ذريعي اوهان ۾ دشمني جهڳڙا ۽ ڪينو برپا ڪري ۽ اوهان کي الله تعالىٰ جي ذڪر ۽ نماز ڪان روڪي رکي. چو تہ شراب ۽ جوئا جو آخري نتيجو اهو ئي نڪرندو آهي، هاڻي ٻڌايو تہ هنن صريح حڪمن جي باوجود اوهان اهڙن شيطاني ڪمن ڪان رڪجڻ وارا آهيو يا ناهيو؟ شراب ۽ جوا کي ”اَنصَاب“ ۽ ”اَزلَام“ سان گڏ بيان ڪري ٻڌايو ويو آهي تہ شراب ۽ جوا بہ بت پرستيءَ وانگر آهي. ابن ماجه ۾ حديث آهي تہ شراب پيئڻ وارو ايڏو وڏو مجرم آهي، جيترو ڪو بت پرستي ڪري. هڪ ٻي روايت ۾ آهي تہ شراب پيئڻ وارو ڄڻ تہ لات ۽ عزىٰ جو پوڄاري آهي.

شراب عربن جو محبوب مشغلو هو، ان جي حرمت جو حڪم قسطن ۾ ڏنو ويو، اهڙي طرح ٻين شين ۾ بہ اهو طريقو اختيارڪيو ويو. دراصل شراب جوئا وغيره اهڙا عمل آهن، جن سان افراد جي ذهني توازن نہ هجڻ ۽ بگاڙ سبب افراد سان گڏ معاشري ۾ تخريب پيدا ٿئي ٿي. شراب جي ممانعت جو حڪم سورة البقره 119/2 ۽ سورت النساءِ 43/4 ۾ ٿي چڪو آهي. هيءُ آخري حڪم آهي، جيڪو سورت المائده 90/5 ۾ آيو آهي، هن حڪم بعد شراب جو پيئڻ، وڪڻڻ، ٻئي کي ڏيڻ وغيره بند ڪيو ويو. ان ڪري شراب کي مديني منوره جي گهٽين ۾ وهايو ويو. جيڪو اهڙو حڪم نٿو مڃي تہ ان سان جنگ ڪريو، حضور

خاتم النبيين صلى الله تعالى عليه وآله وسلم جن فرمايو: ”لَعَنَ اللهُ الْخَمْرَ وَ شَارِبَهَا وَ سَاقِيَهَا وَبَايِعَهَا وَ مُبْتَاعَهَا وَ عاصِرَهَا وَ مُعْتَصِرَهَا وَ حَامِلَهَا وَالْمَحْمُوْلَةَ اِلَيْهِ“ الله لعنت ڪئي آهي، شراب تي، شراب پيئڻ واري تي، پياريندڙ تي، وڪڻندڙ تي، خريد ڪندڙ تي، شراب ناهڻ واري تي ۽ شراب نهرائڻ واري تي ۽ کڻي ويندڙ تي ۽ جنهن ڏي کڻي وڃي ٿو ان تي. نبي ڪريم خاتم النبيين صلى الله تعالى عليه وآله وسلم ان ميز تي ڪاڌو کائڻ کان روڪيو، جتي شراب هجي. شراب ۾ استعمال ٿيندڙ برتن جي استعمال کان به روڪيو، پر جڏهن شراب جي حڪم تي پورو عمل ٿي ويو ته پوءِ انهن برتنن کي ٻئي ڪم لاءِ استعمال ڪرڻ لاءِ اجازت ڏني وئي. هر نشي واري شي حرام ڪئي وئي آهي. ”وَاَنَا اَنْهٰى عَنْ كُلِّ مُسْكِرٍ“ مان هر نشي واري شيءِ کان منع ڪريان ٿو. ”اَلْخَمْرُ مَا خَامَرَ الْعَقْلَ“ خمر مان مراد اها هر شيءِ آهي جيڪا عقل تي پردا وجهي. ”مَا اَسْكَرَ كَثِيْرَهٗ فَقَلِيْلُهٗ حَرَامٌ“ جنهن شيءِ جي گهڻي مقدار ۾ استعمال ڪرڻ حرام آهي، ان جو ٿورو به حرام آهي.

شراب ۽ جوا ڪيترا گهر اجاڙي ڇڏيا. وڏا دولتمند به قلاش ٿي ويا، ان ڪري شراب کي ”اُمُّ الخبائث“ چوندا آهن. ”انصاب“ ۽ ”ازلام“ به رجس، نجس ۽ گندي شيءِ آهن. انصاب جمع آهي نُصُب جو ۽ ان اڻ گهڙئي پٿر کي چوندا آهن، جنهن جي هو پوڄا ڪندا هئا. ڪعبة الله ۾ اصنام رکيل هئا، جيڪي اهڙا گهڙيل مورتيون ۽ ناهيل بت هوندا هيا. ”ازلام“ جمع آهي ”زَلم“ جو. ان مان مراد اهي تير آهن، جيڪي بتن وٽ رکيل هئا ۽ انهن جي پيشانيءَ تي لکيل هوندو هيو ته هي ڪم ڪيو، هو ڪم نه ڪيو. هي برو آهي، هو سٺو آهي. اهڙيءَ طرح ٻيا اکر لکيا ويندا هيا ۽ انهن تيرن جي ذريعي فال ڪڍندا هيا. شراب جي حرمت بعد ڪجهه اصحاب سڳورن کي اهو فڪر لاحق ٿيو ته هنن جا ڪيترا دوست، عزيز، ويجها مٽ مائٽ شهيد ٿي ويا ۽ شراب پيئندا هئا، انهن جو ڇا ٿيندو. سندن تسلي ۽ اطمينان لاءِ آيو آهي ته هنن جو خاتمو ايمان ۽ تقوىٰ تي ٿيو آهي. شراب بعد ۾ حرام ٿيو، اهي شهيد مؤمن آهن. شراب نوشيءَ جا ڪيترائي نقصان آهن، جن مان ڪجهه هن ريت آهن: (1) شراب نوشيءَ سان نشي جي حالت ۾ عقل نه رهندو آهي ۽ آهستي آهستي ختم ٿي ويندو آهي. (2) شراب نوشيءَ سان بهيمي ۽ فحش خواهشون جنم وٺن ٿيون. (3) عبادت ۽ ذڪر الٰهيءَ کان محرومي ٿئي ٿي. (4) شراب نوشي مال و دولت جي بربادي‌ءَ جو سبب آهي. (5) شراب نوشي باهمي تعلقات تي اثرانداز ٿئي ٿي.

وَاَطِيْعُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ وَاحْذَرُوْا ۚ فَاِنْ تَوَلَّيْتُمْ فَاعْلَمُوْٓا اَنَّمَا عَلٰى
رَسُوْلِنَا الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ ﴿٩٢﴾ لَيْسَ عَلَى الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ جُنَاحٌ
فِيْمَا طَعِمُوْٓا اِذَا مَا اتَّقَوْا وَّاٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ثُمَّ اتَّقَوْا وَّاٰمَنُوْا ثُمَّ
اتَّقَوْا وَّاَحْسَنُوْا ۭ وَاللّٰهُ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٩٣﴾ ع ۱۲/۲

۽ توهان الله جي اطاعت ڪريو ۽ ان جي رسول جي اطاعت ڪريو ۽ نافرمانيءَ کان بچندا رهو، پر جيڪڏهن توهان (اسان جي هن هدايت کان) منهن موڙيندؤ ته ياد رکو اسان جي پيغمبر تي ان ڪانسواءِ ڪا به ذميداري ناهي ته هو وضاحت سان اوهان تائين (الله جون آيتون) پهچائي ڏئي. (92) توهان مان جن ماڻهن ايمان آندو ۽ عمل صالح ڪرڻ لڳا ته انهن (ان ڪان اڳ) جو ڪاڌو پيتو، ان ۾ ڪو به گناهه نه آهي. پر ايمان آڻڻ ڪانپوءِ انهن حرام شين ڪان پاڻ کي بچائي رکيو ۽ انهن کي حرام قرار ڏيندي مڪمل طور ايمان محفوظ رکيو، عمل صالح ڪيا ۽ تقويٰ تي مضبوطيءَ سان ڪاربند رهيا ۽ ايمان جو مظاهرو ڪيو ۽ مڪمل تقويٰ اختيار ڪئي ۽ احسان وارو رويو اختيار ڪيو ته الله اهڙن نيڪو ڪارن سان محبت رکي ٿو.(93)

هن ڪان اڳ شراب، جوئا، انصاب ۽ ازلام جي حرمت جو ذڪر هيو. هاڻي هنن آيتن ۾ هدايت عام آهي، جنهن ۾ تمام حڪمن تي عمل ڪرڻ جو چيو ٿو وڃي ته تمام حلال حرام، جائز، ناجائز شين ۾ فرق رکي، الله تعاليٰ ۽ ان جي رسول خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم جي حڪمن ۽ هدايتن جي دل و جان سان پيروي ڪريو. اوهان جي سلامتي ۽ نجات جو فقط اهو ذريعو آهي ته اوهان الله جي حڪمن جي دل و جان سان اطاعت ڪريو ۽ اهي احڪام الاهي جيڪي ان جي رسول مقبول خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم جي معرفت آيا آهن انهن جي انهيءَ طريقي سان اطاعت ۽ اتباع ڪريو، جهڙي طرح سان سندس اسوه حسنه آهي. "اَنْ تَعْبُدَ اللّٰهَ كَاَنَّكَ

تَرَاهُ فَإِنۡ لَّمۡ تَكُنۡ تَرَاهُ فَإِنَّهٗ يَرَاكَ ” (صحيح بخاري) الله جي اهڙي طرح عبادت ڪريو جڻ تون هن کي ڏسين ٿو ۽ جن جي آڏو عرض گذار آهين، جيڪڏهن اها ڪيفيت پيدا نہ ٿئي تہ ڪم از ڪم ايترو هجي تہ هو توکي ڏسي ٿو ۽ هن جي بارگاهہ عالي ۾ عرض گذار آهين. اهو احسان جو درجو آهي. بار بار تقوىٰ دهرائڻ جو مقصد آهي احسان جو درجو حاصل ٿي وڃي. اهڙيءَ طرح هن سورت جي آيت نمبر71 ۾ ” ثُمَّ عَمُوۡا وَصَمُّوۡا ” جو تڪرار ڪري، بي انتها گمراهي ۽ ضلالت جو ذڪر آهي. اهڙيءَ طرح هت ”اِتَّقَوۡا وَ آمَنُوۡا ”، ” ثُمَّ اتَّقَوۡا وَ آمَنُوۡا ” ۽ ” ثُمَّ اتَّقَوۡا وَ اَحۡسَنُوۡا ” ۾ لفظن جو تڪرار نهايت غورطلب آهي. علامہ بيضاوي رحمة الله عليه فرمائين ٿا تہ انهن ٿي پيرا وري وري اچڻ ۾ صحابہ ڪرام جي ٽن حالتن يا ٽن مقامن جو ذڪر اهي. پهرين ”اِتَّقَوۡا وَ آمَنُوۡا ” هنن جي تقوىٰ ۽ ايمان جي ان ڪيفيت جو بيان آهي، جنهن جو تعلق هنن جي قلب ۽ روح سان آهي. ٻي ”اِتَّقَوۡا وَ آمَنُوۡا ”سان سندن تقوىٰ ۽ ايمان جي ڪيفيت جو حوالو آهي، جيڪا هنن ۽ ٻين ماڻهن درميان هئي ۽ آخري ”اِتَّقَوۡا وَ اَحۡسَنُوۡا ” مان تقوىٰ جي احسان جي ان حالت طرف اشارو آهي، جيڪا هن ۽ سندن رب رحيم ڪريم جي درميان هئي. پهرين تقوىٰ جو ابتدائي درجو آهي، ٻيو ان جو متوسط ۽ درميانو طريقو آهي. آخري ان اعلىٰ ترين ڪيفيت جو مقام آهي، جتي عابد ۽ معبود، ساجد ۽ مسجود درميان دوريءَ جا پردا هٽي ويندا آهن ۽ مشاهدي واري نعمت سان دل جون اکيون روشن ٿي وڃن ٿيون، اهو احسان جو مقام آهي. دعا آهي تہ الله عزوجل هر مؤمن مسلمان کي اهو مقام عطا ڪري. (آمين)

خبردار انهن شين کان بچو، جنهن ۾ الله ۽ الله جي رسول خَاتَمُ النَّبِيِّيۡن صلى الله عليه وسلم جي حڪمن جي انحرافي هجي ۽ دين اسلام کي نقصان رسڻ جو خطرو هجي. ياد رکو تہ سڀ ڪجهہ چٽي نموني ٻڌڻ بعد انهن شرعي حڪمن کي مڃڻ کان انڪار ڪريو ۽ منهن موڙيو تہ ان ۾ اوهان جو قصور آهي، جنهن جا اوهان پاڻ ذميدار آهيو. معلوم هجي تہ اسان جي رسول خَاتَمُ النَّبِيِّيۡن صلى الله عليه وسلم جو ڪم اوهان تائين خدائي پيغام پهچائڻ آهي. اوهان جي نہ سڌرڻ جو هو ذميدار نہ آهي. جيڪي خوشقسمت ماڻهو ايمان جي دولت سان مشرف ٿيا آهن ۽ چڱا ڪم ڪيا اٿن، جيڪڏهن هن حڪم کان اڳ ڪجهہ کاڌو پيتو آهي تہ ان جو پڇاڻو ڪو نہ ٿيندو

۽ اهو گناهه ايمان آڻڻ بعد ميسارجي ويندو. ”اَلتَّآئِبُ مِنَ الذَّنْبِ كَمَنْ لَّا ذَنْبَ لَهٗ“ (السنن الڪبرىٰ للبيهقي- فتح الباري لابن حجر) گناهه ڪان بعد سچي توبه ڪندڙ ائين آهي، جڻڪ هن گناهه ڪيو ئي ناهي. انهيءَ شرط سان ته توبه ڪرڻ بعد وري ساڳيو گناهه جاري نه رکيائون، پرهيزگاري اختيار ڪيائون ۽ ايمان جي سلامتي برقرار رکيائون. وري جڏهن ڪين ڪن شين ڪان روڪيو ويو ته پاڻ کي بچايائون ۽ نيڪ ڪم ڪندا رهيا. منفي ڪمن ڪان رڪجڻ رڳو مقصود ناهي، مثبت ڪمن ۾ شرڪت ڪرڻ به لازمي آهي. بيشڪ الله اهڙن نيڪوڪارن کي محبت ڪري ٿو. (محمد: 7/47) ”اَلَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اَضَلَّ اَعْمَالَهُمْ ○ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَاٰمَنُوْا بِمَا نُزِّلَ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّهُوَ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّهِمْ ۙ كَفَّرَ عَنْهُمْ سَيِّاٰتِهِمْ وَاَصْلَحَ بَالَهُمْ○“ (مُحَمَّد: 47/2-1) جن ڪفر ڪيو ۽ ماڻهن کي الله جي راهه کان جهليو، تن جي عملن کي الله چٽ ڪري ڇڏيو ۽ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا ۽ جيڪي سيدنا ومولانا محمد ڪريم خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَسَلَّمَ تي نازل ڪيو ويو، جيڪو سندن پروردگار پاران حق، سچ آهي، تنهن تي ايمان آندائون ته سندن برايون مدايون ميٽائيون ويون ۽ سندن حال کي سڌاريائين. ”اِنَّ الْحَسَنٰتِ يُذْهِبْنَ السَّيِّاٰتِ“ (هود: 114/11) نيڪيون برائين کي مٽائي ڇڏين ٿيون. ان ڪري قرآن مجيد ۾ ڪيترين ئي جاين تي آيو آهي ته ”مَنْ تَابَ وَاَصْلَحَ وَ عَمِلَ عَمَلًا صَالِحًا“ هتي توبه ڪري معنىٰ گناهه ترڪ ڪري اصلاح ڪري ۽ گناهه سبب پهتل نقصان جو ازالو ڪري، عمل صالح ڪري براين جي اثر کي ميساري ڇڏي ۽ مقامِ تقوىٰ تائين رسائيءَ جي ڪوشش ڪري، جنهن جو راز ۽ ڪاميابيءَ جي ڪنجي هي به لفظ آهن: ” اَطِيْعُوْا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوْا الرَّسُوْلَ “ بس قرآن پاڪ جو خلاصو، دين اسلام جو مقصد، شريعت اسلامي جو خلاصو يا جوهر تصور، سلوڪ جو مدعا، صحابه ڪرام، تابعين، تبع تابعين، بزرگان دين ۽ اولياء الله جو اهوئي مرڪزي نقطو ۽ روح قرآن آهي. دعا آهي ته الله هر مؤمن مسلمان کي اها سعادت نصيب ڪري. آمين.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَيَبْلُوَنَّكُمُ اللّٰهُ بِشَيْءٍ مِّنَ الصَّيْدِ تَنَالُهٗۤ اَيْدِيْكُمْ وَرِمَاحُكُمْ لِيَعْلَمَ اللّٰهُ مَنْ يَّخَافُهٗ بِالْغَيْبِ ۚ فَمَنِ اعْتَدٰى بَعْدَ ذٰلِكَ فَلَهٗ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٩٤﴾

**اي ايمان وارؤ! الله ڪجھ اھڙي شڪار جي ذريعي اوهان کي ضرور آزمائيندو جنهن تائين توهان جا هٿ ۽ هٿيار پهچي سگهن ته جيئن ان شخص جي سڃاڻپ ڪري جو ان کان غائباڻو ڊڄي ٿو ۽ انحرافي نٿو ڪري. پر ان کان پوءِ جيڪڏهن ڪو حدون پار ڪري وڃي ٿو ته ان لاءِ دردناڪ عذاب آهي.(94)**

ياد رهي ته ڪي شيون مطلق حرام آهن، پر ڪجھ حالتن ۾ حلال شين کي به وقتي طور حرام ڪيو ويو آهي، جن ۾ احرام ۾ حلال جانور مارڻ به حرام آهي، پر احرام کان بعد وري حلال آهي. اهڙيءَ طرح روزي ۾ کائڻ پيئڻ، مجامعت حرام ۽ ممنوع آهي، پر روزي کان پوءِ حلال ۽ جائز آهي. هاڻي هت احرام جي حالت ۾ حلال شين جو شڪار به حرام آهي، پر احرام کلڻ بعد شڪار ڪري سگهي ٿو، ڪابه منع يا رڪاوٽ نه آهي، ان ڪري غيراحرام واري سان احرام ۾ هوندي شڪار ۾ مدد ڪرڻ به حرام آهي. احرام واري لاءِ شڪار ڪري ڏيڻ به ممنوع آهي، پر جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ عليحده پنهنجي طور تي شڪار ڪيو آهي ۽ اهو تحفي ۾ گوشت ڏئي ته احرام واري کي اهڙو گوشت کائڻ جي اجازت آهي. مؤمنؤ! الله تعالىٰ توهان کي ڪنهن اهڙي شڪار جي ذريعي ضرور آزمائيندو جيڪو اوهان جي هٿن ۽ هٿيارن (نيزي وغيره) جي پهچ ۾ آهي ۽ آساني سان اوهان ان کي شڪار ڪري سگهو ٿا، اوهان کي ضرورت به آهي، پر الله تعالىٰ اوهان کي احرام ۾ هجڻ وقت شڪار ڪرڻ کان روڪي ٿو. هڪ طرف اوهان جي ضرورت آهي ته ٻئي طرف الله تعالىٰ جو حڪم آهي. انهيءَ ڪشمڪش ۾ الله ڄاڻڻ ٿو گهري ته ڪير غيب ۾ هوندي به الله جي حڪمن جي پيچڪڙي وارن انڊ ڏنل نتيجن کان ڊڄي ٿو (الانعام: 59/6، يونس: 20/10، هود: 31/11، يوسف: 52/12، يٰس: 11/36، الجنّ: 26/72، التڪوير: 24/81) يا ڪين ڪو بيو ڏسڻ وارو نه آهي، سواءِ الله تعالىٰ جي پوءِ جيڪڏهن سچو مؤمن هوندو ته پنهنجي ضرورت هوندي احڪام خداوندي کي ترجيح ڏيندو.

هت هڪ سچو قصو بيان ڪجي ٿو ته سخت گرميءَ جي ڏينهن ۾ هڪ بحري جهاز ڪراچيءَ ۾ لنگرانداز ٿيو. ٽاڪ منجهند جو وقت هيو، مزدور سامان لاهڻ لڳا. انهن مزدورن ۾ هڪ عمر رسيده مزدور به هو، جيڪو روزيدار هو، جيڪو پڻ بار کڻڻ لاهڻ سبب

پگھر ۾ شم هيو. جهاز جي ڪپتان ڪيس سڏي چيو ته تون آرام ڪر ۽ ڪجهه پاڻي پيءُ. هن انڪار ڪندي چيو ته آءٌ روزي سان آهيان. ڪپتان ڪيس پنهنجي ڪيبن ۾ وٺي ويو، ڪيس چيائين ته هتي توکي ڪير به نٿو ڏسي، وٺ هيءُ ٿڌو پاڻي پيءُ. مزدور هٿ آسمان ڏانهن ڪڻندي چيو ته الله ته ڏسي ٿو. ائين چئي، هو ڪيبن کان ٻاهر هليو ويو. اهو انگريز ڪپتان اتي جو اتي مسلمان ٿي پيو ۽ رٽائر ٿيڻ بعد پنهنجي اسلام جو اعلان ڪيائين. جيڪڏهن هو اڳ ۾ مسلمان ٿيڻ جو اعلان ڪري ها ته شايد ڪيس نوڪريءَ تان برخواست ٿيڻو پوي ها. (سچاروي)

پر جيڪڏهن خدا جي حڪمن جي برخلاف پنهنجي ضرورت يا خواهش کي ترجيح ڏيندي احرام ۾ شڪار ڪري وجهندو ۽ جيڪو به اهڙي زيادتيءَ جو مرتڪب ٿيندو ته ان لاءِ دردناڪ عذاب يقيني آهي. ڇو ته خدا جي حڪمن ۾ جيڪي راز پوشيده آهن، انهن جي نقصان جي اگرچه في الحال ڪيس خبر ناهي پر وقت اچڻ تي انهن نافرمانين جا ڀيانڪ نتيجا نڪرڻ وارا آهن. امام شافعي رحمة الله عليه وٽ احرام ۾ رڳو اهڙن جانورن جو شڪار حرام آهي، جن جو گوشت کائجي ٿو، پر جن جو گوشت نٿو کائجي، جيئن گڏهه، گدڙ، لومڙ وغيره، انهن جو مارڻ جائز آهي، پر جمهور جو مذهب اهو آهي ته کاڄندڙ ۽ نه کاڄندڙ سمورن جانورن جو احرام ۾ شڪار حرام آهي، البته ايذاءُ پهچائيندڙ جيئن نانگ بلا وڇون وغيره جو مارڻ حلال يا جائز آهي.

يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَقْتُلُوا الصَّيْدَ وَ اَنْتُمْ حُرُمٌ ؕ وَ مَنْ قَتَلَهٗ مِنْكُمْ
مُّتَعَمِّدًا فَجَزَآءٌ مِّثْلُ مَا قَتَلَ مِنَ النَّعَمِ يَحْكُمُ بِهٖ ذَوَا عَدْلٍ مِّنْكُمْ هَدْيًا بٰلِغَ
الْكَعْبَةِ اَوْ كَفَّارَةٌ طَعَامُ مَسٰكِيْنَ اَوْ عَدْلُ ذٰلِكَ صِيَامًا لِّيَذُوْقَ وَبَالَ اَمْرِهٖ ؕ
عَفَا اللّٰهُ عَمَّا سَلَفَ ؕ وَمَنْ عَادَ فَيَنْتَقِمُ اللّٰهُ مِنْهُ ؕ وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ ذُو انْتِقَامٍ ﴿٩٥﴾
اُحِلَّ لَكُمْ صَيْدُ الْبَحْرِ وَ طَعَامُهٗ مَتَاعًا لَّكُمْ وَ لِلسَّيَّارَةِ ۚ وَ حُرِّمَ عَلَيْكُمْ
صَيْدُ الْبَرِّ مَا دُمْتُمْ حُرُمًا ؕ وَاتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِيْٓ اِلَيْهِ تُحْشَرُوْنَ ﴿٩٦﴾

مؤمنو! جڏهن احرام جي حالت ۾ هجو تہ شڪار مارڻ جي نہ ڪريو. (اهو ممنوع آهي) ۽ ياد رکو اوهان جيڪڏهن منع هجڻ باوجود ڄاڻي ٻجهي ان کي ماريو (شڪار ڪيو) تہ ان جو بدلو اوهان جي حلال جانورن مان ان جهڙو (قد بت ۾) ڪو جانور هجي جهڙو اوهان شڪار ڪيو آهي، جنهن جو فيصلو اوهان مان ٻہ عادل شخص ڪن ۽ اهو نياز طور ڪعبة الله پهچايو ويندو. جيڪڏهن جانور نہ ملي تہ مسڪينن کي کاڌو کارائڻو پوندو. يا ان جي برابر روزا رکڻا پوندا تہ جيئن هو پنهنجي غلطيءَ جي سزا جو مزو چکي. هن کان اڳ جو ڪجهہ ٿيو اهو الله معاف ڪري ڇڏيو. پر جيڪڏهن هن حڪم کان پوءِ وري اهو گناهہ ڪيو تہ الله ان جو بدلو وٺندو. الله زبردست قوت جو مالڪ ۽ هر شيءِ تي غالب ۽ انتقام وٺڻ وارو آهي.(95) توهان جي لاءِ درياءَ (سمندر) جو شڪار ۽ ان جو کائڻ توهان جي ۽ مسافرن جي استعمال ڪرڻ لاءِ حلال ڪيو ويو آهي. البتہ خشڪيءَ جو شڪار ڪرڻ احرام جي حالت ۾ اوهان لاءِ حرام ڪيو ويو آهي. الله وٽ حساب ڏيڻ جو سوچي انحرافي کان بچو جنهن وٽ اوهان سمورن کي گڏ ڪيو ويندو.(96)

---

هن کان اڳ طيّبات يعني پاڪ ۽ حلال شين کي حرام ڪرڻ لاءِ منع ٿيل هئي. هت اهو ٻڌايو ٿو وڃي تہ الله هر شيءِ تي مختار ۽ حاڪم آهي، بعض اوقات ڪجهہ حالتن ۾ حلال شيون بہ ممنوع ۽ حرام ڪري ڇڏي، جهڙيءَ طرح احرام ۾ بري شڪار جي منع آهي، پر احرام کلڻ بعد اهي پاڪ ۽ حلال شيون جائز ۽ حلال آهن، اهڙيءَ طرح حرم جي حدن اندر بہ هر حالت ۾ شڪار جي ممانعت آهي، پر حرم جي حدن کان ٻاهر احرام کلڻ بعد حلال آهي. احرام جي حالت ۾ شڪار ڪرڻ کان جو روڪيو ويو آهي، ان کي معمولي ڳالهہ نہ سمجهو، هن ۾ اوهان جي فرمانبرداري، تابعداري، اطاعت ۽ اتباع جي پرک آهي، مؤمنن کان اهڙي آزمائش ڪيترا ڀيرا قرآن ۾ آيل آهي. (البقره: 155/2، آل عمران: 186/3-

179، التوبه: 16/9، العنكبوت: 29/29، مُحمّد 20/47) مسلمانو! جڏهن توهان احرام ۾ هجو تہ جانور جو شڪار نہ ڪريو، ڪعبہ امن جو مقام آهي، اتي تہ جان جي دشمن کي بہ ايذاءُ رسائڻو نہ آهي. حرم جي حدن ۾ موذي جانور نانگ، بلا، وڇون جي مارڻ کان سواءِ ڪنهن بہ جاندار کي مارڻ جي هميشه لاءِ اجازت ناهي، ان ڪري ڪعبي جي حرمت ضروري آهي. پر جيڪڏهن توهان مان ڪو شخص ڄاڻي ٻجهي شڪار ڪري ٿو تہ پوءِ ان انحرافيءَ جو ڪفارو ڏيڻو پوندو ۽ اهو هي آهي تہ جنهن جانور جو شڪار ڪيو اٿس، ان جي برابر چوپايو جانور صدقو ڪري. مثال طور هرڻ جي بدلي ٻڪر ، دنبو، نيل گائي جي بدلي ۾ ڳئون ڏاند، پاڏو وغيره ڏئي. برابر جانور جي تشريح ڪندي حضرت ابن عباس رضي الله تعالیٰ عنه جو قول آهي تہ هرڻ جي برابر ٻڪري ۽ رڍ آهي، يا ان جي قيمت مان ڇهن مسڪينن کي ڪاڌو کارائڻ يا ٽي روزا رکڻ آهن، پر جيڪڏهن ٻارنهن سڱو، سانڀر جهڙو ۽ جيترو جانور شڪار ڪيو آهي، تہ ان جي مثل ڳئون، ڏاند يا پاڏو آهي. جيڪڏهن اهڙو جانور دستياب نہ هجي تہ پوءِ ويهہ مسڪينن کي ڪاڌو کارائڻ يا ويهہ روزا رکڻ آهي، پر جانور شترمرغ، مارخور (گورخر) آهي تہ ان جو مثل اٺ آهي يا ٽيهہ مسڪينن کي ڪاڌو کارائڻ يا ٽيهہ روزا رکڻا آهن. اهو فيصلو تہ ڪهڙو جانور بدلي ۾ ڏجي، بہ متقي پرهيز گار، عادل ماڻهو فيصلو ڪندا. اهو جانور بيت الله جي نذر طور موڪليو ويندو تہ جيئن ضرورتمند کائي سگهن. يا ڪفارو ڏئي، جنهن ۾ ان جانور جي قيمت جي لحاظ سان مسڪينن کي ڪاڌو کارائي يا مسڪينن جي تعداد برابر روزا رکي. هي ڪفارو ان لاءِ آهي تہ جيئن هو پنهنجي عمل جو مزو چکي ۽ احرام ۽ حرم جي احترام ۾ امن برابر رهي. هن کان اڳ جو ڪجهہ ٿي گذريو، الله اهو معاف ڪيو. پر هن صريح حڪم اچڻ بعد بہ جيڪڏهن ڪو وري احرام ۾ يا حدود اندر شڪار ڪندو تہ الله تعالیٰ سندس هن قانون شڪني ۽ نافرماني جي ڪري انتقام وٺندو. الله ايترو غالب قوت ۽ قدرت وارو آهي، جو هر عمل جي جزا جو انتقام وٺڻ جي طاقت رکي ٿو.

حضرت ٿانوي رحمه الله تفسير بيان القرآن ۾ هنن آيتن بابت چند اهم نڪتا لکيا آهن: (1) احرام ۾ ۽ حرم جي حدن ۾ کائڻ واري حلال جانور جو شڪار هجي يا نہ، کائڻ وارو جانور ۽ حرام جانور ٻنهي جو شڪار منع آهي. (2) شڪار (صيد) اهڙن جانورن جو

هجي، جيڪي وحشي (جهنگلي، غيرپالتو) جانور آهن. اهو ممنوع آهي، باقي پالتو جانور ٻڪري، رڍ، ڳئون، ڍاڳو يا اٺ وغيره ذبح ڪرڻ حلال ۽ جائز آهن، انهن کي ذبح ڪري کائي سگهي ٿو. (3) دريائي (ساموندي) جانورن، پکين يا مڇيءَ جي شڪار جي اجازت آهي. جڏهن سمنڊ جو سفر ڪري رهيو هجي. باقي موذي جانور، نانگ، وڇون، ڇتو ڪتو جيڪو حملو ڪري، انهن جو مارڻ جائز آهي. (صحيح مسلم - مؤطا امام مالڪ) (4) جيڪو حلال شڪار غير احرام واري حرم کان ٻاهر پنهنجي طور ڪيو آهي، ان جو کائڻ احرام واري لاءِ حلال آهي. (5) جنهن شڪار ۾ احرام واري جو تعاون هجي يا ان لاءِ شڪار ڪيو وڃي يا ان جي حڪم سان ڪيو وڃي، ان جو کائڻ حرام آهي. (6) حرم اندر ارادي سان شڪار ڪري يا خطا ۽ نسيان سان، هر حالت ۾ جزا ۽ بدل واجب آهي. هڪ ڀيرو ڪري، ٻه ڀيرا ڪري يا ٽي ڀيرا ڪري، هر ڀيري لاءِ الڳ جزا ۽ بدلو آهي. (7) شڪار ٿيل جانور حلال جانور ناهي ته پوءِ هڪ ٻڪري جزا ۽ بدلي ۾ ڪافي آهي، پر جيڪڏهن حلال جانور آهي ته پوءِ ان جي قيمت جو مساوي جانور يا مسڪينن کي کاڌو کارائڻ يا روزا رکڻ لازم آهي. اها ان جرم جي سزا آهي. بدلي وارو جانور يا رقم وغيره ڪعبة الله ڏانهن موڪلي، اتي ذبح ڪبو ۽ مسڪينن کي کارائبو. مساوي جانورن مان مراد قد بت ۾ برابر هجي، قيمت ۾ برابر لازم ناهي، مثال طور هرڻ لاءِ ٻڪر، ڦاڙهي ۽ نيل گاءِ لاءِ ڳئون، ڍاند يا ڍاڳو يا اُٺ وغيره هوندو.

البته توهان لاءِ سمنڊ جو شڪار ۽ کاڌو حلال ڪيو ويو آهي، يعني حاجي احرام جي حالت ۾ ڪشتي يا بحري جهاز ۾ سفر ڪري رهيو آهي ته مڇي وغيره جو شڪار ڪري ته جائز آهي. اها رعايت ان لاءِ آهي ته جيئن سمنڊ ۾ هوندي پاڻ به فائدو حاصل ڪري ۽ گڏ سفر ڪندڙن کي به فائدو پهچائي. پر جيستائين احرام ۾ آهي ته خشڪيءَ ۾ شڪار ڪرڻ حرام آهي. احرام وارو نه پاڻ شڪار ڪري ۽ نه وري ڪنهن جي شڪار ۾ مدد ڪري. ڪو ٻيو شخص هن لاءِ شڪار ڪري ته ان جو گوشت به نه کائي. پر جيڪڏهن ڪنهن شڪار پاڻ لاءِ ڪيو ۽ احرام ۾ ناهي ۽ ان شڪار مان تحفي طور احرام واري کي گوشت ڏئي ته اهو کائي سگهي ٿو. هنن واضح حڪمن جي انحرافي ۽ نافرمانيءَ جي نتيجن کان

ڏجو هڪ ڏينهن اوهان ان جي بارگاهہ ۾ سڀ گڏجي مجرم جي حيثيت ۾ پيش ڪيا ويندا. جتي نہ سفارش هلندي نہ ڏيتي ليتي ڪري جان آزاد ڪرائي سگهبي ۽ نہ ڪو مددگار هوندو. وڌيڪ تفصيل ڏسو البقره 48/2 ۾)

جَعَلَ اللّٰهُ الْكَعْبَةَ الْبَيْتَ الْحَرَامَ قِيٰمًا لِّلنَّاسِ وَالشَّهْرَ الْحَرَامَ وَالْهَدْيَ وَالْقَلَآئِدَ ؕ ذٰلِكَ لِتَعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ وَاَنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿۹۷﴾ اِعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ وَاَنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ؕ﴿۹۸﴾

هي ڪعبة الله واجب الاحترام مرڪز آهي) جنهن جي بين الاقوامي مرڪزيت مان نوع انسان ڪي پاڙيرو ڪرڻ مقصود آهي تہ جيئن امت اسلام اجتماعي طور ڪنهن جي محتاج نہ رهي.) بيت الحرام ۽ شهر الحرام ۾ جنگ و جدل جي ممانعت آهي ۽ اهي هدي (قرباني آيل) ۽ قلائد جن جي گردن ۾ پٽا ٻڌل آهن، انهن جانورن جيڪي مڪي طرف اسلامي اجتماع جي ضرورت لاءِ آندا وڃن ٿا، انهن ڪي هر شرارت ڪان عزت ۽ احترام وارو بنايو آهي. الله تعالیٰ جهڙيءَ طرح آسمانن ۽ زمين ۾ جو ڪجهہ آهي، ان جي ضرورتن ڪان آگاهہ آهي اهڙي طرح هو هيڏي وڏي بين الاقوامي اجتماع جي هر شيءِ (ضرورت) ڪان آگاهہ آهي.(97) سو ياد رکو! جيڪا قوم هنن حڪمن جي خلاف ورزي ڪندي تہ ان لاءِ الله جو شديد عذاب آهي. پر جيڪو ماڻهو عمل پيرا ٿيندو، ان لاءِ الله جي بخشش ۽ دائمي رحمت سدا موجودآهي.(98)

هي بين الاقوامي مرڪزڪعبة الله يعني بيت الحرام واحب الاحترام مقام آهي. بيت الحرام يعني حرم جي اندر شڪار ڪرڻ، وڻ ڪٽڻ بہ ممنوع آهي. حرم اندر

جيڪڏهن ڪنهن جي والد جو قاتل بہ سامهون اچي، تہ ان کي ڪجهہ ناهي چوٽو. ان ڪري ڪعبة الله ڏانهن ايندڙ جانورن کي بہ تڪليف ناهي ڏيڻي، هر ماڻهو امن ۾ هوندو. "وَمَنۡ دَخَلَهٗ كَانَ اٰمِنًا" جيڪو هت آيو، ۽ هن ۾ داخل ٿيو، اهو الله جي امن ۾ اچي ويو. ڪعبة الله "قِيَامًا لِّلنَّاسِ" آهي. ماڻهن جي قيام ۽ گذران جو امين ۽ ڪين پاڻ پرو ڪرڻ پنهنجي پيرن تي بيهڻ، ٻين جي محتاجيءَ کان بچائڻ ۽ بين الاقوامي اجتماع جو مرڪز آهي. اهو بين الاقوامي مرڪزي مقام نوع انسان جي اجتماع ۽ قيام يعني انهن کي پاڻ پرو ڪرڻ جو هنڌ آهي تہ جيئن هتان پنهنجي سيرت ۽ ڪردار جي تعمير ڪري گناهن ۽ براين جي اثر کان پاڪ صاف ٿي خود اعتمادي ۽ خود انحصاريءَ سبب ڪنهن جا محتاج نہ ٿيو. دنيا ۾ کان زيارت لاءِ ايندڙن کي آرام ۽ سڪون سان پهچڻ لاءِ ڪجهہ مهينن لاءِ هت جنگ و جدل، فتنو فساد ممنوع قرار ڏنل آهي. حرم پاڪ تہ هر وقت هرهڪ لاءِ امن ۽ سلامتيءَ جو گهوارو آهي. "وَمَنۡ دَخَلَهٗ كَانَ اٰمِنًا" قربانيءَ جا جانور ۽ اهي جانور جن جي ڳچيءَ ۾ پٽا ٻڌل آهن، اهي الله جا شعائر (نشانيون) آهن. (المائده: 2/5) انهن جي حفاظت ڪرڻي آهي ۽ ڪين ڪو نقصان ڏيڻو ناهي، هي دور جهالت جون روايتون نہ آهن. پر ڪعبة الله جي حرمت ۽ الله جا تحفا آهن. هي نصيحت ۽ هدايت اوهان کي ان لاءِ ڪئي ٿي وڃي تہ جهڙي طرح الله تعالىٰ زمين ۽ آسمان ۾ موجود سمورين شين جي حسن ۽ خوبي سان نظام قائم ڪيو آهي، اهڙي طرح نوع انسان لاءِ بہ سندس بهتري ۽ ضرورتن جو اهتمام ڪيو آهي. يقينًا الله جو همہ گير نظام هن پوري ڪائنات ۽ عالم انساني جي تمام ضرورتن ۽ مصلحتن کان پوري طرح باخبر آهي. ان ڪري هر شيءِ مهيا ٿي وڃي ٿي. هر موسم جا ميوا، ڦل، ڀاڄيون، اناج جانور سڀ موجود آهن، ان ڪري ڪعبة الله جي عزت، عظمت ۽ شعائر جي حرمت جو پورو پورو احترام ڪريو. جزيره عرب ۾ ڪعبة الله جي حيثيت فقط هڪ مقدس عبادتگاهہ جي نہ هئي، پر ان سان گڏوگڏ عربن جي باهمي تمدني، تجارتي علمي، ادبي رابطن جو نهايت مؤثر مقام هو. حرام مهينن جي ڪري آمد و رفت جي سهولت هئي ۽ حضور خَاتَمُ النَّبِيِّين ﷺ جي بعثت سان هي بين الاقوامي مرڪزي اجتماعي رهبري ۽ رهنمائيءَ جو مقام ٿي ويو آهي. جتي هر ملڪ، هر قوم، هر رنگ، هر

نسل جا ماڻهو ڪعبة الله جي گرد چئني طرفن کان هڪ مرڪز طرف جهڪڻ وارو عمل اتحاد بين المسلمين جو منظر پيش ڪري ٿو، جيڪو الله جي وحدت ۽ انساني وحدت جو عمدو مثال آهي. جيڪي ماڻهو الله تعالیٰ جي هنن حڪمن جي سختي سان پابندي ڪن (ته اهي الله جي نعمتن ۽ نوازشن سان سرفراز ٿيندا ڇو ته الله نهايت بخشش ڪرڻ وارو ۽ دائمي ۽ بي پايان رحمتن جو مالڪ آهي، پر جيڪڏهن ڪو شخص انهن حڪمن جي خلاف ورزي ڪندو ته اهڙي نافرمان شخص لاءِ خدا جي سخت گرفت، ڏمر ۽ عذاب هوندو.

گذريل آيتن ۾ احرام ۾ شڪار ڪرڻ يا حرم جي احترام کي مدنظر رکندي، ان جي حدن اندر شڪار ڪرڻ کان منع ڪرڻ عين حڪمت ۽ مصلحت آهي. انهن جي تعميل ڪرڻ ۾ ئي خير آهي. انهن جي خلاف ورزي سخت وبال ۽ عذاب آهي، پر جيڪڏهن ڪنهن کان ڀل ۾ يا غلطيءَ ۾ ڪا ڪوتاهي يا غلطي ٿي وڃي ته الله فورًا عذاب نٿو ڏئي، پر مهلت جو وقت ڏئي ٿو. گناهه کان توبه ڪندڙ، ندامت ۽ شرمنديءَ جو اظهار ڪندڙن لاءِ مغفرت جا دروازا کليل آهن، پر جيڪڏهن غلطي انيا ويسر ۾ گناهه يا ڪوتاهي ٿي وڃي ته ڪفارو ڏئي توبه ڪري، ان جي تلافي ڪري سگهي ٿو. الله تعالیٰ اهڙن ٻانهن کي بخش ڪرڻ وارو ۽ بي پايان لڳاتار رحمت ڪرڻ وارو آهي.

مَا عَلَى الرَّسُوْلِ اِلَّا الْبَلٰغُ ؕ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ مَا تُبْدُوْنَ وَمَا تَكْتُمُوْنَ ﴿٩٩﴾ قُلْ
لَّا يَسْتَوِى الْخَبِيْثُ وَالطَّيِّبُ وَلَوْ اَعْجَبَكَ كَثْرَةُ الْخَبِيْثِ ۚ فَاتَّقُوا اللّٰهَ يٰۤاُولِى
الْاَلْبَابِ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿١٠٠﴾ ع ١٣/٣

الله جي رسول خاتم النبيين ﷺ تي پوري طرح احڪام رساني ڪانسواءِ ڪا ٻي ذميداري ڪجهه به ناهي. اوهان جو ڪجهه ظاهر ڪيو ٿا ۽ يا مخفي رکو ٿا الله ان کان پوري طرح آگاهه آهي. (99) ڪين چئو ته خبيث (ناپاڪ هلاڪ ڪندڙ) ۽ طيب (پاڪ نشونما ڪندڙ) روش ۽ شيون برابر نه آهن. توڙي ڪٽي ظاهري طور

**خبيث شيون روش توکي چڱيون نظر اچن. ان ڪري توهان کي گهرجي تہ تقويٰ (فائدي واريون شيون روش) جو رشتو الله سان قائم رکو تہ جيئن اوهان ڪاميابي حاصل ڪري سگهو.(100)**

---

هن ڪان اڳ ڪعبة الله، حرم، احرام لاءِ چٽاچٽا احڪام پيش ڪيا ويا آهن. آيت 92 ۾ ”وَاَطِيۡعُوا اللّٰهَ وَاَطِيۡعُوا الرَّسُوۡلَ وَاحۡذَرُوۡا ۚ فَاِنۡ تَوَلَّيۡتُمۡ فَاعۡلَمُوۡۤا اَنَّمَا عَلٰى رَسُوۡلِنَا الۡبَلٰغُ الۡمُبِيۡنُ○“ يعني الله جل شانه جي اطاعت ڪريو ۽ رسول الله ﷺ جي اطاعت ڪريو ۽ ان ۾ ڪوتاهي يا نافرمانيءَ کان ڊڄندا رهو، پر جيڪڏهن اوهان اسان جي هنن حڪمن کان منهن موڙيندا تہ ياد رکو اسان جي پيغمبر جي ان کان سواءِ ڪابہ ذميداري ناهي. هن جي ذمي توهان تائين الله جو پيغام مِنَّ و عَنَّ پهچائڻو آهي. ان جي اطاعت ڪرڻ يا ان جي خلاف ورزي ڪرڻ اوهان جي اختيار ۾ آهي، پنهنجي عمل جا اوهان پاڻ ذميدار آهيو، ان ڪري عقلمند ٿي الله تعاليٰ جي حڪمن ۽ قانونن جي ايمان ۽ يقين سان پيروي ڪندا رهو تہ ڪاميابي ماڻي سگهو. الله تعاليٰ اوهان جي هر عمل کان ظاهر ڪيو يا مخفي رکو پوري طرح ڄاڻ رکي ٿو. ”يَعۡلَمُ خَآئِنَةَ الۡاَعۡيُنِ وَمَا تُخۡفِى الصُّدُوۡرُ“ هو اکين جي خيانت ۽ سيني جا راز ڄاڻي ٿو. (الانعام: 3/6، المؤمن: 19/40، الملک: 13/67) اي پيغمبر خدا ﷺ تون هنن کي ٻڌاءِ تہ پاڪيزه ۽ گندي شيءِ برابر نہ آهن، اهو اوهان جو اختيار آهي، جيڪو اوهان پاڻ لاءِ انتخاب ڪيو. پاڪيزه ۽ طيّب شين جا خوشگوار نتيجا آهن، خبيث ۽ پليد شين جا نتيجا هاڃيڪار آهن، ڪٿي اوهان کي پليت ۽ گنديون شيون سٺيون لڳن ۽ انهن جي ميٺڙ ۾ مست ٿي وڃو. ”وَعَسٰۤى اَنۡ تَكۡرَهُوۡا شَيۡـئًا وَّهُوَ خَيۡرٌ لَّكُمۡ ۚ وَعَسٰۤى اَنۡ تُحِبُّوۡا شَيۡـئًا وَّهُوَ شَرٌّ لَّكُمۡ ؕ وَاللّٰهُ يَعۡلَمُ وَاَنۡتُمۡ لَا تَعۡلَمُوۡنَ “ (البقره: 2/ 216) ممڪن آهي تہ اوهان جنهن شيءِ کي برو سمجهو ٿا اها اوهان لاءِ سني (خير) هجي، وري جنهن شيءِ کي سٺو سمجهو ٿا، اها اوهان لاءِ بري ۽ خراب هجي. ان ڳالهہ جو اوهان وٽ ڪو علم ناهي. اوهان ڪجهہ نٿا ڄاڻو، صرف الله تعاليٰ کي ان جو پورو علم آهي.

کارسازِ ما بفکرِ کار ما
فکرِ ما در کار ما آزار ما

اسان جو ڪارساز الله مهربان هميشہ اسان جي ڀلائيءَ جي فڪر ۾ آهي، پر اسان جو فڪر اسان جي ڪم ۾ اسان لاءِ آزار آهي.

سيئي سبحان جي ڪر حوالي ڪم
تي تحقيق تسليم ۾ لاهي غم وهم
تہ قادر ساڻ ڪرم، حاصل ڪري حاج تو (شاهہ)

الله تعالىٰ پنهنجي محبوب ڪريم عليه الصلواة والسلام کي ارشاد فرمائي ٿو تہ توهان پنهنجي امت کي ٻڌائي ڇڏيو تہ ڪافرن جي جاهہ و حشمت، مال و دولت ۽ افرادي قوت جي ڪثرت کي ڏسي پنهنجي غربت ۽ مسڪينيءَ تي غمگين ۽ پريشان نہ ٿيو، ڇوتہ خبيث ۽ طيب (ناپاڪ ۽ پاڪ) هڪ جهڙا نٿا ٿي سگهن. اوهان پاڪ آهيو، هو پليد آهن. خبيث ۽ طيّب مان مراد حلال ۽ حرام بہ آهي. ڪافر نافرمان ۽ مؤمن، مطيع آهي. ڪافر سراپا نجس آهن. حديث شريف موجب مؤمن نجس نہ هوندو آهي، سو مسلمانؤ! الله اوهان کي پاڪ رکيو آهي، ڪافر نجس آهن، يعني توهان طيّب آهيو ۽ هو خبيث آهن. هو ڪيترا بہ مالدار، طاقتور هجن، پر خبيث آهن. اوهان ڪيترائي مسڪين هجو، پر ايمان جي نور سان طيّب ۽ پاڪ آهيو. دنيا توڙي آخرت ۾ هنن جو توهان سان ڪو مقابلو ناهي.

چہ نسبت خاک را با عالم پاک

اُن ڪري الله تعالىٰ ياران انهن جي سخت نتيجن نڪرڻ کان پاڻ کي بچائيندا رهو، هوش ۽ عقل کان ڪم وٺو تہ جيئن اوهان ڪاميابي ۽ ڪامراني حاصل ڪري سگهو.

پرواز ہے دونوں کی اسی ایک فضا میں
کرگس کا جہاں اور ہے، شاہیں کا جہاں اور۔ (اقبال)

انسان وٽ ڪنهن شيءِ جي قيمت ان جي ظاهري معيار سان آهي، پر الله وٽ ان جو اندروني قدر و قيمت معيار آهي. ”اِنَّ اَكۡرَمَكُمۡ عِنۡدَ اللّٰهِ اَتۡقٰكُمۡ“ الحجرات: 13/49)

حلال ۽ پاڪ جي ٿورڙي شيءِ بہ حرام ۽ ناپاڪ شيءِ جي وڏي ڍير کان بہ وڌيڪ قيمتي ۽ وڏي قدر ۽ اعلىٰ معيار واري آهي. (صحيح بخاري) "اِنَّ اللّٰهَ لَا يَنْظُرُ اِلٰى صُوَرِكُمْ وَاَمْوَالِكُمْ وَلٰكِنْ يَّنْظُرُ اِلٰى قُلُوْبِكُمْ وَ اَعْمَالِكُمْ" (صحيحين) الله اوهان جي صورت ۽ مال کي نٿو ڏسي، پر اوهان جي دل ۽ ايمان کي ڏسي ٿو. الله جي راهہ ۾ حلال ڪمائي مان هڪ لقمي برابر صدقو اُحد پهاڙ جيترو هوندو.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَسْـَٔلُوْا عَنْ اَشْيَآءَ اِنْ تُبْدَ لَكُمْ تَسُؤْكُمْ ۚ وَاِنْ تَسْـَٔلُوْا
عَنْهَا حِيْنَ يُنَزَّلُ الْقُرْاٰنُ تُبْدَ لَكُمْ ؕ عَفَا اللّٰهُ عَنْهَا ؕ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ حَلِيْمٌ ﴿١٠١﴾
قَدْ سَاَلَهَا قَوْمٌ مِّنْ قَبْلِكُمْ ثُمَّ اَصْبَحُوْا بِهَا كٰفِرِيْنَ ﴿١٠٢﴾ مَا جَعَلَ اللّٰهُ مِنْۢ
بَحِيْرَةٍ وَّلَا سَآئِبَةٍ وَّلَا وَصِيْلَةٍ وَّلَا حَامٍ ۙ وَّلٰكِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا يَفْتَرُوْنَ
عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ ؕ وَاَكْثَرُهُمْ لَا يَعْقِلُوْنَ ﴿١٠٣﴾ وَاِذَا قِيْلَ لَهُمْ تَعَالَوْا اِلٰى
مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ وَاِلَى الرَّسُوْلِ قَالُوْا حَسْبُنَا مَا وَجَدْنَا عَلَيْهِ اٰبَآءَنَا ؕ اَوَلَوْ كَانَ
اٰبَآؤُهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ شَيْـًٔا وَّلَا يَهْتَدُوْنَ ﴿١٠٤﴾

اسان اوهان کي طيب ۽ خبيث روين ۽ روش جي خبر ڏني آهي، هنن جي تفصيل نہ ڏني آهي توهان انهن بابت ڳولي سوال نہ پڇو (جن بابت قرآن خاموش آهي) جيڪڏهن ان بابت توهان وضاحتون پڇندا، جڏهن نزول قرآن ٿي رهيو آهي تہ پوءِ اهي وڌيڪ ظاهر ڪيون ويندي‌ون، (جنهن ۾ اوهان جي صواب ديد (اختياري اجازت) ختم ٿي ويندي. اڳتي لاءِ خيال ڪريو) پويون غلطيون الله معاف ڪرڻ فرمائيندو، الله نهايت بخشڻهار ۽ بردبار آهي. (101) اوهان کي معلوم هئڻ گهرجي تہ بيشڪ اوهان کان اڳ هڪ قوم اهڙي طرح سوال تي سوال ڪيا هئا. جڏهن انهن جي تفصيل بيان ڪئي وئي تہ پوءِ هو ان جا انڪاري ٿي ويا. (102) الله جي قانون ۾ تہ نہ بَحيره جو ذڪر آهي نہ صائبہ جو نہ

وصيله جو ۽ نہ حام جو (ھي مختلف جانور آھن، جن کي عرب تبرڪ جي لحاظ سان رکندا ھئا) ھي وھم پرستي جون ڪوڙيون جعلي رسمون ھنن الله ڏانھن منسوب ڪيون آھن تہ ھي خدا طرفان آھن. ھي نادان ايترو بہ نٿا سمجھي سگھن تہ ھنن بيوقوفيءَ وارين رسمن جو خدا سان ڪو واسطو ناھي. (103) ھنن ڪوڙين وھمي رسمن کي سچ سمجھڻ وارن کي جڏھن چئجي ٿو تہ ان قانون طرف اچو، جيڪو الله نازل ڪرڻ فرمايو آھي ۽ ان جي رسول ﷺ ڏانھن اچو جنھن ان جي عملي تصوير پيش ڪئي آھي تہ ھو ان جي موٽ ۾ چون ٿا تہ جنھن مسلڪ تي اسان جا وڏڙا ھئا اھو اسان لاءِ ڪافي آھي، (۽ ھن دين جي ضرورت نہ آھي) توڙي ڪٽي انھن جا ابا ڏاڏا نہ علم و بصيرت رکندا ھجن ۽ نہ خدا جي ہدايل راھ تي ھجن.(104)

الله تعاليٰ طيب ۽ خبيث شين جا عالمگير اصول بيان ڪري ڇڏيا آھن، انھن جي ڪثرت جي خواھش رکڻ بدران انھن جي نفع ۽ نقصان کي ڏسو.

وکر سو وِھاءِ، جو پئي پراٹو نہ ٿئي
ويچيندي ولايت ۾، ذرو ٿئي نہ ضاع (شاھ)

لھٰذا جن شين جي تفصيل اسان نہ ڏني آھي، انھن بابت سوال تي سوال نہ ڪريو، ڇو تہ جيڪڏھن انھن جو تفصيل ظاھر ڪيو ويو تہ شايد اوھان کي ڏکيو لڳي، خاص طرح جڏھن قرآن نازل ٿي رھيو آھي تہ ان وقت اوھان تي اھا شيءِ ظاھر ڪئي ويندي ۽ اوھان لاءِ مشڪلاتون پيدا ٿي وينديون. ھن وقت تائين جو ڪجھ اوھان کان ٿيو الله معاف ڪري ڇڏيو آھي. الله غفور رحيم آھي ۽ اوھان جي غلطين ھوندي بہ بردبار آھي. ھن جي وڌيڪ وضاحت ھن طرح آھي تہ ھڪ صحابي سڳوري حضور ﷺ کان پڇيو تہ ڇا حج ھر سال ڪرڻو آھي؟ (آل عمران: 17/3) حضور ﷺ جواب ڏيڻ بدران منھن موڙي ڇڏيو. ٻئي دفعي ۽ ٽئين دفعي ساڳيو سوال پڇڻ تي نبي ڪريم ﷺ ڪيس چيو تہ جيڪڏھن مان تنھنجي سوال جي جواب ۾ 'ھا' ڪريان تہ توھان لاءِ ھر سال حج فرض ٿي

وجي ها. ان ڪري اهڙا سوال نہ پڇو. هن ڪان اڳ هڪ قوم (بني اسرائيل) اهڙيءَ طرح ڪوڙي ڪوڙي سوال پڇيا هئا ۽ پوءِ انهن جي ڪرڻ ۾ ناڪام ويا. (البقره: 108/2) ان ڪري ڪثرت سوال ڪان پري رهو. دين اسلام آساني چاهي ٿو. دين ۾ آساني آهي. اوهان پاڻ لاءِ سختي پيدا نہ ڪريو. اهي ماڻهو سوال تي سوال ڪرڻ بعد احڪام الاهي جا منڪر ٿي ويا هئا. ان ڪري اوهان خيال ڪريو. "اَلدِّيۡنُ يُسۡرٌ" دين آسان آهي. پر اوهان خواهہ مخواهہ ابتا سبتا سوال پڇي پاڻ لاءِ خدا جي رحمت ڪي زحمت ۾ تبديل نہ ڪريو.

نبي ڪريم عليه التحيّة والسلام جو فرمان آهي: "ذَرُوۡنِیۡ مَا تَرَكۡتُمۡ فَاِنَّمَا اَهۡلَكَ مَنۡ كَانَ قَبۡلَكُمۡ كَثۡرَةِ سُؤَالِهِمۡ وَاِخۡتِلَافِهِمۡ عَلٰى اَنۡبِيَآئِهِمۡ" (صحيح مسلم) اوهان ڪي جن ڳالهين بابت نہ ٻڌايو ويو آهي تہ توهان بہ ان بابت سوال نہ ڪريو، ڇوتہ اوهان ڪان اڳ امتن جي هلاڪت جو سبب انهن جا ڪثرت سان سوال ۽ پنهنجن انبيائن سان اختلاف هيو. حضور اڪرم خاتم النبيين صلی اللہ علیہ وسلم جو ارشاد گرامي آهي: "اِنَّ اللّٰهَ فَرَضَ فَرَآئِضَ فَلَا تُضَيِّعُوۡهَا وَحَدَّ حُدُوۡدًا فَلَا تَعۡتَدُوۡهَا وَحَرَّمَ حُرُمَاتٍ فَلَا تَنۡتَهِكُوۡهَا وَسَكَتَ عَنۡ اَشۡيَآءٍ رَحۡمَةً لَّكُمۡ فَلَا تَبۡحَثُوۡا عَنۡهَا" (دارقطني) الله تعالىٰ ڪجهہ فرض مقرر ڪيا آهن، انهن ڪي ضايع نہ ڪيو. بعض حدون مقرر ڪيون ويون آهن، انهن ڪي هرگز نہ ٽوڙيو. بعض شين ڪي حرام ڪيو آهي، انهن جي پرده دري نہ ڪيو ۽ بعض شين متعلق سڪوت اختيار ڪيو ويو آهي توهان مٿان رحمت جي ڪري، سو انهن بابت بحث نہ ڪريو.

وحده لا شريڪ له جان تو چئين ايئن
تان مڃ محمد ڪارڻي نرتئون منجهان نينهن
سو تون ڪيئن تاڻين ڪنڌ ٻين وٽ (شاهہ)

بمصطفیٰ برساں خویش را کہ دیں ہمہ اوست
اگر باو نہ رسیدی تمام بولہبی است۔ (اقبال)

معلوم هئڻ گهرجي تہ بحيره، سائبہ، وصيله ۽ حام مان ڪا بہ شيءِ خدا جي قانون ۽ حڪم سان نہ آهي، پر جن ماڻهن ڪفر جو رستو اختيار ڪيو آهي، انهن اهڙين لغو ۽ بي بنياد شين ڪي خدا ڏانهن ڪوڙ هڻي منسوب ڪيو آهي. انهن گمراهہ ماڻهن جي وڏي اڪثريت عقل ۽ دانش ڪان محروم آهي، جو هٿ جي ناهيل رسمن ڪي الله تعالىٰ جو قانون

ظاهر ڪن ٿا. ياد رهي تہ ڪافرن ڪجهہ جانورن اُٺ، ڏاچي، ٻڪري، ڳئون وغيره ڪي بتن جي نالي مخصوص ڪري ڇڏيو هو. ان ڪري انهن جو ڪير گوشت يا سواري انسانن لاءِ حرام هئي. ”بَحِيۡرَة“ اهڙو جانور آهي، جنهن جو ڪير ڏهڻ بند ڪن ۽ بتن جي نذر ڪن. ”سَآئِبَة“ جنهن جانور تي سواري ۽ باربرداري نہ ڪئي وڃي ۽ بتن حوالي ڪجي. ”وَصِيۡلَةٍ“ اهڙي ڏاچي، جيڪا هڪ گوري ڄڻي، وري ٻي گوري ڄڻي، وچ ۾ توڏو پيدا نہ ٿيو هجي. ان ڏاچيءَ کي بتن حوالي ڪندا هئا. ” حَام“ اهڙو اُٺ، جنهن جي نسل مان ڪيترا گورا گوريون پيدا ٿيا تہ ان کي بہ سواري ۽ باربرداريءَ لاءِ استعمال نہ ڪندا هيا ۽ بتن جي نذراني لاءِ ڇڏي ڏيندا هئا. الله تعالىٰ هنن جانورن کي اهڙيءَ طرح مشروع نہ ڪيو آهي، جوتہ نذر و نياز صرف الله تعالىٰ لاءِ خاص آهي. بتن لاءِ هي نذر و نياز جا طريقا شرڪ آهن ۽ مشرڪن شروع ڪيا ۽ بتن کي پنهنجو خدا بڻائي اهڙا فضول ۽ ناجائز طريقا ڳوليا. قرآن فرمائي ٿو اهو الله تعالىٰ جو فرمان ناهي، پر ڪافرن جو پنهنجو ڪيل آهي، جيڪو بت پرستي ۽ توهم پرستي جو نتيجو آهي. جڏهن هنن کي چئجي ٿو تہ هن وهم پرستي جي روش کي ڇڏي، الله جي نازل ڪيل قانون ۽ رسول خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم جي اسوه حسنہ تي اچو تہ هو ان جي جواب ۾ چون ٿا تہ اسان ان مسلڪ تي آهيون، جيڪو اسان جي اسلاف يعني وڏڙن کان هلندو اچي. اهو بيوقوفي جو جواب آهي. (البقره: 137/2) جو تہ صريح حق ۽ سچائي کي ڇڏي غلط رسمون اختيار ڪرڻ گمراهي جو رستو آهي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا عَلَيۡكُمۡ اَنۡفُسَكُمۡ‌ۚ لَا يَضُرُّكُمۡ مَّنۡ ضَلَّ اِذَا اهۡتَدَيۡتُمۡ‌ؕ
اِلَى اللّٰهِ مَرۡجِعُكُمۡ جَمِيۡعًا فَيُنَبِّئُكُمۡ بِمَا كُنۡتُمۡ تَعۡمَلُوۡنَ ۱۰۵ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا
شَهَادَةُ بَيۡنِكُمۡ اِذَا حَضَرَ اَحَدَكُمُ الۡمَوۡتُ حِيۡنَ الۡوَصِيَّةِ اثۡنٰنِ ذَوَا عَدۡلٍ
مِّنۡكُمۡ اَوۡ اٰخَرٰنِ مِنۡ غَيۡرِكُمۡ اِنۡ اَنۡتُمۡ ضَرَبۡتُمۡ فِى الۡاَرۡضِ فَاَصَابَتۡكُمۡ
مُّصِيۡبَةُ الۡمَوۡتِ‌ؕ تَحۡبِسُوۡنَهُمَا مِنۡۢ بَعۡدِ الصَّلٰوةِ فَيُقۡسِمٰنِ بِاللّٰهِ اِنِ ارۡتَبۡتُمۡ
لَا نَشۡتَرِىۡ بِهٖ ثَمَنًا وَّلَوۡ كَانَ ذَا قُرۡبٰى‌ۙ وَلَا نَكۡتُمُ شَهَادَةَ اللّٰهِ اِنَّاۤ اِذًا لَّمِنَ الۡاٰثِمِيۡنَ ۱۰۶

مؤمنو! هن حقيقت کي چڱي طرح سمجهو تہ اوهان جي پنهنجي ذات (جان) جي ذميداري اوهان تي آهي. (توهان جي وڏڙن جي نہ آهي) جيڪڏهن اوهان پاڻ سڌي رستي تي هلندا تہ گمراهہ اسلاف جي روش جي خلاف ورزي اوهان کي ڪو بہ نقصان پهچائي نہ سگهندي. توهان سيني جا اعمال الله آڏو پيش ڪيا ويندا. جتي هو اوهان کي توهان جي عملن جي آگاهي ڏيندو. (105) (هنن جي معاشرتي مسئلن مان هڪ جو جواب آهي تہ) مؤمنو! جيڪڏهن اوهان جي مرڻ جو وقت ويجهو ٿئي ۽ اوهان مان ڪو وصيت ڪرڻ گهري ٿو تہ اوهان درميان شاهديءَ جو هي طريقو آهي تہ اوهان (مسلمانن) مان بہ عادل شخص گواهہ بڻايا وڃن. پر جيڪڏهن اوهان سفر ۾ آهيو ۽ اوهان کي موت جي مصيبت گهيرڻ واري آهي تہ پوءِ (مسلمان شاهد نہ ملن) تہ غير مسلم مان بہ شاهد ورتا وڃن. تہ پوءِ اوهان نماز جي ادائگي کان پوءِ انهن ٻنهي شاهدن کي روڪي رکو. پوءِ جيڪڏهن اوهان کي هنن شاهدن تي شڪ ٿئي تہ پوءِ اهي ٻئي الله جو قسم کائن تہ اسان هن جي عيوض ڪا رقم (قيمت) وصول نہ ڪنداسون. توڙي ڪٿي ڪير بہ ڪيترو قرابت دار هجي ۽ نہ وري اسان الله جي هن شاهديءَ کي مخفي رکنداسون. پر جيڪڏهن ائين ڪيو (مخفي ڪيو) تہ اسان انهي گهڙي گنهگارن ۾ شمار ٿي ويندا سون. (106)

جڏهن ڪافرن کي چيو ويندو هو تہ حضور خاتم النبيين ﷺ طرف اچو، الله جي حڪمن کي مڃو ۽ پنهنجي فلاح ۽ بهبود جو رستو اختيار ڪيو تہ هو چوندا هيا تہ اسان کي انهن احڪامن ۽ رسول ﷺ جي ضرورت ناهي. ڪافرن جو اهڙو ضد، عناد ۽ ڪفر لاءِ اصرار ۽ ڪوششون ڏسي اصحاب سڳورا ڏڪارا هوندا هيا. انهن جي تسلي ۽ اطمينان لاءِ هيءَ آيت نازل ٿي تہ اوهان رڳو پنهنجي اصلاح ۽ سلامتيءَ جا ضامن آهيو. اوهان راہِ راست تي ثابت قدم رهو، پوءِ ڪنهن جي بہ گمراهي توهان کي ڪو ضرر پهچائي نہ سگهندي. هر شخص

پنهنجي پنهنجي اعمال جي سزا ڀوڳيندو. پر ائين به نه سمجهو ته اسان نيڪ آهيون، ٻين سان اسان جو ڇا وڃي. ڪنهن ڪي امر بالمعروف ڪرڻ ۽ نهي عن المنڪر جو فريضه ادا ڪرڻ اسان لاءِ لازم ناهي. ”عَلَيۡكُمۡ اَنۡفُسَكُمۡ“ جو اهو مطلب ناهي، پر پنهنجي اصلاح سان گڏ ٻين جي اصلاح ڪرڻ ضروري آهي، نه ته ٻي صورت ۾ الله تعالىٰ جو عذاب سڀني ڪي لپيٽي ويندو. ”اِنَّ النَّاسَ اِذَا رَاَوُا الْمُنْكَرَ وَلَمْ يُغَيِّرُوْهُ يُوْشِكُ اَنَّ اللّٰهَ عَزَّ وَجَلَّ اَنْ يُّعَقِّبَهُمْ بِعِقَابِهٖ“ (سنن اربعه) ماڻهو برائي ڏسن ۽ ان ڪي نه روڪين ته ڪجهه بعيد ناهي، جو الله سڀني ڪي عذاب ۾ گرفتار ڪري. ”اِنَّ اللّٰهَ عَزَّ وَجَلَّ لَا يُعَذِّبُ الْعَامَّةَ بِعَمَلِ الْخَاصَّةِ حَتّٰى يَرَوُا الْمُنْكَرَ بَيْنَ ظَهْرَانَيْهِمْ وَهُمْ قَادِرُوْنَ عَلٰى اَنْ يُّنْكِرُوْهُ فَلَا يُنْكِرُوْنَهٗ فَاِذَا فَعَلُوْا ذٰلِكَ عَذَّبَ اللّٰهُ الْخَاصَّةَ وَالْعَامَّةَ“ (مسند احمد) الله تعالىٰ خاص ماڻهن جي عمل (گناهه) ڪري عام ماڻهن ڪي عذاب نه ڏيندو آهي، جيستائين عام ماڻهو برائي ڏسن ۽ ان ڪي روڪي سگهڻ جي باوجود نه روڪين يا (زبان سان) تنقيد به نٿا ڪن، ته پوءِ اهڙي صورت ۾ الله تعالىٰ جو عذاب خاص ۽ عام تي ٿئي ٿو. هڪ ٻي حديث آهي: ”مَنْ رَاٰى مِنْكُمْ مُّنْكَرًا فَلْيُغَيِّرْهُ بِيَدِهٖ فَاِنْ لَّمْ يَسْتَطِعْ فَبِلِسَانِهٖ فَاِنْ لَّمْ يَسْتَطِعْ فَبِقَلْبِهٖ وَذٰلِكَ اَضْعَفُ الْاِيْمَانِ“ (صحيح مسلم) جيڪڏهن ڪو ماڻهو برائي ٿيندي ڏسي ته ان ڪي زور بازو سان روڪي، پر جي ائين ڪري نٿو سگهي ته پوءِ زبان سان روڪي، پر جي ائين به ڪري نٿو سگهي ته دل ۾ برو سمجهي ۽ اهو ڪمزور ترين ايمان آهي.

مسلمانؤ! ياد رکو اوهان پنهنجو پاڻ بچايو يعني پنهنجي جان جوکي ۾ نه وجهو. اوهان کان اوهان جي اعمال جو پڇاڻو ٿيندو. اوهان ٻين جي ڪمن جا ذميوار نه آهيو ۽ نه وري ٻيا اوهان جي معاملن جا ذميوار آهن، پر جيڪڏهن اوهان صراط مستقيم تي آهيو ته هنن (ڪافرن) جو گمراهه هجڻ اوهان ڪي ڪو نقصان پهچائي نٿو سگهي، توهان جا ۽ هنن جا اعمال الله تعالىٰ وٽ پيش ڪيا ويندا. ان ڪري اوهان ڪي ٻين جي اخلاق ۽ اعمال ۽ ڪردار تي نظر وجهڻ بدران پنهنجي ڪارڪردگي ڪي ڏسڻ گهرجي ۽ اتي ئي اهو فيصلو ڪيو ويندو ته ڪير صحيح ڪير غلط آهي. مسلمانؤ! جيڪڏهن اوهان مان ڪو شخص مرڻ جي ويجهو هجي ته وصيت ڪري (البقره: 180/2) وصيت ڪرڻ وقت ٻن مسلمان معتبر شاهدن جو هجڻ ضروري آهي ته جيئن وصيت جو اجراءُ صحيح طريقي سان ٿي

سگھي. پر جيڪڏهن سفر ۾ آهيو ۽ موت جي مصيبت آڏو هجي ۽ مسلمان معتبر شاهد نه ملن ته پوءِ مسلمان شاهدن جي جڳهه تي به غير مسلم به شاهد تي سگهن ٿا. ڪجهه تفسيرن ۾ ”اٰخَرَانِ مِنۡ غَيۡرِكُمۡ“ مان مراد ٻئي قبيلي يا ذاري قوم جا مسلمان به شاهد مراد ورتا ويا آهن. (والله اعلم بالصواب) هتان معلوم ٿيو ته معاملي جي صحيح حل تائين پهچڻ لاءِ الله جو قسم کڻائڻ ۽ مسجد کي عدالت طور استعمال ڪرڻ جي شريعت ۾ اجازت آهي. شاهد ديندار، راست باز، غير جانبدار ۽ قابل اعتماد مسلمان هجن. جيڪڏهن مسلمانن جو ملڻ مشڪل هجي ته پوءِ به غير مسلم قابل اعتماد شاهد ڪرڻ ۾ ڪو حرج نه آهي. جيڪڏهن اوهان کي انهن شاهدن جي شاهديءَ ۾ شڪ پيدا ٿئي ۽ سمجهو ته اها وصيت موجب سچي شاهدي نه ڪندا ته پوءِ انهن کي نماز بعد مسجد ۾ روڪي رکو ۽ اتي الله تبارڪ و تعاليٰ جو قسم کڻي چون ته اسان پنهنجي قسم ۽ شاهدي کي پئسا وٺي نه وڪڻنداسون. ڪٿي اسان جو پنهنجو عزيز قريب ڇو نه هجي. اسان هر حال ۾ ائين ڪرڻ وارا نه آهيون. اسان الله تعاليٰ طرفان عائد ڪيل گواهي تبديل نه ڪنداسون ۽ نه وري لڪائينداسون. جيڪڏهن شاهدي ۾ گڙٻڙ ڪيون ته اسان گنهگار ٿينداسون.

هي ديواني (Civil) ڪيسن ۾ ٿيندو. مسجد ۾ قسم کڻائڻ ۽ شاهدي وٺڻ جائز ۽ درست آهي، جيڪا هن واقعي مان ظاهر آهي. واقعو هن طرح آهي ته بُديل نالي هڪ مسلمان، ٻن عيسائين سان گڏ تجارت لاءِ شام ويل هيو. اتي هن جي مرڻ جو وقت آيو ته هن پنهنجي سامان جي فهرست ٺائي، پنهنجي سامان ۾ لڪائي رکي ۽ عيسائي ساٿين کي وصيت ڪئي ته منهنجو سامان منهنجي وارثن کي ڏجو. ان سامان ۾ چانديءَ جو هڪ پيالو به هيو، جنهن تي سون جا نقش و نگار هيا، اهو عيسائين کي پسند اچي ويو، اهو هنن لڪائي، باقي سامان وارثن حوالي ڪيو. وارثن پيالي نه هجڻ جي شڪايت نبي اڪرم ﷺ جن وٽ ڪئي. عيسائين کي گهرايو ويو، اهي ڪوڙو قسم کڻي مڪرجي ويا. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ اهو پيالو هڪ سوناري جي دڪان تان مليو. سوناري ٻڌايو ته هنن ٻن عيسائين هڪ هزار ۾ وڪيو آهي. نبي اڪرم ﷺ فوتيءَ جي وارثن مان قريبي رشتيدار کان معلوم ڪيو، جنهن ٻڌايو ته اهو پيالو بُديل جو آهي. نبي اڪرم ﷺ انهن عيسائين کان هڪ هزار واپس وٺرائي، وارثن حوالي ڪيو. پاڻ سڳورن ﷺ عيسائين کان مسجد ۾ نماز بعد قسم ورتو هو.

فَاِنْ عُثِرَ عَلٰٓى اَنَّهُمَا اسْتَحَقَّآ اِثْمًا فَاٰخَرٰنِ يَقُوْمٰنِ مَقَامَهُمَا مِنَ الَّذِيْنَ
اسْتَحَقَّ عَلَيْهِمُ الْاَوْلَيٰنِ فَيُقْسِمٰنِ بِاللّٰهِ لَشَهَادَتُنَآ اَحَقُّ مِنْ شَهَادَتِهِمَا وَمَا
اعْتَدَيْنَآ ۖ اِنَّآ اِذًا لَّمِنَ الظّٰلِمِيْنَ ۝١٠٧ ذٰلِكَ اَدْنٰٓى اَنْ يَّاْتُوْا بِالشَّهَادَةِ عَلٰى وَجْهِهَآ
اَوْ يَخَافُوْٓا اَنْ تُرَدَّ اَيْمَانٌۢ بَعْدَ اَيْمَانِهِمْ ۗ وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاسْمَعُوْا ۗ وَاللّٰهُ
لَا يَهْدِى الْقَوْمَ الْفٰسِقِيْنَ ۝١٠٨ ع

پوءِ جيڪڏهن اهو پتو پئجي وڃي تہ هنن ٻنهي سچي شاهدي لڪائي آهي ۽ گناهہ جا سزاوار ٿي چڪا آهن تہ انهن جي جاءِ تي ٻہ ٻيا شاهد الله جو قسم کڻي چون تہ اسان جي شاهدي هنن ٻنهي جي شاهدي کان سچي آهي ۽ اسان حق ۽ سچ کان تجاوز نہ ڪري رهيا آهيون. جيڪڏهن ائين ڪنداسون تہ ان وقت ئي ظالمن ۾ شمار ٿينداسون.(107) هي طريقو هن حقيقت جي قريب تر آهي تہ ماڻهو صحيح نموني شاهدي ڏين يا گهٽ ۾ گهٽ هن ڳالهہ کان ڊڄن تہ هنن جا قسم ٻين جي قسم اچڻ سان رد ٿي ويندا. الله جي حڪمن جي پوري طرح نگهباني ڪريو ۽ دل جي ڪنن سان ٻڌو ۽ الله نافرمان قوم کي سڌي رستي تي (بالجبر) نٿو لڳائي.(108)

پوين آيتن ۾ ”ذَوَا عَدْلٍ مِّنْكُمْ“ مان مراد مسلمان شاهد آهن. ”اٰخَرَانِ مِنْ غَيْرِكُمْ“ مان مراد ڪن تفسيرن غيرمسلم ورتا آهن. امام ابوحنيفه رحمة الله عليه وٽ ذمي شخص، ذميءَ لاءِ گواهي ڏئي سگهي ٿو، پر مسلمان لاءِ نٿو ڏئي سگهي. علامه قاضي ثناءُ الله پاني پتي رحمة الله عليه تفسير مظهري ۾ لکي ٿو تہ سورة البقره جي آيت 282 ناسخ آهي، ان ڪري رڳو ٻہ مسلمان هجن، غيرمسلم نہ هجن. ٻنهي آيتن جو تقابلي جائزو هي آهي تہ ٻہ مختلف شهادتون آهن. هن موجوده معاملي ۾ ديارِ غير ۾ سواءِ ٻن عيسائي شاهدن جي، ڪو ٻيو

مسلمان شاهد موجود نہ هيو، تنهن ڪري هنن جي شاهدي مسجد ۾ ورتي آهي، بهرڪيف هي معاملو تحقيق طلب آهي. هنن ٻن شاهدن جي شاهديءَ مان معلوم ٿئي ته انهن سچي شاهدي ڪا نہ ڏني آهي تہ جنهن ڏر جي خلاف هنن شاهدي ڏني آهي ۽ حقدار جو حق ڏيارڻ گهرن ٿا تہ پوءِ انهي ڏر مان ٻہ شاهد آڏو اچن ۽ خدا جو قسم کڻي چون تہ اسان جي شاهدي هنن اڳين شاهدن کان سچي شاهدي آهي، اسان حق ۽ سچي ڳالهہ کان ذرا ٻہ تجاوز ڪو نہ ڪنداسون، جيڪڏهن اسان ٻہ خيانت ڪريون ۽ غلط شاهدي ڏيون تہ پوءِ اسان ظالم مجرم ۽ گنهگار هونداسون. شريعت ۾ شاهديءَ جي مٿان شاهديءَ جي گنجائش رکي وئي آهي تہ جيئن پهرين شاهدن کي اهو ڊپ رهي تہ جيڪڏهن اسان شاهدي ۾ هيري ڦيري ڪئي تہ پوءِ اسان جي شاهدي رد ٿي سگهي ٿي ۽ ڪوڙي گواهي ڏيڻ جي سزا الڳ ۽ بدنامي جدا ٿيندي. اهڙي طرح وري ٻي شاهدي جي شاهدن ۾ اها اميد آهي تہ اهي نيڪ نيڪ گواهي ڏين ۽ انهن کي ٻہ اهو خوف رهي تہ مٿان اسان جا قسم ٻہ اڳين شاهدن وانگر رد نہ ٿي وڃن، ان ڪري صحيح شاهدي ڏين.

هن آيت جو نزول ان واقعي طرف آهي تہ هڪ مسلمان شخص ٻن عيسائي شخصن سان گڏ سفر ۾ هيو. سفر دوران مسلمان شخص جو موت واقع ٿيو. موت کان اڳ هن پنهنجي سامان جي فهرست ناهي، سامان ۾ لڪائي رکي هئي. عيسائي ساٿين وصيت موجب هن جو سامان سندس مائٽن حوالي ڪيو. مرحوم جي مائٽن لسٽ ۾ چيڪ ڪيو تہ هڪ چانديءَ جو پيالو، جنهن تي سون جا نقش نگار هيا، اهو غائب هيو. عيسائين لاتعلقي ظاهر ڪئي. ڪجهہ ڏينهن بعد اهو پيالو هڪ دڪاندار وٽ مليو، جنهن کي مرحوم جي عزيزن سڃاتو. دڪاندار ٻڌايو تہ اهو پيالو مون کي فلاڻي فلاڻي عيسائي هڪ هزار درهم ۾ وڪيو آهي. حضور خاتم النبيين ﷺ هڪ هزار رپيا عيسائين کان وني، مالڪن کي ڏياريا. (صحيح بخاري – احسن البيان) بهرحال الله جي حڪمن جي نافرماني ڪري ان جي نتيجن کان ڊڄندا رهو. الله جي حڪمن کي دل جي ڪنن سان ٻڌو انهن کي ياد رکو ۽ عمل ڪريو چو تہ غلط شاهدي وڏو ظلم آهي ۽ الله تعالىٰ ظالمن جي لاءِ ڪاميابي ۽ ڪامراني جا رستا نٿو کولي اهو هميشہ ناڪام ۽ نامراد رهن ٿا. شاهديءَ تي شاهديءَ جو

اهڙو مثال سورة النور آيت 6 کان 9، عورت (زال) تي تهمت لڳڻ بعد شاهد نہ هجن تہ پوءِ مڙس جي شاهدي بعد زال جي شاهدي جي اجازت آهي ۽ نماز کان پوءِ (جنهن نماز ۾ وڏي جماعت هجي) نمازين جي سامهون نماز جهڙي فريضي ادا ڪرڻ وقت خدا جو خوف بہ هوندو ۽ پاڪ صاف بہ هوندو. هيءَ شهادت تہ فوجداري (سول) ڪيسن ۾ آهي. اهڙن بلائينڊ Bliend ڪيسن ۾ جواز ملي ٿو. سچي شهادت ۽ انصاف لاءِ ڏسو: البقره: 2/140-282، النساءِ: 4/135، المائده: 5/8، الانعام: 6/150.

يَوْمَ يَجْمَعُ اللّٰهُ الرُّسُلَ فَيَقُوْلُ مَاذَآ اُجِبْتُمْ ؕ قَالُوْا لَا عِلْمَ لَنَا ؕ اِنَّكَ اَنْتَ عَلَّامُ الْغُيُوْبِ﴿۱۰۹﴾

(اوهان جي ڪوڙي شاهدي جو هينئر نہ تہ اڳتي نتيجو هر حالت ۾ سامهون ايندو) ۽ الله پنهنجي رسولن کي گڏ ڪري پڇندو تہ اوهان جي اُمت (ماڻهن) توهان جي دعوت جو ڪهڙو جواب ڏنو (مثبت يا منفي) تہ هو چوندا تہ اسان کي هنن جي پوشيده عملن جو ڪو پتو ناهي. انهن غيب ۽ ڳجهہ جي ڳالهين کان تنهنجي ذات اقدس ئي خوب واقف آهي.(109)

ياد رکو تہ الله تعاليٰ بار بار اوهان جي هدايت لاءِ نصيحت ورجائي رهيو آهي، چو تہ اوهان جي ڪوڙ ۽ غلط بياني جو اوهان جي ذات ۽ ڪردار تي اثر پوندو ۽ اوهان جي اعمالنامي ۾ لکجي ويندو. آخرت ۾ جڏهن الله تعاليٰ سمورن رسولن ڪرام کان پڇندو تہ ماڻهن توهان جي دعوت کي ڪهڙيءَ طرح قبول ڪيو، دل سان مڃيو هيو يا ظاهري ڏيکاءُ ڪيو هو. اهي چوندا تہ اسان جا رب! اسان انهن جي اندر جي حال کان واقف نہ آهيون. هو انهن جي ڪجهہ احوال کان واقف هوندي بہ ادب سان عرض ڪندا تہ تنهنجي ذات پاڪ کي سڀ خبر آهي. اهو جواب ادب ۽ ٻانهپ جو اظهار آهي. جڏهن تہ الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو، ورنہ هنن نامراد ماڻهن جا ظلم ۽ زيادتيون جيڪي هنن انبياء سان ڪيون ۽ حق ۽ سچائيءَ

جو ڪلي عام انڪار ڪيو هيو، اهو ڪنهن ڪان ڳجهو نہ هيو، پر ان هوندي بہ هنن چيو تہ سچي دل سان دعوت قبول ڪئي يا ظاهري طرح رڳو ڏيکارڻ لاءِ ڍونگ رچايو، دل جا حال تہ تنهنجي ذات ئي ڄاڻي ٿي. "يَعۡلَمُ خَآئِنَةَ الۡاَعۡيُنِ وَمَا تُخۡفِي الصُّدُوۡرُ " (المؤمن: 19/40) الله اکين جي خيانت واري نگاھ ۽ دلين جا ڇپايل راز ڄاڻي ٿو. انهي ڳجهہ جي توکي پوري خبر آهي. تمام غيب جي پوري معلومات الله عزّ وجل جي آهي، جيڪا ذاتي ۽ غيرمحدود ۽ قديم آهي. انبياء ۽ رسول سڳورن کي عطائي، محدود ۽ حادث آهي. پر خدا انبياء جي وقتي ضرورتن مطابق کين غيب جي خبر ڏئي ٿو. نبي ڪريم ﷺ کي اهو علمِ غيب عطا ڪيو ويو هو، جيڪو ٻئي ڪنهن کي نہ مليو. "قَالَ رَسُوۡلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَسَلَّمَ رَاَيۡتُ رَبِّيۡ عَزَّ وَ جَلَّ فِيۡ اَحۡسَنِ صُوۡرَةٍ قَالَ فِيۡمَ يَخۡتَصِمُ الۡاَعۡلٰى قُلۡتُ يَا رَبِّ لَا اَدۡرِيۡ قَالَ فَوَضَعَ يَدَهٗ بَيۡنَ كَتِفَيَّ فَوَجَدۡتُّ بَرۡدَهَا بَيۡنَ ثَدۡيَيَّ فَعَلِمۡتُ بَيۡنَ الۡمَشۡرِقِ وَالۡمَغۡرِبِ" اڄ مون پنهنجي پروردگار جي تمام حسين ۽ پياري صورت ۾ زيارت ڪئي. الله تعالىٰ فرمايو تہ فرشتا ڪهڙي شيءِ جي باري ۾ بحث ڪري رهيا آهن. مون وراڻيو تہ منهنجا رب! مان نٿو ڄاڻان. الله تعالىٰ پنهنجو دست مبارڪ منهنجي ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ رکيو، جنهن جي ٿڌڪار مون پنهنجي سيني ۾ محسوس ڪئي، پوءِ مون کي مشرق ۽ مغرب جي سمورين شين جو علم عطا ٿي ويو. ٻي حديث ۾ "فَعُلِمۡتُ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ" (مون کي آسمانن ۽ زمين جو علم عطا ڪيو ويو) جا لفظ آهن. حضرت شيخ عبدالحق محدث دهلوي رحمة الله عليه مشڪواة شريف جي شرح "اشعة اللمعات" ۾ بہ اهوئي لکيو آهي: ياد رکو تہ ڏيڻ وارو الله عزوجل آهي، جنهن جي ڪا حد ناهي ۽ نہ ڪمي آهي ۽ وٺڻ وارو الله جو حبيب، خاتم الانبياء والمرسلين، سيد المشرقين والمغربين آهي، ان جي ظرف ۾ بہ وڏي وسعت آهي، جنهن جي بہ حد معلوم ناهي، پوءِ ڪهڙو شڪ آهي تہ الله جل شانه پنهنجي آخري رسول مقبول ﷺ کي زمين ۽ آسمان، مشرق ۽ مغرب جو علم عطا ڪيو هجي. ان ۾ ڪو شڪ ڪري تہ شڪ ڪندڙ جو ايمان ڪمزور آهي. هي آخري بہ رڪوع اهم آهن، جن ۾ نبين کان سندن امت بابت پڇيو ويندو، حضرت عيسىٰ عليه السلام جو خاص طرح ذڪر آهي، بني اسرائيل جون زيادتيون بہ ڳڻيون آهن.

وقف لازم

اِذْ قَالَ اللّٰهُ يٰعِيْسَى ابْنَ مَرْيَمَ اذْكُرْ نِعْمَتِيْ عَلَيْكَ وَعَلٰى وَالِدَتِكَ م
اِذْ اَيَّدْتُّكَ بِرُوْحِ الْقُدُسِ قف تُكَلِّمُ النَّاسَ فِي الْمَهْدِ وَكَهْلًا ج وَاِذْ عَلَّمْتُكَ
الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ وَالتَّوْرٰىةَ وَالْاِنْجِيْلَ ج وَاِذْ تَخْلُقُ مِنَ الطِّيْنِ كَهَيْـَٔةِ الطَّيْرِ
بِاِذْنِيْ فَتَنْفُخُ فِيْهَا فَتَكُوْنُ طَيْرًا بِاِذْنِيْ وَتُبْرِئُ الْاَكْمَهَ وَالْاَبْرَصَ
بِاِذْنِيْ ج وَاِذْ تُخْرِجُ الْمَوْتٰى بِاِذْنِيْ ج وَاِذْ كَفَفْتُ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ عَنْكَ اِذْ
جِئْتَهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ فَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْهُمْ اِنْ هٰذَآ اِلَّا سِحْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿١١٠﴾

(هن سلسلي ۾ عيسىٰ عليه السلام جي پوئلڳن جي حالت خاص اهميت واري آهي.) جڏهن الله، عيسىٰ ابن مريم عليه السلام کي چوندو تہ مون توکي ۽ تنهنجي والده محترمہ کي جن نعمتن سان نوازيو هو، ضرور ياد هونديون. جڏهن مون روح القدس (جبرئيل عليه السلام) ذريعي تنهنجي مدد ڪرڻ فرمائي. تون ننڍڙي عمر ۾ توڙي جواني ۾ (تبليغ ۽ رسالت جهڙي) عمده گفتگو ڪندو هئين ۽ جڏهن توکي ڪتاب، حڪمة ۽ تورات ۽ انجيل جو علم ڏنو ۽ تون مٽيءَ جي پيڙي مان منهنجي اذن سان پکيءَ جهڙي شيءِ ناهي، ان ۾ ڦوڪ هڻين تہ اهو منهنجي حڪم سان سچ پچ ئي پکي ٿي ويندو هيو ۽ مادرزاد انڌي ۽ ڪوڙهہ واري کي منهنجي حڪم سان چڱو ڀلو ڪري ڇڏيندو هئين ۽ ان وقت منهنجي حڪم سان مئل کي زندهہ ڪري ڪڍو ڪندو هئين ۽ جڏهن تون هنن آڏو چٽيون نشانيون پيش ڪيون ان وقت بني اسرائيل جي توڏانهن وڌندڙ هٿن کي روڪي ڇڏيو، تنهنجي هنن معجزن جي جواب ۾، انهن منڪرن چيو تہ اهو چٽي پٽي جادو ڪانسواءِ ڪجهہ بہ نہ آهي (110) (هن آيت ۽ آل عمران جي آيت نمبر 45 ۾ هن جو ٻيو مفهوم بہ ڏسو.)

هن ڪان اڳ رسول سڳورن جو اجتماعي ذڪر آيو هيو، هاڻي حضرت عيسىٰ عليه السلام

جو ذڪر اچي ٿو، جنهن ۾ حضرت عيسىٰ، حضرت مريم عليهما السلام تي خداوند ڪريم جون نعمتون ۽ احسان بيان ڪيا ويا آهن. اهڙو ذڪر آل عمران: 3/ 49 ۾ به اچي چڪو آهي، جنهن مان عيسائين جي ٻنهي ٽولن کي ٻڌايو ٿو وڃي ته احسان عبد ۽ ٻانهي تي ٿيندا آهن، خدا تي ڪونه ٿيندا آهن، ان ڪري اوهان جو اهو عقيدو ته هو خدا آهي يا خدا جو فرزند آهي يا ٽن مان هڪ آهي، سراسر غلط آهي. قيامت جي ڏينهن جڏهن الله تعالىٰ جي عدالت قائم ٿيندي ۽ پوري مخلوق حشر جي ميدان ۾ هوندي ته الله تعالىٰ حضرت عيسىٰ عليه السلام جنهن جي امت ڪيس الله جو درجو ڏنو يا تثليت جو نظريو پيش ڪيو، کي چوندو ته منهنجي انهن نعمتن کي ياد ڪر جيڪي مون توتي ۽ تنهنجي والده تي ڪيون ۽ جڏهن مون وحي (روح القدس) جي ذريعي تنهنجي تائيد ڪئي ۽ قوت بخشي (البقره: 87/2) تون شروعات کان ابتدائي عمر ۾ به عمده گفتگو ڪندو هئين ته وڏي عمر ۾ اچي به سٺي گفتگو ڪرڻ وارو هئين. (آل عمران: 45/3) انهيءَ دوران مون تو تي ڪتاب نازل ڪري ان جي تعليم ۽ حڪمت ڏني. تورات ۽ انجيل ٻنهي ڪتابن جو علم عطا ڪيو. انهي علم ۽ حڪمت جي انقلابي قوت سان تون مٽيءَ مان پکي جي شڪل ۾ ڦوڪ هڻندو هئين ته منهنجي عطا ڪيل اذن سان هڪ پکي تي ويندو هو(انسان به مٽي جو بوتو آهي، اهو الله جي حڪم سان نبوت جي نور جي حڪمت سان روحاني پرواز ڪري ٿو) تون انڌي ۽ ڪوڙهه واري کي منهنجي اذن سان چڱو ڀلو ڪندو هئين. (الله تعالىٰ جي اذن ۽ نبي کي مليل حڪمت سان جهڙي طرح جسماني بيمارين جو علاج ٿيندو آهي. اهڙيءَ طرح روحاني بيمارين کان به نجات ملي ويندي آهي) ۽ جنهن ۾ عقل جو انڌو هجڻ ۽ گناهن جي ڪوڙهه ۾ ورتل به نيڪ تي ويندا هئا. تون الله جي اذن سان مئل ماڻهن کي موت واري ڪيفيت مان ڪڍي نئين زندگي عطا ڪندو هئين. (نبي سڳورا مرده قوم کي تعليم الاهي سان نئين زندگي ڏيندا آهن) جنهن وقت تون بني اسرائيل جي قوم ڏانهن سچائيءَ جا روشن دليلَ کڻي آيو هئين ته ان دوران هنن تنهنجي خلاف سازش سٽي جنهن کي مون (الله) روڪي ڇڏيو. (آل عمران: 45/3 کان 55) ۽ هو ناڪام تي ويا. اهڙي طرح توکي الله تعالىٰ بچائي ورتو. ڪافرن تنهنجي سچي دعوت کي قبول نه ڪيو، اهي چوڻ لڳا ته تنهنجا اهي ڪارناما (معجزا) هڪ کلي جادوگري آهي. جنهن کي قبول نٿا ڪيون، ياد رهي ته اهو

سمورو قصو آل عمران آيت 45 کان 55 ۾ اچي چڪو آهي.

علامه ابن ڪثير رحمه الله لکي ٿو تہ هر نبي محترم کي سندس دور جي ماحول، حالتن ۽ تقاضا مطابق معجزا ڏنا ويا. حضرت موسیٰ عليه السلام جي زماني ۾ جادوءَ جو زور هيو تہ هن جا معجزا عصا، يدِ بيضا جادوگرن جي جادوءَ جو توڙ هيا. حضرت عيسیٰ عليه السلام جي زماني ۾ طب جو چرچو هيو تہ هن کي مردن کي زنده ڪرڻ جهڙا معجزا ڏنا ويا. پاڻ ڪريمن خاتم النبيين صلى الله تعالى عليه وآله وسلم جي زماني ۾ علم، ادب ۽ زبان داني جو زور هيو تہ کين قرآن حڪيم جهڙو لاجواب معجزو ڏنو ويو، جنهن جي هڪ آيت برابر بہ ڪو اديب، شاعر، زبان دان، هڪ سٽ جي برابر بہ پيش ڪري ڪونہ سگهيو.

وَاِذْ اَوْحَيْتُ اِلَى الْحَوَارِيّنَ اَنْ اٰمِنُوْا بِىْ وَ بِرَسُوْلِىْ ۚ قَالُوْٓا اٰمَنَّا وَاشْهَدْ بِاَنَّنَا
مُسْلِمُوْنَ ﴿١١١﴾ اِذْ قَالَ الْحَوَارِيُّوْنَ يٰعِيْسَى ابْنَ مَرْيَمَ هَلْ يَسْتَطِيْعُ رَبُّكَ اَنْ
يُّنَزِّلَ عَلَيْنَا مَآئِدَةً مِّنَ السَّمَآءِ ؕ قَالَ اتَّقُوا اللّٰهَ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١١٢﴾ قَالُوْا
نُرِيْدُ اَنْ نَّاْكُلَ مِنْهَا وَتَطْمَئِنَّ قُلُوْبُنَا وَنَعْلَمَ اَنْ قَدْ صَدَقْتَنَا وَنَكُوْنَ عَلَيْهَا
مِنَ الشّٰهِدِيْنَ ﴿١١٣﴾ قَالَ عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ اللّٰهُمَّ رَبَّنَآ اَنْزِلْ عَلَيْنَا مَآئِدَةً الربع
مِّنَ السَّمَآءِ تَكُوْنُ لَنَا عِيْدًا لِّاَوَّلِنَا وَاٰخِرِنَا وَاٰيَةً مِّنْكَ ۚ وَارْزُقْنَا وَاَنْتَ
خَيْرُ الرّٰزِقِيْنَ ﴿١١٤﴾ قَالَ اللّٰهُ اِنِّىْ مُنَزِّلُهَا عَلَيْكُمْ ۚ فَمَنْ يَّكْفُرْ بَعْدُ مِنْكُمْ فَاِنِّىْٓ
اُعَذِّبُهٗ عَذَابًا لَّآ اُعَذِّبُهٗٓ اَحَدًا مِّنَ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١١٥﴾ ع ع ١٥/٧ ٥

۽ اهو وقت ياد ڪريو جڏهن مون حوارين جي دل ۾ وڌو (القاء ڪيو) تہ اوهان مون تي ۽ منهنجي پيغمبر (عيسیٰ عليه السلام) تي ايمان آڻيو تہ انهن چيو اسان ايمان آندو آهي ۽ تون گواهہ ٿجانءِ تہ اسان مسلمان آهيون. (111) ۽ هي واقعو بہ ياد ڪريو تہ جڏهن حوارين چيو تہ اي عيسیٰ ابن مريم (عليهما السلام) ڇا تنهنجو رب هڪ

كلي نشانيءَ طور اهو كري سگهي ٿو ته اسان تي آسمان مان كاڌي جو خوان نازل كري. ان تي عيسىٰ عليه السلام چيو ته الله جي گرفت كان بچو، جيكڏهن ايمان ركو ٿا ته پوءِ اهڙا سوال نه كريو. (112) ان تي هنن چيو ته اسان رڳو اهو گهرون ٿا ته اسان ان مان كائون ۽ اسان جون دليون مطمئن ٿين ۽ سمجهون ته واقعي توسچ چيو آهي ۽ اسان ان تي گواهي ڏيڻ وارا ٿي وڃون. (113) عيسىٰ عليه السلام الله جي بارگاهه ۾ عرض كيو ته اي الله! اي اسان جا پروردگار! اسان تي آسمان مان (پنهنجي نعمت جو) خوان نازل كرڻ فرماءِ. هن جي نزول جو ڏينهن اسان لاءِ ۽ اسان كان اڳ وارن ۽ پوءِ ايندڙن لاءِ عيد بڻجي وڃي جو ان كي زمين تي محنت كرڻ بدران آسمان مان رزق جو اجراءُ ٿي وڃي ۽ تنهنجي حق هجڻ جي نشاني ٿي وڃي. يا الله! تون بلا مزدوري اسان كي رزق عطا كر، تون بهترين رزّاق آهين. الله پاران ارشاد ٿيو ته اهڙي طرح اوهان كي رزق عطا كرڻ مشكل ناهي، پر ان كان پوءِ به جيكڏهن اوهان مان كنهن كفر اختيار كيو ته ان كي آءٌ اهڙو سخت عذاب ڏيندس جو اهڙو عذاب جهان وارن مان كنهن كي به نه ڏيندس.(115)

---

منهنجو اهو احسان به ياد كريو ته جڏهن مون حوارين (اها جماعت جنهن عيسىٰ عليه السلام تي ايمان آندو ۽ انجيل جي حكمن كان واقف هئي) تي وحيءَ ذريعي (يعني انجيل ۾) حكم ڏنو هو (جهڙي طرح مسلمانن كي قرآن ۾ حكم ڏنل آهي) ته اهي مون الله تعالي ۽ منهنجي رسول خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم تي ايمان آڻيو ته انهن اثبات ۾ جواب ڏيندي وراڻيو ته جي هائو اسان ايمان آندو آهي. (الصف: 14/61) ۽ چيائون ته اي عيسىٰ عليه السلام ! تون هن ڳالهه جو گواهه ٿجانءِ ته اسان ايمان آندو آهي ۽ الله جا فرمانبردار بندا آهيون. "اَوۡحَيۡتُ" مان الهام يا دل ۾ اچڻ به تفسيرن ۾ آيو آهي ۽ "وَاشۡهَدۡ بِاَنَّنَا مُسۡلِمُوۡنَ" اي الله تون گواهه رهجان ته اسان مسلمان آهيون" به آيو آهي. "حَوَّارِيُّوۡنَ" جمع آهي "حَوَارِيٌ" جو، جنهن جي معنىٰ

آهي ظاهر ۽ باطن ۾ مخلص دوست انصار، مددگار انصاف پسند. ڏسڻو آهي تہ هڪ حواري کي الهام يا القاءَ ٿيو يا گهٽ ۾ گهٽ کي ٿيو وحي جليءَ جو معاملو تہ مشڪل آهي، پر وحي خفي ڪيترن کي ٿيو هوندو؟ ان ڪري ”وحي“ مان مراد انجيل ۾ آيل حڪمن جي تعليم بہ ٿي سگهي ٿي. هت بہ الله جو ارشاد گرامي آهي تہ حوارين کي بہ توتي ايمان آڻڻ جو حڪم منهنجي فضل ۽ ڪرم جو نتيجو هيو، ورنہ هنن کان ايمان آڻڻ جي اميد رکڻ تولاءِ مشڪل هئي. والله اعلم بالصواب. اهو واقعو بہ ياد ڪريو، جڏهن حوارين چيو هيو تہ مريم جا پٽ عيسىٰ عليه السلام! ڇا تنهنجو پروردگار اهو ڪري سگهي ٿو تہ هو اسان تي آسمان مان اسان جا دسترخوان موڪلي. يعني اسان لاءِ الله طرفان معيشت جو سامان عطا ٿئي. حوارين جو اهو تولو الله تعالىٰ ۾ ايمان رکندو هيو، تڏهن تہ هنن حضرت عيسىٰ عليه السلام کي چيو تہ پنهنجي الله کان درخواست ڪر تہ هو آسمان مان لذيذ طعام سان ڀريل خوان (خونچو/ دسترخوان) نازل ڪري ۽ اهي حواري حضرت عيسىٰ عليه السلام بابت خدا يا خدا جو فرزند يا تثليث وارو عقيدو نہ رکندا هيا. الله تعالىٰ سندن دلين ۾ هدايت جو نور عطا ڪيو هيو. ان تي ڪين عيسىٰ عليه السلام چيو تہ خدا جو خوف رکو. اهڙيون فرمائشون نہ ڪريو ۽ الله جي ڏنل تعليم تي عمل ڪريو. جيڪڏهن واقعي اوهان دل سان ايمان آڻي مؤمن ٿيا آهيو. اهي حواري عيسىٰ عليه السلام کي الله جو ٻانهو سمجهندا هيا. چيائون تہ اسان اهڙو سوال ڪري الله جو امتحان نٿا وٺون، اسان ايمان وارا آهيون. اسان گهرون ٿا تہ انهيءَ آسماني دسترخوان مان کائون، جنهن سان اسان جون دليون مطمئن ٿي وڃن ۽ اسان کي بہ مشاهدي سان معلوم ٿي وڃي تہ واقعي تو جو ڪجهہ چيو آهي، اهو سچ آهي ۽ اسان انهي جا گواهہ ٿي وڃون. ”مائده“ اهڙي دسترخوان کي چئبو آهي، جنهن تي کاڌو لڳايو وڃي. ” اَلۡمَآئِدَةُ الۡخُوَانُ الَّذِیۡ عَلَیۡهَا طَعَامٌ “ (قرطبي) هت ”مائده“ مان هڪ طعام سان ڀريل دسترخوان بہ مراد آهي، پر هتي عيسىٰ عليه السلام جي مؤمن ٻندن جي اها گهر بہ ٿي سگهي ٿي تہ موجوده معاشي نظام غيرمنصفانہ آهي، ان جي بدلي آسماني معاشي نظام گهرون ٿا، جنهن جي اچڻ سان جيڪي هن کان اڳ ايمان آڻي چڪا آهن ۽ جيڪي بعد ۾ ايمان آڻيندا، ان لاءِ خوشي ۽ مسرت جو ڏينهن هوندو. جيڪڏهن ”مائده“ جي نازل ٿيڻ واري ڏينهن کي يعني

نعمت الاهي ملڻ واري ڏينهن کي عيد ڪرڻ درست آهي تہ پوءِ پاڻ ڪريمن ﷺ جي يوم ولادت کي الله جي نعمت جي شڪراني طور عيد سمجهڻ ۾ بہ خوش ٿيڻ گهرجي.

ان تي مريم جي پٽ عيسىٰ عليه السلام دعا گهري تہ اي الله! اي اسان جا پروردگار! اسان ڏانهن آسمان طرفان طعام سان پريل دسترخوان موڪل تہ جيئن ان جي اچڻ سان اسان جي اڳين ۽ پوين سيني لاءِ عيد ٿي وڃي. اهو تنهنجي طرف کان فضل ۽ ڪرم جي هڪ نشاني ٿئي ۽ اسان جي روزي ۽ معيشت جو انتظام ٿي وڃي. بيشڪ تون سڀ کان وڏيڪ روزي رزق عطا ڪرڻ وارو آهين. جنهن تي الله تعالىٰ فرمايو تہ مان توهان ڏانهن دسترخوان (ذريعي رزق) موڪليندس، پر ان واضح معجزي (نظام معيشت) اچڻ کان پوءِ بہ جنهن ڪفران نعمت ڪيو ۽ حق جي راهہ کان هٽي ويا (ساڳيو نظام جاري رکيو) تہ پوءِ آءُ انهن کي اهڙو عذاب ڏيندس، جو ان جهڙو عذاب هن کان اڳ ڪنهن کي نہ مليو آهي، شايد عيسىٰ عليه السلام بہ هن ڌپ کان هنن کي چيو هيو تہ خدا جو خوف ڪريو، اهڙا سوال نہ ڪريو جو ڪري نہ سگهو ۽ عذاب جا مستحق ٿي وڃو. اهو ڪٿي بہ ثابت ناهي تہ دسترخوان نازل ٿيو هو يا نہ ٿيو هو، يا حواري خدا جي خوف کان ڊجي مطالبي تان هٿ ڪڍي ويا هئا. (تفهيم القرآن: حضرت مولانا مودودي رحمة الله عليه)

وَ اِذْ قَالَ اللّٰهُ یٰعِیْسَى ابْنَ مَرْیَمَ ءَاَنْتَ قُلْتَ لِلنَّاسِ اتَّخِذُوْنِیْ وَ اُمِّیَ اِلٰهَیْنِ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ؕ قَالَ سُبْحٰنَكَ مَا یَكُوْنُ لِیْۤ اَنْ اَقُوْلَ مَا لَیْسَ لِیْ ۗ بِحَقٍّ ؔؕ اِنْ كُنْتُ قُلْتُهٗ فَقَدْ عَلِمْتَهٗ ؕ تَعْلَمُ مَا فِیْ نَفْسِیْ وَ لَاۤ اَعْلَمُ مَا فِیْ نَفْسِكَ ؕ اِنَّكَ اَنْتَ عَلَّامُ الْغُیُوْبِ ﴿۱۱۶﴾ مَا قُلْتُ لَهُمْ اِلَّا مَاۤ اَمَرْتَنِیْ بِهٖۤ اَنِ اعْبُدُوا اللّٰهَ رَبِّیْ وَ رَبَّكُمْ ۚ وَ كُنْتُ عَلَیْهِمْ شَهِیْدًا مَّا دُمْتُ فِیْهِمْ ۚ فَلَمَّا تَوَفَّیْتَنِیْ كُنْتَ اَنْتَ الرَّقِیْبَ عَلَیْهِمْ ؕ وَ اَنْتَ عَلٰى كُلِّ شَیْءٍ شَهِیْدٌ ﴿۱۱۷﴾ اِنْ تُعَذِّبْهُمْ فَاِنَّهُمْ عِبَادُكَ ۚ وَ اِنْ تَغْفِرْ لَهُمْ فَاِنَّكَ اَنْتَ الْعَزِیْزُ الْحَكِیْمُ ﴿۱۱۸﴾

وقف النبي صلى الله عليه وسلم

۽ جڏهن الله انهن کي ياد ڏياري پڇندو تہ اي عيسىٰ ابن مريم عليهما السلام! ڇا تو ماڻهن کي چيو هو تہ خدا کي ڇڏي توهان مون کي ۽ منهنجي ماءُ کي پنهنجو معبود بڻايو. هو عرض ڪندو تہ سبحان الله! مون کان اهو ٿي نٿو سگهي جو مان اهڙي ڳالهہ ڪريان، جنهن جو مون کي ڪو حق ناهي، جيڪڏهن مون ائين چيو هوندو تہ تنهنجي علم ۾ هجي ها. ڇو تہ تون منهنجي اندر جا راز ڄاڻين ٿو ۽ آءٌ تنهنجن رازن کان ناواقف آهيان. (116) مون تہ انهن کي اهو ئي چيو هو تہ جنهن جو حڪم توهان جي ذات گرامي مون کي ڏنو هو تہ الله جي بندگي ڪريو جيڪو منهنجو بہ پروردگار آهي ۽ توهان جو بہ. جيستائين مان انهن جي درميان هيس تہ هنن جو نگران هوس ۽ جڏهن تو منهنجو وقت پورو ڪيو تہ پوءِ تون هنن جي هر شيءِ کي ڏسي رهيو هئين.(117) جيڪڏهن تون هنن کي عذاب ڏين ٿو تہ هو تنهنجا ٻانها آهن (۽ ڪير بہ توکي روڪي نٿو سگهي) پر جيڪڏهن ڪين معاف ڪرين تہ بيشڪ تون ئي هر شيءِ تي غالب ۽ حڪمت ڏٽي آهين. (118)

ان کان بعد الله تعالىٰ پنهنجي رسول عيسىٰ عليه السلام کان پڇندو تہ توکان بعد تنهنجي جماعت وارن توکي ۽ تنهنجي والده کي معبود بڻائي خدا بڻايو ڇا اها تنهنجي تعليم هئي ۽ تو انهن کي اهڙو حڪم ڏنو هيو تہ خدا جي عبادت ڪرڻ بدران منهنجي ۽ منهنجي ماءُ حضرت مريم جي خدا سمجهي عبادت ڪريو، جنهن تي عيسىٰ عليه السلام جواب ۾ عرض ڪندو تہ تنهنجي ذات پاڪ انهيءَ کان برتر آهي، جو ڪنهن کي تنهنجي برابريءَ جو درجو ڏنو وڃي. مان اهڙي ڳالهہ ڪيئن ڪري سگهان ٿو، جنهن ڳالهہ ڪرڻ جو مون کي ڪو حق ناهي، جيڪڏهن مون ڪجهہ اهڙي ڳالهہ ڪئي آهي تہ ان جو توکي ضرور علم هجي ها، تون منهنجي دل جا راز ڄاڻين ٿو ۽ توکي انهن ماڻهن جي ۽ پوري ڪائنات جي مخفي شين جي پوري معلومات آهي. مون تہ هنن کي رڳو اهو ڪجهہ چيو ۽ ٻڌايو هيو جنهن جو حڪم تنهنجي ذات پاڪ طرفان مليو، يعني هڪ الله تعالىٰ جي عبادت ڪريو،

ان جي حڪمن جي تعميل ڪريو، جيڪو منهنجو ۽ اوهان سڀني جو پروردگار آهي، جيستائين مان انهن ۾ موجود هيس تہ مان انهن جي هر حال کان واقف ڪار هئس. منهنجي هوندي هنن اهڙي دعوىٰ ڪا نہ ڪئي هئي. مان سندن نگران هئس، پر جڏهن تنهنجي طرفان منهنجو وقت پورو ٿيو. "فَلَمَّا تَوَفَّيْتَنِيْ" ۾ حضرت عيسىٰ عليه السلام جو موت مراد ناهي. "تَوَفِّيْ" جي حقيقي معنىٰ مارڻ ناهي، پر پوريءَ طرح پنهنجي قبضي ۾ وٺڻ آهي. "موت" لاءِ هي لفظ مجاز طور استعمال ٿيندو آهي. "اَللّٰهُ يَتَوَفَّى الْاَنْفُسَ حِيْنَ مَوْتِهَا" (الزمر: 39/ 42) يعني موت وقت الله نفس (ذي جان) پنهنجي قبضي ۾ وٺي ٿو. "وَهُوَ الَّذِيْ يَتَوَفّٰىكُمْ بِالَّيْلِ" (الانعام: 6/ 60) الله تعالىٰ اها ذات آهي، جيڪا ننڊ ۾ توهان جي نفسن کي قبضي ۾ وٺي ٿي. حسن بصري رحمة الله عليه جو قول آهي تہ الله جي ڪتاب ۾ "اَلْوَفَاةُ" جو لفظ ٽن معنائن ۾ آيو آهي: وَفَاتُ الْمَوْتِ، وَفَاتُ النَّوْمِ، وَوَفَاتُ الرَّفْعِ (تفسير قرطبي). "اَللّٰهُ يَتَوَفَّى الْاَنْفُسَ حِيْنَ مَوْتِهَا" (الزمر: 39/42) "وَهُوَ الَّذِيْ يَتَوَفّٰىكُمْ بِالَّيْلِ" (الانعام: 6/60) "يٰعِيْسٰٓى اِنِّيْ مُتَوَفِّيْكَ" (آل عمران: 3/55) سو "فَلَمَّا تَوَفَّيْتَنِيْ" جي معنىٰ ٿيندي: "جڏهن تو مون کي پنهنجي قبضي ۾ رکيو". ان بعد تنهنجي ذات پاڪ انهن جي نگران هئي. تون هر شي کي لڪل هجي يا ظاهر ڏسين ٿو ۽ ان جي نگهباني ڪرڻ وارو آهين. جيڪڏهن تون هنن کي عذاب ڏئين تہ هي تنهنجا ٻانها آهن، پر جيڪڏهن هنن کي بخش ڪرين تہ هر حال ۾ تنهنجو اختيار آهي تنهنجي ذات پاڪ هر شيءِ تي غالب آهي ۽ تنهنجا سڀ حڪم ۽ فيصلا حڪمت وارا آهن. "لَا يُسْئَلُ عَمَّا يَفْعَلُ وَهُمْ يُسْئَلُوْنَ" (الانبياء: 21/23) الله جو ڪجهہ ڪري ٿو، ان کان ڪا باز پرس نہ ٿيندي، پر ماڻهن کان سندن اعمال جي باز پرس ضرور ٿيندي.

حضرت عبدالله بن عمرو بن العاص رضي الله تعالىٰ عنه کان روايت آهي تہ نبي ڪريم خاتم النبيين ﷺ جڏهن هي آيتون پڙهيون: "فَمَنْ تَبِعَنِيْ فَاِنَّهٗ مِنِّيْ ۚ وَمَنْ عَصَانِيْ فَاِنَّكَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ۝" (ابراهيم: 36/14) "اي منهنجا رب! جنهن منهنجي فرمانبرداري ڪئي، اهو منهنجي جماعت مان هوندو ۽ جنهن نافرماني ڪئي تہ تون ئي عزت، غلبي ۽ حڪمت وارو آهين" ۽ وري هيءَ آيت پڙهي: "اِنْ تُعَذِّبْهُمْ فَاِنَّهُمْ عِبَادُكَ ۚ وَاِنْ تَغْفِرْ لَهُمْ فَاِنَّكَ اَنْتَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿۱۱۸﴾" تہ حضور اڪرم خاتم النبيين ﷺ زاروقطار روئڻ لڳا ۽ عرض ڪيائون: "اَللّٰهُمَّ اُمَّتِيْ اُمَّتِيْ" الله تعالىٰ

حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَامُ کي موڪليو تہ منهنجي حبيب کان پڇ تہ توکي ڇا ڪپي؟ حضور خَاتَمُ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ جن پنهنجي امت جي بخشش جو ذڪر ڪيو. ”فَقَالَ اللّٰهُ يَا جِبْرِيْلُ اِذْهَبْ اِلٰى مُحَمَّدٍ فَقُلْ اِنَّا سَنُرْضِيْكَ فِيْ اُمَّتِكَ وَلَا نَسُوْئُكَ“ (صحيح مسلم) اي پيارا حبيب! توهان رنجيده نہ ٿيو. يقيناً اسان تنهنجي امت سان رحمت وارو اهڙو سلوڪ ڪنداسون، جنهن ۾ تنهنجي رضا ۽ خوشي هوندي ۽ اهڙو معاملو نہ هوندو، جيڪو توکي ناگوار گذري.

الحمد لله! جنهن اسان جهڙن گنهگارن کي ان رحمت عالم خَاتَمُ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ جو امتي هجڻ جو شرف بخشيو آهي. ”لِاَنَّ الْجَنَّةَ بِمَا فِيْهَا كَالْعَدَمِ بِالنِّسْبَةِ اِلٰى رِضْوَانِ اللّٰهِ“ الله جو رضامندو ۽ رضوان، الله جي اهڙي نعمت آهي، جنهن جي مقابلي ۾ جنت ڪجهہ بہ ناهي. (ضياءُ القرآن) (الفجر: 89/ 27 کان 30)

قَالَ اللّٰهُ هٰذَا يَوْمُ يَنْفَعُ الصّٰدِقِيْنَ صِدْقُهُمْ ؕ لَهُمْ جَنّٰتٌ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ؕ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا عَنْهُ ؕ ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿۱۱۹﴾
١٦ ع ٥ ٢ لِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا فِيْهِنَّ ؕ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿۱۲۰﴾ ع

الله تعالىٰ فرمائيندو تہ هي اهو ڏينهن آهي، جنهن ڏينهن سچن جي سچائي هنن کي ڪم ايندي. هنن لاءِ اهڙا باغ هوندا جن جي دامن ۾ نهرون جاري هونديون، جنهن ۾ هو هميشہ هميشہ لاءِ رهندا. الله هنن کان راضي ٿيو ۽ هو الله کان راضي ٿيا. اها ئي وڏي ڪاميابي آهي.(119) سمورن آسمانن ۽ زمين تي ۽ انهن جي درميان جو ڪجهہ بہ آهي ان تي الله جي بادشاهيءَ جو نظام جاري آهي. اهڙي طرح ڪائنات سان گڏ انسانن سميت بہ هر شيءِ هن جي دست قدرت ۾ ڪار فرما آهي.(120)

الله تعالىٰ فرمائيندو تہ اڄ ڏينهن اعمال جي نتيجن ظاهر ڪرڻ جو ڏينهن آهي، اڄ رڳو انهن ماڻهن کي سندن ايمان فائدو ڏيندو، جن سچي دل سان ايمان آندو هوندو، يعني هنن پنهنجي عمل سان پنهنجي ايمان (اقرار) جي تصديق ڪئي هوندي، انهن جي

لاءِ جنت جي پربهار زندگي جنهن جون رونقون ۽ شادابيون هميشہ هميشہ رهڻ واريون آهن، جن باغن جي دامن ۾ نهرون جاري هونديون. هنن پنهنجي عمل سان الله تعالىٰ کي راضي ڪيو تہ الله تعالىٰ بہ انهن تي راضي ٿي پنهنجي نعمتن ۽ نوازشن سان نوازيو. يقينًا اها وڏي ڪاميابي آهي، جو الله جي رضا حاصل ٿي وڃي. زمين ۽ آسمانن جي بادشاهي الله تعالىٰ جي آهي، جنهن جي حڪمراني ۽ اقتدار پوري ڪائنات زمين آسمانن ۾ جو ڪجهہ آهي ان تي دائم قائم آهي ۽ دائم قائم رهندو.

سورة الفاتحه مڪي سورت آهي ۽ پوري قرآن جو خلاصو آهي، سورت الحجر ۾ آهي: ”وَلَقَدْ اٰتَيْنٰكَ سَبْعًا مِّنَ الْمَثَانِيْ وَالْقُرْاٰنَ الْعَظِيْمَ“ اسان توکي بار بار ورائي ورائي پڙهڻ واريون ست آيتون ۽ قرآن عظيم ڏنو آهي. باقي سورة البقره، سورة النساءَ ۽ سورة المائده چار ئي مدني سورتون آهن، جن ۾ شرعي احڪام، اهل ڪتاب سان خطاب، انهن تي غلط عقيدن جا الزامات، انهن جي نفي ايمان جي دعوت الله ۽ ان جي رسولن، ڪتابن، فرشتن يوم آخرت سڀ تي ايمان آڻڻ، حلال حرام، نڪاح طلاق، محرّم غيرمحرم، وياج واپار، گذريل انبياءَ ۽ قومن جي تاريخ، امت مسلمہ جي ذميداري وغيرهم جهڙا معاملا اچي ويا آهن.

---

الحمد لله والصلواة والسلام علىٰ سيد الانبياءِ- الله جل شانه جي عنايتن، رهبري ۽ رضا سان سورة المائده جو تفسير اڄ بتاريخ 31 مئي 2022ع تي گلاسڪو (U.K) ۾ اختتام پذير ٿيو. وما توفيقي الاّ بِاللّٰهِ

بَارَكَ اللّٰهُ لِيْ وَلَكُمْ فِي الْقُرْآنِ الْعَظِيْمِ وَنَفَعَنِي وَإِيَّاكُمْ بِالْآيَاتِ وَالذِّكْرِ الْحَكِيْمِ

غلام حسين مشتاق سڄاروي

# سُورةُ الاَنۡعَام

سورة الفاتحه ”اَلۡحَمۡدُ“ سان شروع ٿي هئي، وري هي ڇهون نمبر سورة بہ ”اَلۡحَمۡدُ“ سان شروع ٿي رهي آهي. هن بعد وري سورة الڪهف، سوره سبا ۽ سورة الفاطر بہ ”اَلۡحَمۡدُ“ سان شروع ٿين ٿيون. قرآن ڪريم جي 114 سورتن مان ڪجهہ سورتون وقفي وقفي سان الله تعاليٰ جي حمد ۽ تعريف سان شروع ٿيون آهن. هر طرح جو حمد ۽ تعريف صرف الله وحده لا شريڪ له ڪي جڳائي، جنهن آسمانن ۽ زمين، يعني پوري ڪائنات ڪي پيدا ڪيو آهي. انڌيرا ۽ اجالا نمودار ڪيا پوءِ بہ جيڪي الله تعاليٰ جا منڪر ٿي ويا آهن، سي انڌيري ۽ اُجالي ۾ بہ فرق نٿا ڪري سگهن. ڪيترن روشن دليلن جي اچڻ باوجود تہ الله هڪ آهي. ان جو ڪو ثاني ناهي. ان هوندي بہ هو دنيا جي ٻين غير معبود شين ڪي الله جو درجو ڏئي ان جي برابر سمجهن ٿا. هي اهي مڪي جا مشرڪ آهن، جيڪي خدا، آخرت ۽ وحي الاهي جا منڪر آهن. الله تعاليٰ هر شيءِ چٽي ۽ ظاهر ڪري ڇڏي آهي. روشني روشني آهي ۽ انڌيرو انڌيرو آهي. پوءِ بہ جيڪي ماڻهو روشنيءَ ڪي ڇڏي انڌيرو قبول ڪن ٿا تہ اهي حقيقي الله ڪي ڇڏي، نقلي خدا بڻائي انهن ڪي الله وانگي قوت ۽ اختيار ۾ برابر سمجهن ٿا، جنهن الله جي دست، قدرت ۾ پوري ڪائنات زمين و آسمان جو نظام آهي. هي اهو ئي الله آهي، جنهن اوهان ڪي جيڪي مٽي مان پيدا ڪيو (الاعراف: 7/11-12، الحج: 15/26-27، بني اسرائيل: 17/27، ص 38/71) يعني آب و گل جي ملاوٽ سان ”وَ اَخۡرَجۡنَا مِنَ الۡمَآءِ كُلَّ شَیۡءٍ حَیٍّ“ هر زندگي پاڻي مان جنم ورتو. پوءِ اوهان جي هن طبعي زندگي جي ميعاد مقرر ڪئي. افراد جي موت و حيات ۽ اقوام جي موت و حيات جو وقت مقرر آهي. افراد جي زندگي جي ميعاد (آل عمران: 3/145، الواقعه: 56/60) واري عمر مشيت الله جي سان گهٽ وڌ بہ ٿئي ٿي (الفاطر: 35) اهڙي طرح قوم جي اجتماعي اڪثريت پنهنجي اعمال سان زندگي جي مدت خود مقرر ڪندي آهي.

معلوم هئڻ گهرجي تہ الله تعاليٰ جو قانون اقتدار ۽ اختيار رڳو خارجي ڪائنات تائين محدود ناهي، پر انسان جي زندگي ۽ اعمال جي نتيجن تي بہ حاوي ۽ قادر آهي. (العنڪبوت: 29/61-62) جنهن تي نوع انسان جي معاشي ۽ تمدني زندگي جو دارومدار آهي. (لاانبياء: 21/21/22، الزخرف: 43/84) هن زندگي واري ميعاد کان علاوه هڪ ٻي ميعاد قيامت ۾ روزِ جزا ۽ سزا واري هوندي، جنهن ۾ پهرين ميعاد جا نتيجا ظاهر ڪيا ويندا. "اَلدُّنۡيَا مَزۡرَعَةُ الۡاٰخِرَةِ" دنيا آخرت جي پوک آهي. ان ڪري جو ڪجهہ هت پوکبو، اهو ئي اڳتي لڻبو. توهان هن حقيقت تي غورنتا ڪريو پر شڪ ۽ گمان جي دلدل ۾ ڦاٿل رهو ٿا. ياد رهي تہ فقط اهو هڪڙو ئي الله آهي، جيڪو ڪائنات جي اقتدار ۽ اختيار جو نفاذ ڪرڻ جنهن جي هٿ وس آهي، ان ڪانسواءِ ڪو ٻيو جهانن جو حڪمران ۽ ڪار فرما ناهي، جيڪو اوهان جي هر لڪل ۽ ڳجهي عمل جو علم رکي ٿو. اوهان جو ڪجهہ چڱو برو ڪيو ٿا اهو سڀ هن کي معلوم آهي.

هن کان اڳ بيان ٿي چڪو آهي تہ سورة البقره کان سورة المائده تائين چار سورتون مدني آهن، جن ۾ سورة البقره ۽ سوره آل عمران هڪٻئي جو جوڙ آهن ۽ سورة النساءِ ۽ سورة المائده پاڻ ۾ جوڙ آهن. سورة الانعام ۽ سورة الاعراف مڪي سورتون آهن ۽ مضمون جي لحاظ سان هڪٻئي جو جوڙ سورتون آهن. سورة الانعام ۾ حقائقِ عقل و شعور، فطرت ۽ انفس ۽ آفاق جي دليلن سان ثابت ڪيا ويا آهن تہ سورة الاعراف ۾ انهن حقائق جو تاريخي ثبوتن ۽ ماضيءَ جي احوالن سان پيش ٿيا آهن. ٻنهي سورتن جا مخاطب قريش آهن. سورة الانعام ۾ توحيد رسالت ۽ قيامت بابت ثبوت ۽ وضاحت ۽ قريش مڪہ جي هٺ ڌرمي ۽ ضد تي تنبيه ۽ خالص توحيد تي ايمان آڻڻ جي دعوت مذڪور آهي. سورة الاعراف ۾ قريش کي سندن بداعمالين جي نتيجن کان آگاهي ۽ انذار (ڊيڄارڻ) سان گڏوگڏ هن ڳالهہ تي زور ڏنو ويو آهي تہ خدا پاران رسول جي بعثت بعد قوم جي ڪهڙي ذميداري آهي ۽ جيڪڏهن ڪا قوم پنهنجي رسول جي تڪذيب ۽ مخالفت ڪري تہ ان جا ڪهڙا نتيجا رونما ٿيندا. وڌيڪ تفصيل لاءِ سورة جو مطالعو ضروري آهي.

آيتون ١٥٦ سورة الانعام (مکي سورت) رکوع ٢٠

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ الَّذِىۡ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضَ وَ جَعَلَ الظُّلُمٰتِ وَ النُّوۡرَ ؕ ثُمَّ
الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا بِرَبِّهِمۡ يَعۡدِلُوۡنَ ۝١ هُوَ الَّذِىۡ خَلَقَكُمۡ مِّنۡ طِيۡنٍ ثُمَّ قَضٰۤى اَجَلًا ؕ
وَ اَجَلٌ مُّسَمًّى عِنۡدَهٗ ثُمَّ اَنۡتُمۡ تَمۡتَرُوۡنَ ۝٢ وَ هُوَ اللّٰهُ فِى السَّمٰوٰتِ وَ فِى
الۡاَرۡضِ ؕ يَعۡلَمُ سِرَّكُمۡ وَ جَهۡرَكُمۡ وَ يَعۡلَمُ مَا تَكۡسِبُوۡنَ ۝٣ وَمَا تَاۡتِيۡهِمۡ مِّنۡ
اٰيَةٍ مِّنۡ اٰيٰتِ رَبِّهِمۡ اِلَّا كَانُوۡا عَنۡهَا مُعۡرِضِيۡنَ ۝٤ فَقَدۡ كَذَّبُوۡا بِالۡحَقِّ لَمَّا
جَآءَهُمۡ ؕ فَسَوۡفَ يَاۡتِيۡهِمۡ اَنۡۢبٰٓؤُا مَا كَانُوۡا بِهٖ يَسۡتَهۡزِءُوۡنَ ۝٥

الله جي (بابرڪت) نالي سان شروع جيڪو تمام گھڻو مھربان ۽ لڳاتار رحم ڪرڻ وارو آھي.

سمورا حمد (۽ شڪرانا) الله جي لاءِ آھن، جنھن آسمان ۽ زمين جي تخليق ڪئي ۽ انڌيرا ۽ روشني بنائي، پوءِ ڪافر (ڪوڙن ۽ باطل معبودن کي) پنھنجي رب جي ھمسر (۽ برابر) ڪن ٿا.(1) ھي اھو الله آھي، جنھن توھان کي مٽيءَ مان پيدا ڪيو آھي، پوءِ ھن اوھان جي زندھ رھڻ جو ھڪ وقت مقرر ڪيو ۽ ھڪ ٻيو موت (حيات بعد الموت) بہ آھي، جيڪو ھن وٽ مقرر آھي. تعجب آھي، جو (ھيڏن دليلن ڪانپوءِ بہ) اوھان ڪج بحثي ۽ شڪ ڪريو ٿا. (2) اھو ئي الله آسمانن ۾ آھي تہ زمين ۾ بہ. توھان جي مخفي ۽ ظاھر شين ڪان واقف آھي

۽ جيڪا ڪمائي ڪري رهيا آهيو، ان کان باخبر آهي.(3) هنن ماڻهن جو هي
حال آهي تہ هنن وٽ سندن پروردگار پاران نشانين مان ڪا بہ نشاني اچي ٿي تہ
هو ان کان منهن موڙين ٿا.(4) ۽ جنهن وقت حق (قرآن مجيد) هنن وٽ آيو تہ ان
کي بہ ڪوڙو قرار ڏنائون. ان ڪري عنقريب هنن کي ان جو پتو پئجي ويندو،
جنهن جو هو مذاق بڻائين ٿا.(5)

---

هيءَ سورت توحيد جي بيان سان شروع ٿي رهي آهي. الله، جيڪو زمين ۽ آسمانن جو نور ۽ خالق آهي، اهوئي حمد ۽ شڪر جي لائق آهي. جهڙيءَ طرح پهرين سورتن ۾ زياده تر خطاب اهلِ ڪتاب کي هيو، اهڙيءَ طرح سورة الانعام ۾ زياده تر مڪي جي مشرڪن ۽ ٻين انهن جماعتن کي، جيڪي الهامي ڪتابن ۾ جزا ۽ آخرت ۾ ايمان نٿا رکن، جو ذڪر آهي. الله تعالىٰ هيءَ ڪائنات پيدا ڪئي ۽ ان ۾ روشني نمودار ڪئي. تاريڪي تاريڪي آهي ۽ روشني روشني آهي. ٻنهي جو فرق اک ڏسي سگهي ٿي. ان هوندي بہ جيڪي ماڻهو پنهنجي پروردگار جا منڪر ٿي ويا آهن، اهي هنن ٻنهي روشني ۽ تاريڪيءَ ۾ فرق نٿا ڪن ۽ الله سان ٻين هستين کي شريڪ ڪن ٿا ۽ ان رحمان، رحيم جي حمد ۽ ثنا نٿا ڪن، حالانڪ پوري ڪائنات يعني آسمان ۽ زمين پنهنجي خالق جي حمد ۽ شڪر جو مظهر آهي ۽ انهي ڪائناتي نظام هيئت تہ سيّارن جي گردش سان انڌيرا ۽ روشني رونما آهن. مجوسين جو اهو عقيدو تہ ”خير جو خالق يزدان ۽ شر جو خالق برهمن آهي“ درست ناهي، بلڪ اصل روشني آهي، ان جي غير موجودگي ۾ تاريڪي آهي. هن ايڏي وڏي ثبوت هوندي بہ هو (ڪافر) هڪ خدا جو انڪار ڪري غير الله کي خدا جي برابر معبود ۽ حاجت روا بڻائين ٿا. اونداهي ۽ روشني تہ سج چنڊ جي مرهون منت آهي، پر الله تہ اهو آهي، جنهن توهان جي تخليق جي شروعات بنا ڪنهن بيروني واسطي جي بي جان مٽيءَ جي مادي مان ڪئي ۽ جنهن اوهان لاءِ بہ اجل يعني بہ ميعاد مقرر ڪيا آهن: هڪ هن زندگيءَ جو وقت آهي ۽ ٻيو موت بعد آخرت جي زندگي آهي. پهرين زندگي عمل لاءِ آهي ۽ ٻي زندگي نتيجن (فيصلن) لاءِ آهي، پوءِ اوهان جي هن طبعي زندگي لاءِ جيڪا

ميعاد مقرر ڪئي، تنهن ۾ افراد جي شخصي زندگي جي مدت طبعي قانون مطابق مقرر ڪئي. (آل عمران: 145/3، الواقعه: 56/61-60) جنهن مطابق عمر گهٽجي ۽ وڌي ٿي. (الفاطر: 11/35) ۽ آخرت جي زندگيءَ جو ذڪر بہ وضاحت سان ڪيل آهي. اهڙي طرح قومن جي اجتماعي موت (زوال) حيات (ڪمال) لاءِ بہ قانون مقرر آهي، جنهن جي روشني ۾ قومن جي مدت جو تعين ٿيندو آهي. (الانعام: 6/6، الاعراف 34/7، يونس: 49/10، الرعد: 38/13) جڏهن قانون ازلي موجب قوم جي زندگي جو معياد ختم ٿيندو آهي تہ پوءِ نتيجن کان بچڻ ممڪن ناهي. جهڙيءَ طرح خدا جو اهو قانون آسمانن ۽ زمين تي موجود آهي، اهڙي طرح اهو انساني زندگي جي ظاهري ۽ مخفي حالتن کان بہ آگاهہ ۽ عملي طرح ڪاربند آهي. (الانبياء: 21/21-22، العنڪبوت: 29/61-62 الزخرف: 84/43) ۽ هو اوهان جي هر عمل کان واقف آهي، پر ان هوندي بہ ماڻهن جو اهو حال آهي، جو هو پروردگار طرفان ايندڙ نشانين مان جيڪي اسلام جي سچو ثابت ڪرڻ لاءِ ايندي رهن ٿيون، هر نشانيءَ جي مجڻ بدران ان کان ڪناره ڪشي ڪن ٿا.

هن وقت جي ڪافرن جي بہ اها ڪيفيت آهي، جو جڏهن حق يعني قرآن مجيد جيڪو مڪمل ضابط حيات آهي يا رسولِ خدا محمد مصطفیٰ خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم جيڪو سراپا هدايت ۽ نور آهي، ان کي هو ڪوڙ سمجهن ٿا ۽ ان کان آيل تنبيه کي کل يوگ ۾ مذاق بنائين ٿا، ڇا هنن جي انهن ناڪام ڪوششن سبب هي انقلاب رڪجڻ وارو آهي؟ هرگز نہ، اهو تہ اچي رهندو. افسوس آهي انسان جي اهڙي غفلت تي، جو هو هميشہ خدا جي چٽين نشانين کي پنهنجي ضد، هٺ ۽ تڪبر جي ڪري ڪوڙو چوندو رهي ٿو. هن وقت بہ سچائيءَ جي دعوت روز روشن وانگر نمودار ٿي پر پوءِ بہ هن کان منهن موڙي ويٺا آهن.

اَلَمْ يَرَوْا كَمْ اَهْلَكْنَا مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنْ قَرْنٍ مَّكَّنّٰهُمْ فِي الْاَرْضِ مَا لَمْ نُمَكِّنْ لَّكُمْ وَاَرْسَلْنَا السَّمَآءَ عَلَيْهِمْ مِّدْرَارًا ۪ وَّجَعَلْنَا الْاَنْهٰرَ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهِمْ فَاَهْلَكْنٰهُمْ بِذُنُوْبِهِمْ وَاَنْشَاْنَا مِنْۢ بَعْدِهِمْ قَرْنًا اٰخَرِيْنَ ۞٦ وَلَوْ نَزَّلْنَا عَلَيْكَ كِتٰبًا فِيْ قِرْطَاسٍ فَلَمَسُوْهُ بِاَيْدِيْهِمْ لَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِنْ هٰذَآ

اِلَّا سِحۡرٌ مُّبِيۡنٌ ۞ وَقَالُوۡا لَوۡلَاۤ اُنۡزِلَ عَلَيۡهِ مَلَكٌ ؕ وَلَوۡ اَنۡزَلۡنَا مَلَكًا لَّقُضِىَ
الۡاَمۡرُ ثُمَّ لَا يُنۡظَرُوۡنَ ۞ وَلَوۡ جَعَلۡنٰهُ مَلَكًا لَّجَعَلۡنٰهُ رَجُلًا وَّ لَلَبَسۡنَا عَلَيۡهِمۡ
مَّا يَلۡبِسُوۡنَ ۞ وَلَقَدِ اسۡتُهۡزِئَ بِرُسُلٍ مِّنۡ قَبۡلِكَ فَحَاقَ بِالَّذِيۡنَ سَخِرُوۡا مِنۡهُمۡ
مَّا كَانُوۡا بِهٖ يَسۡتَهۡزِءُوۡنَ ۞ ع

(هي نادان ماڻهو پنهنجي طاقت ۽ دولت جي نشي ۾ مست تي سمجهن ٿا تہ هنن کي جيڪا هيڏي وڏي خوشحالي ۽ اقتدار حاصل آهي، هو ڪڏهن بہ تباهيءَ ۾ نٿا اچي سگهن، پر) هنن ڪڏهن هن حقيقت تي غور ڪيو آهي تہ هنن کان اڳ ڪيترين قومن تباهہ ٿي چڪيون آهن، جن کي ايتري تہ گهڻي قوت ۽ مال دولت ميسر هئي، جيڪا هنن کي حاصل نہ آهي. هنن تي خوب بارشون اٿيون (باغ ٿيا) ۽ انهن جي دامن ۾ نهرون جاري ڪيون، پوءِ بہ هو نہ مڙيا، ان ڪري سندن گناهن جي سزا طور هلاڪ ڪيو سون ۽ ان کان بعد ٻي قوم کي آندوسون(6) اي پيغمبر ﷺ! جيڪڏهن اسان تو تي ڪاغذ تي لکيل ڪتاب نازل ڪيون ها ۽ هو ان کي هٿ لائي بہ ڏسن ها، تڏهن بہ هي ڪافر چون ها تہ هي جادوءَ ڪانسواءِ ڪجهہ بہ نہ آهي. (7) وري چون ٿا هن نبيءَ تي ڪو (نظر ايندڙ) فرشتو ڇو نہ نازل ڪيو ويو، جيڪڏهن (هنن جي چواڻي) اسان فرشتو نازل ڪريون ها تہ پوءِ اڄ تائين فيصلو بہ ٿي وڃي ها ۽ پوءِ هنن کي ڪا مهلت بہ نہ ملي ها. (8) جيڪڏهن اسان رسول کي فرشتو بنايون ها تہ ان کي بہ انساني صورت ۾ ناهيون ها ۽ هو انهيءَ ساڳي شڪ شبهي ۾ رهن ها، جنهن ۾ هينئر آهن.(9) حقيقت اها آهي تہ توکان اڳ بہ رسولن سان مذاق ڪيو ويو تہ پوءِ جنهن شيءِ جو مذاق ڪندا هئا، انهيءَ مذاق ئي کين گهيري ۾ ورتو. هنن

**ڪي چئو تہ ذرا زمين ۾ گھمي ڦري ڏسو تہ (حق ڪي) ڪوڙ چوندڙن جو ڪھڙو انجام ٿيو آهي؟(10)**

ڪافرن جو حال بيان ڪندي ٻڌايو ويو تہ جڏهن بہ هنن وٽ وحدانيت بابت پوين قومن جو ڪو چٽو دليل آيو يا رسول الله ﷺ جي صداقت جي ڪا نشاني آئي تہ اهي ان ڪان منهن موڙي ٿا ڇڏين. اهو انڪار ۽ عناد جو سلسلو اڳين قومن وانگر قرآن جي نزول وقت بہ هيو، ان ڪري انهن کي ٻڌايو ٿو وڃي تہ خبردار ٿيو، اوهان بہ حق ۽ سچائيءَ جا انڪاري ٿيندا تہ اوهان جو بہ ساڳيو حشر نشر ٿيندو. ان ڪري اي حق جو انڪار ڪندڙؤ! اوهان کي عاد جي قوم جي شان شوڪت ۽ ثمود جي عظمت ۽ طاقت جي خبر آهي تہ هنن جو ڪيترو رعب ۽ دٻدٻو هو، جن کي اهڙي قوت ۽ ثروت ڏني هئي، جيڪا اوهان جي نصيب ۾ بہ ناهي. اوهان پنهنجي هن محدود دولت ۽ اقتدار جي نشي ۾ اچي سمجهو ٿا تہ اوهان جو ڪجھ بہ ڪريو تباهي ۽ هلاڪت اوهان لاءِ نہ آهي. جڏهن اوهان ڪان وڌيڪ قوت وارن کي بہ اسان هلاڪ ڪري چڪا آهيون تہ پوءِ اوهان ڪھڙي باغ جي موري آهيو، جو غرور ۽ گھمنڊ ۾ ايترو ڪڏي رهيا آهيو. اسان هنن تي زوردار برسات جي وسڪاري سان خوشحاليءَ جا باب کولي ڇڏيا هئا، جن سان هنن جون زمينون، کيت، باغ ۽ بستيون آباد رهيون، جن باغن جي دامن ۾ نهرون وهنديون هيون، تہ جيئن سندن خوشحالي ۽ شادابي برقرار رهي. جڏهن هنن جي بي اعتدالي ۽ نافرمانيءَ سبب اسان کين هلاڪ ۽ برباد ڪري ڇڏيو ۽ ان جي جڳھ تي ٻي قوم کي آباد ڪيو تہ پوءِ اوهان ڪھڙي حيثيت ۾ ڪڏي رهيا آهيو؟ هو انهيءَ تاريخي شهادت ڪان سبق حاصل ڪرڻ ۽ عقل و بصيرت ڪان ڪم وٺڻ بدران ڪنهن معجزي جا خواهان آهن ۽ پنهنجي خواهش خلاف ڪجھ ٻڌڻ لاءِ تيار نہ آهن. بالفرض سندن اهو مطالبو پورو بہ ڪيو وڃي تہ بہ هو ساڳيو راڳ ورجائڻ لڳندا. جنهن جو مثال سورة النساء: 4/154-153 ۾ نقل ٿي چڪو آهي. هت هن حقيقت طرف اشارو آهي تہ گذريل قومن جي تاريخي حقيقتن ۾ اوهان لاءِ درس عبرت آهي ۽ هن اصل عظيم مقصدِ حيات طرف وضاحت تہ ايمان ۽ هدايت جي راهہ نظر و فڪر، عقل و دانش، فهم و فراست، حڪمت ۽ بصيرت واري راهہ آهي. بلادليل انڌي تقليد ۾ اسلاف جي پيرويءَ جي ڪا

حقيقت نہ آهي. جيڪڏهن توتي ڪاغذ تي لکيل ڪتاب نازل ڪيون ها تہ ڪافر ان ڪي هٿ سان ڇهڻ بعد بہ چون ها تہ هي جادو آهي. هنن جي اها بہ گهر آهي تہ جيڪڏهن هي نبي خاتم النبيين ﷺ سچو آهي تہ پوءِ سندس سچائي جي شهادت لاءِ الله اهڙو فرشتو هن سان گڏ چو نہ موڪليو آهي، جيڪو چوي تہ واقعي هي (جادوگر ناهي پر) خدا جو سچو رسول آهي ۽ اسان پنهنجن اکين سان ڏسي اطمينان ڪريون. "وَلَوْ فَتَحْنَا عَلَيْهِمْ بَابًا مِّنَ السَّمَآءِ فَظَلُّوْا فِيْهِ يَعْرُجُوْنَ○ لَقَالُوْٓا اِنَّمَا سُكِّرَتْ اَبْصَارُنَا بَلْ نَحْنُ قَوْمٌ مَّسْحُوْرُوْنَ○" (الحجر: 14-15/14) جيڪڏهن اسان هنن لاءِ (هنن ضدي ماڻهن لاءِ) آسمان جو ڪوئي دروازو کولي ڏيون ۽ هو ان تي چڙهي بہ وڃن، تڏهن بہ چوندا تہ اسان جون اکيون مندريون ويون آهن يا اسان تي جادو ڪيو ويو آهي. "وَاِنْ يَّرَوْا كِسْفًا مِّنَ السَّمَآءِ سَاقِطًا يَّقُوْلُوْا سَحَابٌ مَّرْكُوْمٌ" (الطور: 44/52) ۽ هو آسمان مان ڪرندڙ ٽڪرو بہ ڏسندا تہ چوندا گهاٽا بادل آهن. يعني عذاب الاهي جو بہ اهڙو انڪار يا اهڙي تاويل ڪندا تہ هن ۾ مشيت الاهي جو ڪو هٿ ناهي، ڇوتہ هو الله عزوجل جا انڪاري آهن، حالانڪہ ڪائنات ۾ جو ڪجهہ بہ ٿئي ٿو، اهو الله تعالیٰ جي مشيت سان ٿئي ٿو. عقل ۽ شعور وارن لاءِ فرشتي جي نازل هجڻ جي ضرورت ناهي. هي هنن جي اهڙي خساري واري خواهش آهي، جنهن ۾ فرشتي اچڻ کان پوءِ نہ سڌرڻ جي حالت ۾ تباهي يقينًا آهي. پر جيڪڏهن هنن احمقن جي خواهش تي سندن هدايت لاءِ ڪو فرشتو بہ اچي ها تہ يقينًا اهو انساني صورت ۾ هجي ها ۽ هنن جو اهو غلط تصور ۽ شڪ شبهي وارو رويو تہ ساڳيو برقرار رهي ها. انساني صورت ۾ ان ڪري جو انسان هن ڪي پنهنجي اصلي نوراني شڪل ۾ نہ ڏسي سگهن ها، پر انساني صورت ۾ ڏسي سگهن ها. ڪڏهن بہ ائين نہ ٿيو آهي تہ فرشتا پنهنجي نوراني شڪل ۾ ماڻهن جي هدايت لاءِ نازل ٿين، جن کي ماڻهو ڏسي بہ نہ سگهن، پر جيڪڏهن بالفرض اچن بہ ها تہ انساني صورت ۾ اچن ها ۽ اهو ساڳيو سوال برقرار رهي ها. دراصل هي نادان ماڻهو هن اهم معاملي کي سنجيدگيءَ سان ڏسڻ لاءِ تيار نہ آهن ۽ عقل و دانش سان پرکڻ بدران هن ڪي کيل مذاق سمجهي غير سنجيده ڳالهيون ڪري رهيا آهن. اي رسول خدا خاتم النبيين ﷺ! هنن جو اهو بداخلاقي وارو رويو رڳو توهان سان نہ رهيو آهي، پر توهان کان اڳ جيڪي رسول ڪرام آيا آهن، انهن سان اهو پوڳ مذاق ۽ راند روند وغيره وارو ناشائستہ رويو رهيو آهي، ان

ڪري بالآخر هنن مسخرن کي تباهيءَ گهيري ورتو ۽ هلاڪ ڪري ڇڏيو.

”لَقَدۡ مَنَّ اللّٰهُ عَلَى الۡمُؤۡمِنِيۡنَ اِذۡ بَعَثَ فِيۡهِمۡ رَسُوۡلًا مِّنۡ اَنۡفُسِهِمۡ يَتۡلُوۡا عَلَيۡهِمۡ اٰيٰتِهٖ وَيُزَكِّيۡهِمۡ وَيُعَلِّمُهُمُ الۡكِتٰبَ وَالۡحِكۡمَةَ“ الخ (آل عمران: 164/3) الله تعالىٰ جو مؤمنن تي وڏو احسان آهي جو انهن مان ئي پنهنجو پيارو رسول ﷺ موڪليو ويو آهي، جيڪو انهن تي الله جون آيتون پڙهي ٻڌائي ٿو. هنن کي پاڪ صاف ڪري ٿو ۽ هنن کي ڪتاب ۽ حڪمت جي تعليم ڏئي ٿو. پر ڪافر ان جا انڪاري هيا ته پيغمبر انسان ٿي سگهي ٿو. حالانڪ هن کان اڳ سڀ پيغمبر انسان ئي هيا، فرشتا نه هيا ۽ نه وري ڪو فرشتو گڏ مدد لاءِ هيو.

قُلۡ سِيۡرُوۡا فِى الۡاَرۡضِ ثُمَّ انۡظُرُوۡا كَيۡفَ كَانَ عَاقِبَةُ الۡمُكَذِّبِيۡنَ ﴿۱۱﴾ قُلْ لِّمَنۡ مَّا فِى السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ‌ؕ قُلْ لِّلّٰهِ‌ؕ كَتَبَ عَلٰى نَفۡسِهِ الرَّحۡمَةَ‌ؕ لَيَجۡمَعَنَّكُمۡ اِلٰى يَوۡمِ الۡقِيٰمَةِ لَا رَيۡبَ فِيۡهِ‌ؕ اَلَّذِيۡنَ خَسِرُوۡۤا اَنۡفُسَهُمۡ فَهُمۡ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ ﴿۱۲﴾ وَلَهٗ مَا سَكَنَ فِى الَّيۡلِ وَالنَّهَارِ‌ؕ وَهُوَ السَّمِيۡعُ الۡعَلِيۡمُ ﴿۱۳﴾ قُلۡ اَغَيۡرَ اللّٰهِ اَتَّخِذُ وَلِيًّا فَاطِرِ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ وَهُوَ يُطۡعِمُ وَلَا يُطۡعَمُ‌ؕ قُلۡ اِنِّىۡۤ اُمِرۡتُ اَنۡ اَكُوۡنَ اَوَّلَ مَنۡ اَسۡلَمَ وَلَا تَكُوۡنَنَّ مِنَ الۡمُشۡرِكِيۡنَ ﴿۱۴﴾

اي نبي محترم خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ ! هن انڪاري ٽولي کي چئو ته زمين تي گهمي ڦري ڏسو ته جن خدا جي قانون کي ڪوڙو ڪوٺيو، انهن جو ڪهڙو حشر ٿيو. (11) هنن کان پڇو ته آسمانن ۽ زمين ۾ جو ڪجهه آهي، اهو ڪنهن جي دست قدرت ۾ آهي ۽ ڪين ٻڌاءِ ته اهو سڀ ڪجهه الله جي حڪمرانيءَ ۾ آهي. هن پنهنجو پاڻ تي رحمت کي لازمي ڪري ڇڏيو آهي. هو توهان کي قيامت واري ڏينهن (هڪ هنڌ) ضرور گڏ ڪندو، جنهن ۾ ڪو به شڪ ناهي، هن کي رڳو اهي ماڻهو نٽا مڃين، جن پنهنجو پاڻ کي خساري ۾ مبتلا ڪيو آهي.(12) حقيقت هن ريت آهي ته جو ڪجهه رات ۾ سڪون پذير ۽ ڏينهن ۾ مشغول به ڪار آهي،

اهو سڀ ڪجهہ ان جي قبضہ قدرت ۾ آهي، هو سميع ۽ عليم آهي يعني خدا جي قدرت سڀ ڪي محيط ۽ ان جو علم هر شيءِ تي حاوي آهي. (13) هنن کي چؤ تہ مان ان الله کي ڇڏي، جيڪو آسمانن ۽ زمين جو پيدا ڪرڻ وارو آهي، ڪنهن ٻئي کي پنهنجو ڪارساز ۽ ولي بڻائي ڇڏيان؟ جيڪو ٻين کي کارائي ٿو، پر پاڻ کائڻ پيئڻ کان پاڪ آهي. تون هنن کي چؤ، مون کي حڪم آهي تہ مان سڀ کان پهريائين سر تسليم خم ڪرڻ وارو آهيان ۽ توهان مشرڪن مان نہ ٿيو. (14)

اي نبي مڪرم ﷺ هنن کي حق آگاهي لاءِ چؤ تہ پنهنجي چؤطرف زمين تي گهمي ڦري نظر ڦيرايو تہ اوهان کي اڳين قومن عاد ۽ ثمود ۽ مدين جا مسڪن ۽ قوم لوط جا شهر فرعون جي عبرت ناڪ تباهيءَ جا اسباب هر طرف نظر ايندا. توهان سير تفريح لاءِ نہ، پر انهن مان عبرت حاصل ڪريو، ڇوتہ پوين قومن جا آثار قديمہ ۽ تاريخي واقعا اصل حقيقت جي صداقت جي شهادت ڏئي رهيا آهن. هنن تاريخي دستاويزن واري شهادت کي نظر انداز ڪري نٿو سگهجي. ان سان گڏ هن ڪائنات جي پوري نظام تي غور ڪريو، جنهن ۾ آسمان ۽ زمين جي متوازن نظام جو سلسلو اوهان جي اکين آڏو رات ڏينهن بنا نقص ۽ عيب جي جاري ساري آهي، جيڪو گواهي ڏئي رهيو آهي تہ هنن سمورين شين جو خالق هڪ الله جل شانہ آهي، جنهن جي رحمت جي طفيل هي سارو نظام هلي رهيو آهي. قرآن حڪيم منطق ۽ فلسفي اسلوبِ بيان اختيار نٿو ڪري، مگر هڪ سڌي ۽ سهل رستي سان انسان جي فطري وجدان ۽ ذوق کي خطاب ڪري ٿو ۽ ان جي معنوي (حقيقي) محسوسات کي بيدار ڪرڻ گهري ٿو. هو چوي ٿو تہ هڪ خالق ۽ پروردگار جي هستيءَ جو اعتقاد انسان جي فطرت ۾ آهي. جيڪڏهن پوءِ هو انڪار ڪري ٿو يا غيرالله جي پرستش ڪري ٿو تہ هن جي وجداني قوت تي غفلت طاري ٿي وڃي ٿي ۽ ان کي بيدار ڪرڻ جي ضرورت آهي. ان ڪري انساني ذهن ۽ وجدان کي مخاطب ٿيندي چوي ٿو تہ ڪائنات کي ڪنهن پيدا ڪيو آهي. ڪير سيني کي رزق ڏئي ٿو. هر طرف

ڪنهن جي رحمت جو فيض موجود آهي. جيڪو ٻين کي ڪارائي ٿو، خود نٿو ڪائي. هڪ خدا کان سواءِ ڪو آهي؟ ٻڌايو ته ان ۾ ڪنهن جي قدرت ڪار فرما آهي. (العنڪبوت: 16-17/29، الروم: 30/30) اهو هڪ الله عزوجل آهي، جنهن جو اوهان انڪار ڪري نٿا سگهو. الله ان ساري نظام جي ارتقا ۽ بقا جو پنهنجي بي پايان رحمت سان انتظام ڪيو آهي، جيڪا نهايت وسيع آهي. (الانعام: 12/6-54) سورة الاعراف: 156/7 ۾ آهي: ”رَحْمَتِيْ وَسِعَتْ كُلَّ شَيْءٍ فَسَاَكْتُبُهَا لِلَّذِيْنَ يَتَّقُوْنَ وَيُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَالَّذِيْنَ هُمْ بِاٰيٰتِنَا يُؤْمِنُوْنَ“ منهنجي رحمت تمام شين تي محيط آهي. مان پنهنجي رحمت انهن ماڻهن جي نالي ضرور لکندس، جيڪي خوفِ خدا دل ۾ رکن ٿا ۽ زڪواة ڏين ٿا ۽ اسان جي آيتن تي ايمان آڻين ٿا. هن نظام جي مخالفت ۾ جيڪڏهن اوهان رڪاوٽ بڻجڻ جي ڪوشش ڪندؤ ته ائين ڪو نه ڪري سگهندا. توهان ڇالاءِ اهڙي الله عزوجل کي ڇڏي، ٻين ڏي وڃي رهيا آهيو. اوهان کي قيامت جي ان ڏينهن جنهن ۾ ڪو شڪ نه آهي، ڇپاٽي لاءِ ڪٺو ڪيو ويندو. انهن حقائق جي هوندي ان جو انڪار اهي ڪري سگهن ٿا، جن انڪار ڪري پاڻ کي خساري ۾ وڌو آهي.

هت رات لاءِ سَكَنَ (ساڪن) آيو آهي ۽ ڏينهن لاءِ تَحَرُّڪ محذوف آهي ته جملو ٿيو: مَا سَكَنَ فِي الَّيْلِ وَمَا تَحَرَّكَ فِي النَّهَارِ. هن الله وٽ رات جون اونداهيون هجن يا ڏينهن جون روشنيون، سڀ هن جي لاءِ يڪسان ۽ برابر آهن. هن کان اڳ چيو ويو ته جيڪو ڪجهه بلندي يا پستيءَ ۾ آهي، اهو سڀ ڪجهه الله تعالىٰ جي ملڪيت آهي. هاڻي رات ۽ ڏينهن، ظرف زمان يعني زماني جي پيماني ۾ جو ڪجهه آهي، اهو سڀ الله عزوجل جو آهي. توهان نه هن جي گرفت کان ڀڄي سگهو ٿا ۽ نه وري هن جي نگاهن کان پوشيده رهي سگهو ٿا. هو سڀ ڪجهه ٻڌڻ وارو ۽ علم رکڻ وارو آهي. ڀلا هن کان وڌيڪ کهڙو گهاٽي جو سودو ۽ وڏي حماقت هوندي جو مان پنهنجي پروردگار خالق مالڪ مولا ۽ ڪارساز کي ڇڏي ڏيان، جنهن هن پوري ڪائنات زمين ۽ آسمانن کي پيدا ڪيو آهي ۽ ڪنهن ٻئي غيرالله کي پنهنجو ولي ۽ حمايتي ڪيان. (الانعام: 164/6) هت ”وَلِيّ“ مان مراد معبود ۽ ڪارساز آهي. يعني الله عزوجل کي ڇڏي، ٻئي کي پنهنجو معبود، ڪارساز ۽ والي وارث بنايان، اهو ممڪن ناهي. باقي ”وَلِيّ“ معنىٰ دوست عام آهي.

قُلْ اِنِّيْٓ اَخَافُ اِنْ عَصَيْتُ رَبِّيْ عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿١٥﴾ مَنْ يُّصْرَفْ عَنْهُ
يَوْمَئِذٍ فَقَدْ رَحِمَهٗ ؕ وَذٰلِكَ الْفَوْزُ الْمُبِيْنُ ﴿١٦﴾ وَاِنْ يَّمْسَسْكَ اللّٰهُ بِضُرٍّ فَلَا
كَاشِفَ لَهٗٓ اِلَّا هُوَ ؕ وَاِنْ يَّمْسَسْكَ بِخَيْرٍ فَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿١٧﴾ وَهُوَ
الْقَاهِرُ فَوْقَ عِبَادِهٖ ؕ وَهُوَ الْحَكِيْمُ الْخَبِيْرُ ﴿١٨﴾

چؤ تہ مان جيڪڏهن پنهنجي رب جي نافرماني ڪريان تہ ڊجان ٿو تہ هڪ هولناڪ ڏينهن جي عذاب ۾ مبتلا ٿي وڃان. (15) جيڪو ماڻهو بہ ان ڏينهن عذاب کان پري ڪيو ويو تہ الله ان تي رحم ڪرڻ فرمايو ۽ اها چٽي ڪاميابي آهي. (16) جيڪڏهن الله توکي ڪنهن تڪليف ۾ مبتلا ڪري تہ ان کان سواءِ ڪير ناهي جو ان کي دور ڪري سگهي، پر جيڪڏهن توکي هو ڪنهن ڀلائي سان نوازي تہ هو هر شيءِ تي قدرت رکي ٿو. (17) هو پنهنجن ٻانهن تي هر لحاظ کان حاوي آهي ۽ سندس هر حڪم حڪمت وارو آهي ۽ هر شيءِ کان پوري طرح باخبر آهي.(18)

(اي نبي محترم عليه الصلواة والسلام!) هنن کي چؤ تہ مان خدا جي حڪمن کان سرڪشي اختيار ڪري نٿو سگهان. جڏهن مون کي چڱيءَ طرح معلوم آهي تہ خلاف ورزيءَ جي صورت ۾ ايڏي وڏي سزا هوندي، جنهن کان بچڻ مشڪل هوندو، ان ڪري ان کان ڊڄان ٿو. معلوم ٿيو تہ جيڪي ماڻهو ڪاميابيءَ جي راهہ کان غافل آهن، ان ڏينهن هنن کي اندازو ٿي ويندو تہ ڪيڏي بدبختي ۽ محرومي جو ثمر ساڻ ڪٺي دنيا کان آيا آهن، پر سندن حسرت جو ڪو فائدو ڪو نہ ٿيندو. ان سخت گهڙي ڏينهن خدا جي فضل و ڪرم کان سواءِ ڪو بہ چارو نہ هوندو، جو هو عقوبت ۽ عذاب کان بچي سگهي. (البقره: 48/2 ۽ 123، الزمر: 60/39 ۽ 72-71) الله تعاليٰ طرفان هن جي چڱن عملن جو بدلو ڏيڻ اها وڏي ڪاميابي ۽ ڪامراني هوندي. (المعارج: 8/70 کان 18)

عدل ڇتان آءُ نہ، ڪج ڪو ڦيرو فضل جو (ڀٽائي)

هن جي اختيار ڪلي ۾ هوندو تہ ان ڏينهن حق ۽ ناحق جا فيصلا ڪري، پوءِ جنهن

کي به هو تکليف ۾ ضرر ڏيڻ جو فيصلو کندو ته کير به ان فيصلي کي روکي نٿو سگهي. اهو پورو تي رهندو، پر جيکڏهن هو عفو ۾ درگذر کان کم وٺندي، ڀلائيءَ جي نعمتن سان نوازي ته به کير هن کان پچاڙو کري نٿو سگهي. هو هر شيءِ تي پوري قدرت رکي ٿو. هن کي پنهنجن ٻانهن تي پورو اختيار ۾ غلبو آهي، هن جا فيصلا حکمت سان لبريز آهن. انهن ۾ کا کجي کمي يا کوتاهي نه آهي، هو هر شيءِ جي حقيقت کان پوري طرح باخبر آهي. ۾ کا به ڳالهه ان کان پوشيده نه آهي. هو هر شيءِ تي غالب آهي. (الانعام: 61/6) ”مَا يَفۡتَحِ اللّٰهُ لِلنَّاسِ مِنۡ رَّحۡمَةٍ فَلَا مُمۡسِكَ لَهَا ۚ وَمَا يُمۡسِكۡ ۙ فَلَا مُرۡسِلَ لَهٗ مِنۡۢ بَعۡدِهٖ ؕ وَهُوَ الۡعَزِيۡزُ الۡحَكِيۡمُ ۝“ (فاطر: 22/35) الله عزوجل جيکا رحمت ماڻهن لاءِ کولي (ڏئي) ته ان کي کو روکي نٿو سگهي، پر جنهن تي رحمت بند کري ته ان کي کولڻ وارو کو به نه آهي. حديث شريف ۾ آهي ته رسول الله ﷺ پنهنجي دعائن ۾ اکثر فرمائيندا هئا: ”اَللّٰهُمَّ لَا مَانِعَ لِمَآ اَعۡطَيۡتَ وَلَا مُعۡطِيَ لِمَا مَنَعۡتَ وَلَا يَنۡفَعُ ذَا الۡجَدِّ مِنۡكَ الۡجَدُّ“ اي الله عزوجل! جيکو تو ڏنو (عطا کيو) ان کي کو روکڻ وارو ناهي ۾ جنهن کي تو روکي ڇڏيو، ان کي کو ڏيڻ وارو ناهي ۾ کنهن کوشش واري جي کوشش (الله جي مقابلي ۾) کو نفعو ڏئي نٿي سگهي. ”فَمَنۡ زُحۡزِحَ عَنِ النَّارِ وَاُدۡخِلَ الۡجَنَّةَ فَقَدۡ فَازَ“ (آل عمران: 185/3) جيکو باهه کان پري ٿيو ۾ جنت ۾ داخل ٿيو ته کامياب ٿيو. قرآن مجيد ۾ احاديث مبارکن مان ثابت آهي ته اسلام جنهن توحيد جو سبق ڏئي ٿو، اهو الله عزوجل آهي، جيکو ساري عالم تي غالب آهي. هن جي قدرت ۾ تصرف کان کا به شيءِ ٻاهر ناهي، نه کوئي هن جي قهر کان بچي سگهي ٿو، نه کوئي ان جي رحمت کي روکي سگهي ٿو.

قُلۡ اَیُّ شَیۡءٍ اَکۡبَرُ شَهَادَةً ؕ قُلِ اللّٰهُ ۟ۙ شَهِيۡدٌۢ بَيۡنِيۡ وَبَيۡنَكُمۡ ۟ وَاُوۡحِیَ اِلَیَّ هٰذَا الۡقُرۡاٰنُ لِاُنۡذِرَكُمۡ بِهٖ وَمَنۡۢ بَلَغَ ؕ اَئِنَّكُمۡ لَتَشۡهَدُوۡنَ اَنَّ مَعَ اللّٰهِ اٰلِهَةً اُخۡرٰی ؕ قُلۡ لَّاۤ اَشۡهَدُ ۚ قُلۡ اِنَّمَا هُوَ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ وَّاِنَّنِیۡ بَرِیۡٓءٌ مِّمَّا تُشۡرِكُوۡنَ ﴿۱۹﴾
اَلَّذِيۡنَ اٰتَيۡنٰهُمُ الۡكِتٰبَ يَعۡرِفُوۡنَهٗ كَمَا يَعۡرِفُوۡنَ اَبۡنَآءَهُمۡ ۘ اَلَّذِيۡنَ خَسِرُوۡۤا اَنۡفُسَهُمۡ فَهُمۡ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ ﴿۲۰﴾ ع

وقف لازم وقف غفران ع ۸/۲

هنن کان پڇو تہ ڪنهن جي گواهي سڀ کان وڌيڪ قابل اعتبار آهي، تون ٿي ڪين چؤ تہ الله جي (شاهدي زياده معتبر آهي) اهو منهنجي ۽ اوهان جي درميان گواهہ آهي ۽ مون تي اهو قرآن ان لاءِ نازل ڪيو ويو آهي تہ ان جي ذريعي مان اوهان کي خبردار ڪريان ۽ انهن کي بہ جن تائين هي پهچي وڃي. ڇا توهان اها گواهي ڏيو ٿا تہ الله سان گڏ ٻيا معبود بہ موجود آهن. تون ڪين ٻڌاءِ تہ مان اهڙي گواهي نٿو ڏئي سگهان. تون ڪين چؤ تہ الله ئي هڪ معبود آهي، مان انهن کان بيزار (پري) آهيان جن کي اوهان شريڪ بڻائي رهيا آهيو. (19) جن کي اسان ڪتاب عطا ڪيو آهي، اهي هن قرآن کي اهڙي طرح سڃاڻن ٿا، جهڙي طرح هو پنهنجن پٽن کي سڃاڻندا آهن. پر جن ماڻهن (ان جي باوجود) پاڻ کي خساري ۾ وڌو آهي، اهي هن کي قبول نٿا ڪن. (20)

ڪافرن نبي اڪرم ﷺ کي چيو تہ تون جو نبوت جي دعوىٰ ڪري رهيو آهين، اسان ان کي ڇو تسليم ڪريون، ڇا توکان سواءِ خدا کي ڪو ٻيو ماڻهو ڪونہ مليو، جنهن کي نبي بڻائي موڪلڻ بدران توکي نبي ڪيو اٿس. تون پنهنجي نبوت جي ثبوت ۾ ڪا شهادت پيش ڪر. اي نبي محترم ﷺ! توهان هنن کي چئو تہ منهنجي نبوت جو گواهہ خود باري تعالىٰ آهي. ڇا هن کان وڌيڪ سچو ۽ معتبر ڪو ٻيو گواهہ آهي؟ اي نبي مڪرم ﷺ! پهريان هن انڪاري ٽولي کان پڇ تہ الله جي وحدانيت ۽ دين متين جي حقانيت بابت ڪهڙي گواهي آهي، جيڪا سڀ کان وڌيڪ معتبر ۽ سراپا صداقت تي مبني گواهي آهي. (النساءِ: 135/4، المائده: 8/5) جيڪڏهن هو حقيقت معلوم هوندي بہ خاموش رهن، يا سچ بيان نہ ڪن تہ تون هنن کي ٻڌاءِ تہ سڀ کان قابل اعتبار گواهي الله جي آهي، جيڪو منهنجي ۽ اوهان جي درميان گواهہ آهي تہ ڪير حق تي آهي ۽ ڪير حق کان پري آهي. خداوند جي سچي گواهي خود هي قرآن ڪريم آهي، جيڪو مون تي وحيءَ ذريعي نازل ڪيو ويو آهي. هي اها ساڳي ڳالهہ آهي جيڪا سورة الفرقان: 1/25 ۾ ڪئي وئي آهي: نَزَّلَ الْفُرْقَانَ عَلٰى عَبْدِهٖ لِيَكُوْنَ لِلْعٰلَمِيْنَ نَذِيْرًا - قرآن مجيد تمام جهانن لاءِ غلط

راهه اختيار ڪندڙن ڪي سخت نتيجن کان تنبيه ڪرڻ ۽ ڊيڄارڻ لاءِ نازل ٿيو آهي. (الڪهف: 27/18) هي قرآن حڪيم مون تي نازل ٿيو آهي ته هن جي ذريعي مان توهان کي بداعماليءَ جي هيبتناڪ نتيجن کان آگاهه ڪيان ته جيئن هن قرآن تي ايمان آڻيندي، پاڻ کي جهنم جي باهه کان بچائي سگهو. هيءُ قرآن ته جنهن تائين به پهچندو، يعني قيامت تائين ايندڙ قومن ۽ افراد جي هدايت جو ذريعو آهي. "مَنۡ بَلَغَ" مان اهوئي مراد آهي. هي قرآن الله جي وحدانيت جو گواهه آهي، پر ان هوندي ڄاڻي ٻجهي اوهان چئو ته الله سان ٻيا معبود به شريڪ آهن ته ڪين چئو ته مان اهڙي گواهي نٿو ڏيان ته الله جو ڪو شريڪ آهي، هو وحده لا شريڪ له آهي. هي توهان جا ديوتا ۽ ديويون سڀ مصنوعي آهن، جن کي مان ڪوڙو سمجهان ٿو ۽ مان اوهان جي شرڪ کان بيزار ۽ انڪاري آهيان. هنن منڪرين حق جو قرآن کي نه مڃڻ لاعلمي ۽ بيخبريءَ جي ڪري ناهي. حضرت عمر ﷛ حضرت عبدالله بن سلام کان پڇيو ته تون اسلام آڻڻ کان اڳ حضور خاتم النبيين ﷺ کي ڪيئن سڃاڻندو هئين؟ هن جواب ڏنو ته حضور خاتم النبيين ﷺ جا اوصاف ۽ ڪمالات، علامات ۽ نشانات ايتري وضاحت سان اسان جي ڪتابن ۾ موجود ۽ مرقوم (لکيل) آهن، جو جڏهن اسان حضور خاتم النبيين ﷺ کي ڏٺو ته ائين سڃاتو، جيئن اسان پنهنجن ٻچن کي سڃاڻيندا آهيون. الله جو قسم! مان حضور خاتم النبيين ﷺ کي پنهنجي پٽ کان به وڌيڪ ڄاتل سڃاتل سمجهان ٿو. هو پنهنجن ڪتابن ذريعي قرآن جي حقانيت ۽ حضرت محمد خاتم النبيين ﷺ جي نبوت کي اهڙيءَ طرح سڃاڻن ٿا، جهڙي طرح هر پنهنجن پٽن کي سڃاڻن ٿا، مگر انڪار پنهنجي هٺ، حسد، غرور ۽ تڪبر ڪري ڪن ٿا. هي اهي نادان انسان آهن، جن ايمان قبول ڪرڻ جو انڪار ڪري پاڻ کي وڏي خساري ۽ نقصان ۾ وڌو آهي. الله تعالىٰ طرفان حق ۽ سچ جي گواهيءَ لاءِ اها حقيقت ڪافي آهي.

فَاِنۡ كُنۡتَ لَا تَدۡرِىۡ تِلۡكَ مُصِيۡبَةٌ
وَاِنۡ كُنۡتَ تَدۡرِىۡ فَالۡمُصِيۡبَةُ اَعۡظَمُ

حضور خاتم النبيين ﷺ جي شان، مرتبي ۽ نبوت کي نه ڄاڻڻ به وڏو ڏوهه آهي، پر ان جي مرتبي ڄاڻڻ بعد قدر نه ڪرڻ اڃان وڌيڪ وڏي مصيبت آهي.

جھانن جي آ جنھن جي نانءَ سان ناموس وابسته
انھيءَ جي خاڪ پا جيڪر نہ ھوندين، دربدر ٿيندين
(مشتاق سچاروي)

حق ۽ باطل جي معرڪي ۾ ھميشہ حق جي سوڀ ۽ باطل کي شڪست فاش ملي آھي. حق ھميشہ غالب رھيو آھي ۽ باطل مغلوب ۽ مفتوح رھيو آھي. الله جا سپاھي حق جي بلنديءَ لاءِ ھميشہ جان نثار رھيا آھن.

مقامِ بندگی دیگر مقامِ عاشقی دیگر
ز نوری سجدہ می خواہی ز خاکی بیش زاں خواہی
چناں خود را نگہداری کہ با ایں بے نیازیہا
شہادت بر وجود خود ز خونِ دوستان داری

بندگيءَ جو مقام الڳ آھي ۽ عاشقيءَ جو مقام الڳ آھي. نوري کان تہ رڳو عبادت (سجدي) جو طالب آھين، پر خاڪيءَ کان اجھان وڌيڪ گھرين ٿو. تون پنھنجي بي نيازيءَ باوجود پنھنجي وجود جي شھادت لاءِ دوستن جو خون گھرين ٿو.

درد دل کے واسطے پیدا کیا انسان کو
ورنہ طاعت کے لیے کچھ کم نہ تھے کرّوبیاں (اقبال)

انسان کي ان جي ڪري پيدا ڪيائين، جو ان جي دل درد آشنا ٿئي، باقي عبادت لاءِ تہ فرشتا بہ ڪافي ھيا.

وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَوْ كَذَّبَ بِاٰيٰتِهٖ ؕ اِنَّهٗ لَا يُفْلِحُ
الظّٰلِمُوْنَ ﴿٢١﴾ وَيَوْمَ نَحْشُرُهُمْ جَمِيْعًا ثُمَّ نَقُوْلُ لِلَّذِيْنَ اَشْرَكُوْٓا اَيْنَ شُرَكَآؤُكُمُ
الَّذِيْنَ كُنْتُمْ تَزْعُمُوْنَ ﴿٢٢﴾ ثُمَّ لَمْ تَكُنْ فِتْنَتُهُمْ اِلَّآ اَنْ قَالُوْا وَاللّٰهِ رَبِّنَا مَا كُنَّا
مُشْرِكِيْنَ ﴿٢٣﴾ اُنْظُرْ كَيْفَ كَذَبُوْا عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ وَضَلَّ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ﴿٢٤﴾

**پوءِ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير هوندو، جنهن الله تي ڪوڙو بهتان لڳايو يا ان جي آيتن کي ڪوڙ سمجهيو، يقينًا اهڙا ظالم ڪڏهن به فلاح ۽ ڪاميابي حاصل ڪري نه سگهندا.(21) پوءِ جنهن ڏينهن هنن کي ڪٺو ڪنداسون ۽ پوءِ انهن مشرڪن کان پڇنداسون ڪٿي آهن، اوهان جا اهي جن کي اوهان الله سان شريڪ هجڻ جي دعوىٰ ڪندا هئا. (22) پوءِ هنن جو فريب (شرارت) پڄاڻي پهچندو ۽ چوندا ان الله جو قسم جيڪو اسان جو پروردگار آهي ته اسان مشرڪ نه هئاسون. (23) ڏسو ته هنن ظالم ماڻهن خود پاڻ تي ڪيترو ڪوڙ مڙهيو آهي، جيڪو افتراءِ (ڪوڙ) هنن ڪيو هيو اهو سمورو انهن کان گم ٿي ويندو.(24)**

هت ڪافرن جي بڻي غلطيءَ جو اظهار ڪيو ويو آهي. هڪ ته هو اهڙيون دعوائون ڪن ٿا، ته جن جو نه سر آهي، نه پير آهي. بلڪل بي تُڪيون، لغو ۽ غلط آهن، جن ۾ ديوتائن کي خدا جو شريڪ ڪرڻ آهي. ٻئي طرف حق قطعي ۽ روشن دليل، توحيد، قرآن ۽ رسول الله خَاتَمُ النَّبِيِّينَ ﷺ بابت موجود آهن، انهن جو انڪار ڪن ٿا ته هنن جو اقرار درست آهي، نه وري انڪار درست آهي، ان ڪري ذرا هنن ڪافرن جي حالت زار ۽ گمراهيءَ تي غور ڪريو ته پوءِ هنن کان وڌيڪ ڪو ظالم تي سگهي ٿو جيڪي باخبر هوندي به حق ۽ سچ کان منهن موڙي خدا تي ڪوڙا الزام ۽ بهتان لڳائن ته فرشتا خدا جون ڌيئرون آهن يا بت ۽ ديوتا خدا جي خدائيءَ ۾ برابريءَ جا شريڪ آهن ۽ هو الله جي آيتن کي پنهنجي نسلي نسبي حسد ۽ ساڙ سبب ڪوڙو قرار ڏين ٿا. يقينًا اهڙي روش اختيار ڪندڙ ڪڏهن به فلاح ۽ ڪاميابي ماڻي نه سگهندا. ياد رهي ته الله تي ڪوڙا بهتان لڳائڻ ۽ الله جي آيتن کي ڪوڙو چوڻ هي ٻئي وڏا ظلم آهن. جڏهن قيامت جي ڏينهن اسان هنن سڀني مشرڪن کي هڪ هنڌ گڏ ڪري پڇنداسون ته جن کي اوهان خدا جا ساٿي ٻڌايو هو ۽ جن جي مدد ۽ شفاعت جا اوهان دعويدار هئا، ڏيکاريو ته اهي ڪٿي آهن. (النحل: 27/16) توهان جو اهو خيال هو ته ڏکئي وقت هو اوهان جي مدد لاءِ ايندا. ان وقت هنن وٽ ڪو اهڙو دليل ڏيڻ لاءِ نه هوندو پر مڪر ۽ فريب ذريعي هو پنهنجي جان بچائڻ لاءِ خدا جا قسم کڻي چوندا ته اسان ته خدا سان ڪنهن کي به سندس شريڪ يا همسر نه ٻڌايو آهي. هي ڪافر خدا عزوجل تي

بهتان هڻندا هيا يعني افتراء جا مرتڪب هيا، اڄ وري پاڻ کي پاڪ ڪوڙو ڪري رهيا آهن، چون ٿا تہ اسان ڪنهن کي بہ شريڪ نہ ڪيو هيو، هي افتراء ۽ ڪذب جا مرتڪب آهن. اي پيارا رسول ﷺ! تون هنن جي بي وسي تہ ڏس، جن جي سڄي عمر پوڄا ڪندا رهيا آهن، اڄ پاڻ انهن جا انڪاري ٿيا آهن، جنهن جي ڪري توحيد جي تبليغ ۾ حضور ﷺ جي مخالفت ۽ دشمنيءَ ۾ پيش پيش رهيا، اڄ هو پاڻ کي پاڪ ڪوڙو ڪري رهيا آهن تہ اسان ڪنهن کي بہ خدا جو شريڪ نہ ٺاهيو آهي.

قرآن مجيد ۾ ڪجهہ جاين تي آيل آهي تہ مشرڪ ان ڏينهن پنهنجي مشرڪ هئڻ جو اقرار ڪندا، پر هن آيت ۾ آهي تہ اهي پنهنجي شرڪ جو انڪار ڪندا. معلوم ٿيو تہ حيرت ۽ پريشاني ۾ سندن هوش خطا هوندا ان ڪري ڪڏهن اقرار تہ ڪڏهن انڪار ڪندا. ڏسو تہ هي نادان ڪهڙيءَ طرح پاڻ تي بہ ڪوڙو الزام لڳائي رهيا آهن. هي احمق دنياوي زندگي ۾ الله تي ڪوڙا بهتان هڻندا ۽ تهمتون لڳائيندا هئا، پر حساب ڪتاب جي ڏينهن پنهنجي انهي ڪوڙي عادت کي برقرار رکندي پنهنجو پاڻ کي ڪوڙو قرار ڏئي رهيا آهن.

وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّسْتَمِعُ اِلَيْكَ ۚ وَجَعَلْنَا عَلٰى قُلُوْبِهِمْ اَكِنَّةً اَنْ يَّفْقَهُوْهُ وَ فِيْٓ
اٰذَانِهِمْ وَقْرًا ؕ وَاِنْ يَّرَوْا كُلَّ اٰيَةٍ لَّا يُؤْمِنُوْا بِهَا ؕ حَتّٰٓى اِذَا جَآءُوْكَ يُجَادِلُوْنَكَ
يَقُوْلُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِنْ هٰذَآ اِلَّآ اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿٢٥﴾ وَ هُمْ يَنْهَوْنَ عَنْهُ
وَيَنْئَوْنَ عَنْهُ ۚ وَاِنْ يُّهْلِكُوْنَ اِلَّآ اَنْفُسَهُمْ وَ مَا يَشْعُرُوْنَ ﴿٢٦﴾ وَلَوْ تَرٰٓى اِذْ
وُقِفُوْا عَلَى النَّارِ فَقَالُوْا يٰلَيْتَنَا نُرَدُّ وَلَا نُكَذِّبَ بِاٰيٰتِ رَبِّنَا وَ نَكُوْنَ
مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٢٧﴾

۽ هنن مان ڪجهہ اهي ماڻهو بہ آهن، جيڪي تو ڏانهن ڪن لڳائي ٻڌن ٿا. پر اسان هنن جي دلين تي (سندن بدنيتيءَ جي ڪري) پردا وجهي ڇڏيا آهن. سو (هو جو ڪجهہ ٻڌن ٿا، ان کي سمجهي نہ ٿا سگهن ۽) انهن جي ڪنن کي ٻوڙو ڪري ڇڏيو آهي تہ جيئن هو ٻڌڻ جي باوجود بہ بامقصد ٻڌي نہ سگهن. هو

جيڪڏهن هر قسم جون نشانيون ڏسي به وٺن پوءِ به ان تي ايمان نہ آڻيندا. هو جڏهن تو وٽ اچن ٿا تہ تو سان جهڳڙو (حجت بازي) ڪن ٿا ۽ چون ٿا تہ هي قرآن پوين (گذريل) ماڻهن جا ڪوڙا قصا آهن ۽ ان ڪانسواءِ ڪجهہ بہ نہ آهن. (25) هو ان (نبي اڪرم ﷺ جي اتباع ۽ قرآن جي فهم) ڪان ٻين کي روڪين ٿا ۽ پاڻ بہ ان ڪان پاسو ڪن ٿا. هو پنهنجي هن عمل سان پنهنجي تباهي ڪري رهيا آهن ۽ انهن کي پنهنجي هن بربادي جو شعور بہ نہ آهي.(26) جيڪڏهن تون ان وقت کي ڏسي سگهين، جڏهن هنن کي دوزخ جي ڪناري تي بيهاريو ويندو ۽ خواهش ڪندا تہ ڪاش اسان کي واپس ڪيو وڃي تہ اسان تصديق ڪنداسون ۽ الله جي آيتن کي ڪوڙو ڪو نہ ڪوٺينداسون.(27)

---

مڪي جي سردارن جڏهن عوام کي اسلام جي دائري ۾ ايندي ڏٺو تہ هنن هڪ ترڪيب جوڙي تہ ڪجهہ ماڻهو حضور ﷺ جي مجلس ۾ وڃن ۽ سندن تبليغ ۽ تعليم کي غور سان ٻڌن ۽ ٻاهر پنهنجي قوم ۾ اچي ان ۾ ملاوٽ ڪري حق کي باطل ۽ باطل کي حق ڪري پيش ڪن تہ جيئن سندن ساٿي اهو ٻڌي پاڻ بہ گمراهہ ٿين ۽ ٻين کي بہ گمراهہ ڪن. هنن جي هن گمراهي ۽ بي راهہ روي سبب قانون مشيت موجب اسان (الله) هنن جي دلين تي پردا وجهي ڇڏيا آهن ۽ ٻڌڻ باوجود دل جي ڪنن سان نہ ٻڌڻ ڪان هنن جي ڪنن ۾ ڪپاهہ وجهي ٻوڙو ڪري ڇڏيو آهي. گمراهيءَ جي اها انتها آهي، جو ڏسڻ، ٻڌڻ ۽ سمجهڻ جون صلاحيتون سلب ٿي وڃن. خدا جو قانون يا مشيت ايزدي بہ اها آهي تہ جيڪو ڄاڻي واڻي سرڪشي اختيار ڪندو، هٺ هوڏ ۽ حسد جو طريقو اختيار ڪندو ۽ حق جو انڪاري ٿيندو تہ الله بہ ان کي مهلت (ڍگهي رسي) ڏيندو. حق جو پيغام هن تائين پهچندو، پر پوءِ بہ پنهنجي اصلاح ڪري عمل صالح نہ ڪندو تہ هو پنهنجي اعمال جي شامت جو مزو ضرور چکيندو. اهڙن ماڻهن آڏو هر قسم جون آيتون هدايت لاءِ اچن بہ، تہ هو ايمان نہ آڻيندا. حالانڪ آسماني وحيءَ ڪان علاوه هي ساري ڪائنات زمين آسمان، سج چنڊ، دريا پهاڙ، بادل هوا، رات ڏينهن خدا جي خدائيءَ جي وڏي واڪي شهادت ڏئي رهيا آهن.

هر گیاہے کہ از زمیں روید وحدہ لاشریک لہ گوید۔

هر سلو، جيڪو زمين مان ڦُٽي ٿو، الله جي وحدت بيان ڪري رهيو آهي. اهي ڪافر حق آڏو سر تسليم خم ڪرڻ بدران توسان بحث مباحثو ۽ جهڳڙو ڪن ٿا ۽ وحي الاهي جي آيتن کي پراڻا افسانا سڏين ٿا. معلوم هجي ته عرب راتين جو ڪنهن قصه خوان کان ڪهاڻيون ۽ قصا ٻڌندا هيا. نضر نالي هڪ شخص اهڙن قصن ٻڌائڻ جو مشهور سگهڙ هيو. ايراني قصا ڪهاڻيون، رستم سهراب ۽ اسفنديار جا احوال ٻڌائي، ماڻهن کي وندرائيندو هيو. ان کي ابوسفيان ۽ ابوجهل حضور ﷺ جن وٽ وٺي آيا. پاڻ ڪريمن ﷺ قرآن جون آيتون پڙهيون. ابوسفيان ۽ ابوجهل پڇيو ته توکي ڪيئن محسوس ٿيو، چيائين ته پراڻيون قصا ڪهاڻيون آهن، ڪا نئين هدايت يا روشني ناهي. اهو حال هيو انهن ماڻهن جو، جن جي اکين جي بصيرت، ڪنن جي سماعت، دلين جي فهم و فراست تي مهر لڳي چڪي وئي. گويا خَتَمَ اللّٰهُ عَلٰی قُلُوْبِهِمْ وَعَلٰی سَمْعِهِمْ ؕ وَعَلٰٓی اَبْصَارِهِمْ غِشَاوَةٌ وَّلَهُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ۝ (البقره: 7/2، الانعام: 461/6، الاعراف: 179/7، النحل: 108/16- 78، الجاثيه: 23/45، الاحقاف: 26/46)

جڙ تڙ تک تنوار وڻ ٽڻ وائي هيڪڙي.

هنن جو هيئنر هي ڪردار آهي ته هو پاڻ به حق تسليم ڪرڻ جا انڪاري آهن ۽ شب روز ڪوشش ڪري ٻين کي به هدايت کان پري رکڻ ۾ مشغول آهن. هنن جو اهو رويو ۽ معاملو حق ۽ ناحق کي سمجهڻ جو نه آهي، پر دشمني، هٺ ۽ غرور جو آهي، ڇو ته انهن سردارن، مذهبي اڳواڻن ۽ خانقاهي پيرن کي خطرو هيو ته جيڪڏهن عوام اسلام قبول ڪيو ته پوءِ هنن جي سرداري ۽ سرفرازي مٽيءَ ۾ ملي ويندي. هو پنهنجن هنن ڪڌن ڪرتوتن سبب پنهنجي تباهي ۽ بربادي ڪري رهيا آهن ۽ تعجب آهي ته هنن کي انهيءَ تباهيءَ جو شعور به ناهي. پر اهو وقت به قابل ديد هوندو، جڏهن هنن کي سندن بڇڙن عملن جي ڪري دوزخ جي آڙاهه آڏو ڪناري تي پهچايو ويندو ته هو پنهنجو حال زار ڏسي چوندا ته ڪاش اسان کي هڪ ڀيرو وري دنيا ڏانهن واپس ڪيو وڃي ته اسان پنهنجي ماضي کان نابري ڪندي الله جي آيتن ۽ حڪمن جي پيروي ڪنداسون ۽ پڪا ايمان آڻڻ وارا

هونداسون. معلوم هئڻ گهرجي تہ هنن جي انڪار جو سبب حقيقت کان عدم آگاهي نہ، پر سرڪشي، ضد ۽ حسد هو، هاڻي بہ ڪين موٽايو وڃي تہ هو وري بہ ساڳي گمراهہ ۽ بي راهہ روي جو رستو اختيار ڪندا ۽ ايمان نہ آڻيندا.

بَلْ بَدَا لَهُمْ مَّا كَانُوْا يُخْفُوْنَ مِنْ قَبْلُ ؕ وَلَوْ رُدُّوْا لَعَادُوْا لِمَا نُهُوْا عَنْهُ وَ
اِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ ﴿٢٨﴾ وَ قَالُوْٓا اِنْ هِيَ اِلَّا حَيَاتُنَا الدُّنْيَا وَمَا نَحْنُ بِمَبْعُوْثِيْنَ ﴿٢٩﴾
وَلَوْ تَرٰٓى اِذْ وُقِفُوْا عَلٰى رَبِّهِمْ ؕ قَالَ اَلَيْسَ هٰذَا بِالْحَقِّ ؕ قَالُوْا بَلٰى وَرَبِّنَا ؕ قَالَ
فَذُوْقُوا الْعَذَابَ بِمَا كُنْتُمْ تَكْفُرُوْنَ ﴿٣٠﴾ ع ٣ ١٠ ٩

هي پنهنجي خيال ۾ چون ٿا تہ دنيا ۾ واپس وڃي مؤمن ٿيندا، پر حقيقت حال اها ناهي دراصل دنيا ۾ هنن جيڪي برايون ڪيون، اهي پوشيده هيون ۽ هاڻي هت انهن جو اقرار ڪري هو پنهنجي هن ڪان اڳ واري اصليت تان پردو ڪڻي چڪا آهن ۽ هو عادي ڏوهاري آهن. جنهن ڪان هو روڪيا وڃن ٿا، پر واپس وريا تہ اهو وري دهرائيندا ۽ هن وقت ڪوڙ هڻي رهيا آهن. (28) هو چون ٿا تہ زندگي تہ اصل هي دنيا واري زندگي ئي آهي ۽ مرڻ کان پوءِ اسان هرگز نہ اٿاريا ويندا سون.(29) ڪاش تون ان وقت جو منظر ڏسي سگهين ها، جڏهن هو پنهنجي رب جي حضور (حساب ڪتاب لاءِ) پيش ٿيندا تہ ان وقت ڪين چيو ويندو ڇا هي (بعث بعد الموت) هڪ حقيقت نہ آهي؟ تہ جواب ۾ چوندا تہ هائو اسان جا پروردگار! هي حق آهي، تہ پوءِ ڪين حڪم فرمائيندو تہ پنهنجي ڪفر جي پاداش ۾ عذاب جو مزو چکو. (30)

پوئين آيت ۾ آيو آهي تہ ڪافرن کي جڏهن جهنم جي ڪناري تي بيهاريو ويندو، ۽ جڏهن هو ڀڙڪندڙ باهہ ۾ اٿندڙ شعلا ڏسندا، تہ سندن هوش خطا ٿي ويندا، سارو نخوت، غرور اڏامي ويندو ۽ وڏي حسرت سان آهون ڀري، اها آرزو ڪندا تہ ڪين هن باهہ کان بچايو

وجي ۽ واپس ورڻ جو موقعو ڏنو وڃي، تہ هو ايمان آڻيندا ۽ ڪفر کان توبه ڪندا تہ واقعي هو سچ پچ پنهنجي زندگي تبديل ڪرڻ ۾ مخلص آهن، پر اصل حقيقت اها آهي تہ دنيا ۾ پاڻ کي معتبر ۽ معزز ڏيکارڻ لاءِ پنهنجون برايون ماڻهن کان لڪائي ڪندا هئا تہ جيئن ڪنهن کي سندن ڪوتاهين جو پتو نہ پوي، اهو اڄ معروضي حالتن ۾ سندن اقرار ڪري ظاهر ٿي چڪو آهي ۽ هنن جي اصليت ظاهر ٿي وئي آهي. ورنہ هنن کي جيڪڏهن واپس دنيا ڏانهن موٽايو وڃي تہ وري اهي برايون ڪرڻ شروع ڪري ڏيندا، جن کان هنن کي روڪيو ويو هو. ظاهر آهي تہ جڏهن ڪو ماڻهو براين جي پڌري ٿيڻ بعد مشڪل ۾ مصيبت محسوس ڪندو آهي، تہ اهڙا بهانا پيش ڪرڻ شروع ڪندو آهي. اهو انهيءَ ڪري آهي، جو هنن جو خيال آهي تہ زندگي اها ئي آهي، جيڪا هن دنيا ۾ گذري ٿي، اڳتي جي ڪا زندگي نہ آهي. هتي جو اڳتي حساب ڪتاب ناهي ڏيڻو، ان ڪري چون ٿا تہ

"بابر باعیش کوش کہ عالم دوبارہ نیست"

بابر هن دنيا ۾ جيڪو عيش عشرت شوق شغل ڪرڻو آهي، ڪري وٺ ڇو تہ موت کان پوءِ ڪا دنيا برپا ٿيڻي ناهي.

کبھی تھے راج کے راجا، چلا فرمان دنیا پر
اٹھے بیچارڑے ہوکر شہنشاہی محافل سے

(مشتاق سچاروي)

ان ڪري هتي کائو پيو، عيش ڪيو ۽ هتي جي گرفت کان پاڻ بچائي رکو. باقي اڳتي جو فڪر نہ ڪريو ڇو تہ مرڻ بعد وري زنده ناهي ٿيڻو. ڪاش اوهان ان وقت جي نظارو تصور ڪري سگهو، جڏهن هنن جي بدعملن جا نتيجا ظاهر ٿيندا ۽ ڪين هڪ مجرم جي حيثيت ۾ الله آڏو پيش ڪيو ويندو ۽ هنن کان پڇيو ويندو تہ دنيا ۾ جيڪو اوهان کي چيو ويندو هو تہ قدم سنڀالي کڻو، آخرت ۾ اوهان کي الله جي حضور حاضر ٿي جواب ڏيڻو پوندو ۽ پنهنجن عملن جي نتيجن جو مزو چکڻو هوندو تہ اوهان ان جو انڪار ڪندا هئا. هنن جي گمراهي ۽ غلط راهہ رويءَ جو اصل سبب هنن جو قيامت، جزا سزا ۽ جنت دوزخ تي ايمان ڪونہ هيو ۽ دنياوي زندگي ئي زندگي سمجهندا هيا، ان ڪري ڪائنن پڇيو ويندو

تہ جنهن شيءِ جو انڪار ڪندا هيا، هاڻي ٻڌايو تہ اهو سڀ ڪجهہ سچي حقيقت آهي يا افسانو، اڪين سان ڏسڻ بعد جواب ۾ چوندا تہ اسان جا رب! هي هڪ سچي حقيقت آهي. هاڻي ان وقت اتي گناهہ جو اعتراف ڪرڻ ۽ يوم جزا کي تسليم ڪرڻ جو ڪين ڪو فائدو ڪونہ ٿيندو. ڪين چيو ويندو تہ پنهنجي ڪفر جي ڪري هاڻي عذاب جو مزو چکو، جيڪو اوهان جي عملن جو لازمي نتيجو آهي.

---

قَدْ خَسِرَ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِلِقَآءِ اللّٰهِ ؕ حَتّٰۤى اِذَا جَآءَتْهُمُ السَّاعَةُ بَغْتَةً قَالُوْا يٰحَسْرَتَنَا عَلٰى مَا فَرَّطْنَا فِيْهَا ۙ وَهُمْ يَحْمِلُوْنَ اَوْزَارَهُمْ عَلٰى ظُهُوْرِهِمْ ؕ اَلَا سَآءَ مَا يَزِرُوْنَ ﴿۳۱﴾ وَمَا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَآ اِلَّا لَعِبٌ وَّ لَهْوٌ ؕ وَلَلدَّارُ الْاٰخِرَةُ خَيْرٌ لِّلَّذِيْنَ يَتَّقُوْنَ ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿۳۲﴾

---

يقينًا اهي ماڻهو نقصان ۾ رهيا، جن الله سان هن ملاقات کي ڪوڙو ڪيو هيو، ايتري قدر جو اوچتو هي گهڙي انهن تي اچي ڪڙڪي تہ چوندا اسان جي ان ڪوتاهيءَ تي افسوس، جيڪا ڪوتاهي اسان هن (گهڙي) بابت ڪئي، هو پنهنجو بوجهہ پنهنجي پٺن تي کنيو بيٺا هوندا. ياد رکو اهو وزن نهايت برو هوندو، جيڪو هنن کنيو هوندو.(31) حقيقت اها آهي تہ دنيا جي زندگي تہ رڳو کيل تماشو آهي، آخرت جو گهر تقويٰ ڪندڙن لاءِ گهڻو بهتر آهي، پوءِ ڇا اوهان اها ڳالهہ بہ سمجهو نٿا. (32)

---

گذريل آيت ۾ بہ قيامت جي هاڄيڪار منظر ۽ جهنم جي باهہ جي شعلن جو ذڪر هيو. هاڻي هنن آيتن ۾ بہ الله تعاليٰ جي حضور ۾ پيش ٿيڻ جو ٻڌايو وڃي ٿو ۽ قيامت جو ذڪر آهي ۽ دنيا جي ان زندگيءَ جو بيان آهي، جنهن ۾ انسان غافل ٿي، دنياوي زندگيءَ کي سڀ ڪجهہ سمجهي، آخرت کي وساري ويهي ٿو. اهڙو غلط فيصلو عقل ۽ بصيرت نٿا ڪري سگهن تہ هڪ فاني شيءِ سان دل لڳائي، دائمي سڪون ۽ راحت جي زندگيءَ

كي وساري ڇڏجي، ان ڪري دنياوي زندگيءَ ڪي لهو و لعب سڏيو ويو آهي. جيڪڏهن نتيجن واري دنيا نہ هجي ها، تہ پوءِ هن دنيا جي ڪهڙي ضرورت هجي ها. جيڪي ماڻهو خدا ۽ ان جي رسول خَاتَمُ النَّبِيِّين صَلَّى اللهُ تَعَالَىٰ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّمْ جي تعليمات جو انڪار ڪندا رهيا ۽ پنهنجن عملن جي مڪافات عمل جا انڪاري رهيا. حالانڪہ ڪين معلوم هئڻ گهرجي تہ غلط روش جا ڀيانڪ نتيجا ضرور ظهور پذير ٿيڻا آهن ۽ هو ان ڪان غافل رهن ٿا پوءِ جڏهن تباهہ ڪن انقلاب يا سخت ساعت اچي مٿن اوچتو ڪڙڪندي تہ هو افسوس جا هٿ مليندي چوندا تہ اسان ڪان وڏي ڪوتاهي سرزد ٿي وئي، جو اسان دنيا ۾ هن ڏينهن کي وساري ويٺاسون، جنهن ۾ الله تعالىٰ جي حضور پيش ٿيڻو هيو. هاڻي هو گهڻو ئي پڇتائيندا پر ڪين ڪجهہ بہ حاصل ڪو نہ ٿيندو. هو پنهنجي بداعماليءَ جي بار هيٺ دٻيل هوندا. هنن جي ڪو بہ مدد ڪرڻ وارو يا فرياد ٻڌڻ وارو نہ هوندو. اهو وزن ڪيترو نہ برو بار آهي، جيڪو هو هن وقت ڪٺي رهيا آهن. اهو ان ڪري هوندو جو هنن هن دنيا جي زندگيءَ کي حقيقت حيات سمجهيو هيو ۽ جنهن جي خوشحالي ۽ عيش و عشرت لاءِ پنهنجون سڀ صلاحيتون استعمال ڪري تگ و دو ۾ رذل رهيا. حقيقت اها آهي تہ دنيا جي هي زندگي چند ڏينهن جو کيل تماشو آهي. جنهن تي پنهنجي سرمائي حيات کي قربان نہ ڪجي، چو تہ هي زندگي محض حيواني حيات وانگر خورد و نوش جو نالو نہ آهي، هن جي نتيجي ۾ هڪ ٻي ابدي زندگي اچڻ واري آهي، ان ڪري دنيا جي وقتي خوشين، جيڪي هڪ کيل تماشي برابر آهن، انهن تي پنهنجي دائمي سڪون واري آخرت جي زندگيءَ کي قربان نہ ڪجي. پر ياد رکڻ گهرجي تہ هن دنيا ڪان رهبانيت بہ ڪرڻ نہ گهرجي چوتہ اَلدُّنْيَا مَزْرَعَةُ الْآخِرَةِ هيءَ دنيا آخرت لاءِ کيتي مثال آهي. ان ڪري توازن برقرار رکي نہ حرص و هوس جو شڪار ٿئي، نہ وري دنياوي ضرورتن ڪان ڪنڌجي ڪنڌائتو ٿي وڃي. ”لَا رَهْبَانِيَّةَ فِي الدِّيْنِ“. اسلام ۾ رهبانيت جائز ناهي.

چيست دنيا از خدا غافل بودن
نے قماش و نقره و فرزند و زن

خدا ڪان غافل ٿي وڃڻ دنياداري جو نالو آهي، ڪپڙا سون چاندي زال پٽ جو هجڻ دنياداري نہ آهي.

جيڪو وقت الله تعاليٰ جي اطاعت، بندگي ۽ ذڪر ۽فڪر ۾ گذري ٿو، ان جي برابر دنيا جي ڪابہ دولت ۽ نعمت ناهي. حديث شريف ۾ آهي: ”اَلدُّنْيَا مَلْعُوْنٌ وَ مَلْعُوْنٌ مَا فِيْهَا اِلَّا ذِكْرُ اللهِ اَوْ عَالِمٌ اَوْ مُتَعَلِّمٌ “ يعني دنيا بہ ملعون آهي ۽ ان ۾ جو ڪجهہ آهي، اهو بہ ملعون آهي، مگر الله جي ياد يا عالم يا طالب علم. هت بہ اهڙي دنيا مراد آهي، جيڪا الله جي ذڪر، حڪمن، اطاعت ۽ بندگيءَ کان دور رکي. انسانن کي گناهن بعد يڪدم سزا نٿي ڏني وڃي، پر مهلت ڏني وڃي ٿي تہ جيئن اتمام حجت ٿي وڃي. اهو تيستائين آهي، جيستائين حقيقت غيب جي پردي ۾ پوشيده آهي، ورنہ جيئن غيب جو پردو چاڪ ٿيو، تہ پوءِ مهلت ۽ صفائيءَ جو موقعو ڪونہ ملندو. ان بعد مڪافات عمل جو دور شروع ٿي ويندو. حساب صاف ڪرڻ جو وقت هوندو، ان ڪري هيءَ زندگي امتحان آهي ۽ هن امتحان لاءِ غيب جو غيب رهڻ لازم آهي. هن امتحان جو نتيجو آخرت ۾ نڪرندو. ”فَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ خَيْرًا يَّرَهٗ ○ وَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ شَرًّا يَّرَهٗ “ (الزلزال: 99/8-7) جنهن ذري جيتري ڀلائي ڪئي تہ ان جو نتيجو ڏسندو، جنهن ذري ڀر برائي ڪئي، تہ ان جو نتيجو ڏسندو. ”لَتُسْـَٔلُنَّ يَوْمَئِذٍ عَنِ النَّعِيْمِ ○ “ (التڪاثر: 102/ 8) ان ڏينهن اوهان کان نعمتن جو پڇاڻو ضرور ٿيندو.

قَدْ نَعْلَمُ اِنَّهٗ لَيَحْزُنُكَ الَّذِيْ يَقُوْلُوْنَ فَاِنَّهُمْ لَا يُكَذِّبُوْنَكَ وَلٰكِنَّ الظّٰلِمِيْنَ
بِاٰيٰتِ اللّٰهِ يَجْحَدُوْنَ ﴿۳۳﴾ وَلَقَدْ كُذِّبَتْ رُسُلٌ مِّنْ قَبْلِكَ فَصَبَرُوْا عَلٰى مَا
كُذِّبُوْا وَاُوْذُوْا حَتّٰٓى اَتٰىهُمْ نَصْرُنَا ۚ وَلَا مُبَدِّلَ لِكَلِمٰتِ اللّٰهِ ۚ وَلَقَدْ جَآءَكَ مِنْ
نَّبَاِی الْمُرْسَلِيْنَ ﴿۳۴﴾ وَاِنْ كَانَ كَبُرَ عَلَيْكَ اِعْرَاضُهُمْ فَاِنِ اسْتَطَعْتَ اَنْ
تَبْتَغِيَ نَفَقًا فِي الْاَرْضِ اَوْ سُلَّمًا فِي السَّمَآءِ فَتَاْتِيَهُمْ بِاٰيَةٍ ؕ وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ
لَجَمَعَهُمْ عَلَى الْهُدٰى فَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْجٰهِلِيْنَ ﴿۳۵﴾ اِنَّمَا يَسْتَجِيْبُ الَّذِيْنَ
يَسْمَعُوْنَ ؕ وَالْمَوْتٰى يَبْعَثُهُمُ اللّٰهُ ثُمَّ اِلَيْهِ يُرْجَعُوْنَ ﴿۳۶﴾

النصف
وقف غفران
وقف منزل

اي حبيب خاتم النبيين صلی الله تعالیٰ عليه وآله وسلم ! بيشڪ اسان کي معلوم آهي تہ جيڪا گفتگو هي ماڻهو

ڪن ٿا، اها توکي رنجيده (غمگين) ڪري ٿي، حقيقت اها آهي تہ هي توکي ڪوڙو نٿا ڪوٺين، پر اهي ظالم ماڻهو الله جي آيتن جو انڪار ڪري رهيا آهن. (33) هي پهريون دفعو نہ آهي، پر هن کان اڳ گهڻن رسولن سڳورن کي ڪوڙو بنايو ويو ۽ ايذاءُ رسايو ويو آهي. هنن ڪوڙي بنائڻ ۽ ايذاءَ رساني تي صبر ڪيو، تان جو هنن کي اسان جي حمايت ٿي وئي. الله جي ڪلمات (فيصلن) کي ڪو بہ بدلڻ وارو ناهي. تنهنجي اطمينان قلب لاءِ رسولن جي دور جون (اهڙيون تڪليف ڏيندڙ) خبرون توکي معلوم ٿي چڪيون آهن. (34) ان تسلي هوندي بہ جيڪڏهن هنن جو منهن موڙڻ توکي ناگوار گذري رهيو آهي تہ پوءِ زمين ۾ ڪا سرنگهہ يا آسمان لاءِ ڪا ڏاڪڻ ڳولي سگهين ٿو ۽ پنهنجي (اطمينان) لاءِ ڪا نشاني هٿ ڪري سگهين ٿو تہ ڪر. جيڪڏهن الله گهري ها يعني الله جي قانون مشيت مطابق هجي ها تہ هنن سڀني کي هدايت نصيب ڪري ها، ان ڪري جنهن ڳالهہ جي توکي خبر ناهي، ان تي اصرار نہ ڪر. (35) حقيقت حال اها آهي تہ حق ۽ سچ کي اهي قبول ڪندا جيڪي ڏيان ڏئي هدايت کي ٻڌندا. پر هي اهي مردار آهن، جن کي الله اٿاريندو ۽ ان ڏانهن رجوع ڪندا.(36)

اي رسول خَاتَمُ النَّبِيِّين صَلَّى اللهُ تَعَالَى عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّم ! اسان کي معلوم آهي تہ هي ماڻهو توکان عجيب و غريب مطالبا ڪري رهيا آهن ۽ تنهنجي نبوت ۽ هدايت کي قبول ڪرڻ لاءِ هو معجزا گهري رهيا آهن. هنن جا اهي تقاضا روز بہ روز وڌندڙ آهن ۽ مشيت خداوندي پنهنجي مقرر ٿيل نظام مطابق ڪار فرما آهي، جنهن جي ڪري تون ڏکارو ۽ رنجيده رهين ٿو. پر تون ڪو بہ رنج ۽ ملال نہ ڪر. وقت جو انتظار ڪر، هي نادان تنهنجي نبوت جي ۽ قرآن جي صداقت جو انڪار نہ ڪري رهيا آهن، پر اصل ۾ الله جي آيتن ۽ حڪمن جو انڪار ڪري رهيا آهن، تنهنجا انڪاري گويا الله جا انڪاري آهن. تنهنجي اطاعت الله جي اطاعت آهي. خدا هنن جي هن بي حسيءَ کي سندن بي حسي قرار ڏئي رهيو آهي، هنن جي انهيءَ ناروا رويي تي الله کي غصو اچڻ گهرجي، پر دير آهي، انڌير ناهي. هي مهلت جو وقت آهي. الله توکي بہ

صبر جي تلقين ڪري ٿو. هنن ڪافرن جو تو سان هي رويو ڪا نئين ڳالهہ نہ آهي، هن ڪان اڳ هو رسولن سان اها روش رکندا آيا آهن. انهن رسولن بہ هنن جي هن بي عقليءَ ۽ جهالت تي صبر ڪيو ۽ پنهنجي پروگرام ڪي تمام مشڪلاتن جي باوجود جاري رکيو ۽ دشمنن جي هر اهنج ۽ ايذاءَ ڪي نهايت استقلال ۽ استقامت سان برداشت ڪيو. سندن انهيءَ استقلال برداشت ۽ صبر جي ڪري آخرڪار الله جي مغفرت ۽ حمايت هنن ڪي حاصل ٿي وئي ۽ اها مدد ضرور پهچڻي هئي ڇو تہ الله جي اها سنت هميشہ کان جاري وساري رهي آهي، جنهن ۾ ڪا تبديلي اچڻ واري ناهي. ان حقيقت جو ثبوت، اڳين رسولن سڳورن جا احوال ۽ حالتون ٻڌائن ٿيون ۽ پڪو ثبوت ڏين ٿيون تہ توکي بہ الله اڪيلو نہ ڇڏيندو ۽ شاندار ڪاميابي نصيب ڪرڻ فرمائيندو. هنن جي ايذاءَ رساني کان زياده توکي هنن جي هدايت تي نہ اچڻ ۽ حق کان منهن موڙڻ جو غم وڏيڪ ستائي رهيو آهي. تنهنجي حق جي سڏ کي رڳو اهي موٽ ڏين ٿا، جيڪي زندهہ آهن، پر جن جون دليون مرده ٿي چڪيون آهن، انهن لاءِ دعوت بي سود آهي. ڪا دعوت، ڪا نشاني، ڪو ثبوت مئلن کي زندهہ ڪري نہ سگهندو. هنن کي معجزو ڏيکارڻ لاءِ تون آسمان تي چڙهي وڃين يا زمين جي گهراين ۾ هليو وڃين، هو ڪڏهن بہ سچائي قبول ڪرڻ وارا نہ آهن. ان ڪري هنن جي وعده خلافين ۽ گمراهين سبب دل رنجيده نہ ٿيو. توهان جي خواهش آهي تہ هي سڀ سڌي رستي تي اچي وڃن، پر هنن جي لڳاتار انڪار، ضد ۽ فساد سبب مشيت خداوندي جي مطابق هنن کي مهلت آهي، ان ڪري توهان هنن جي انڪار ڪري ملول نہ ٿيو، پر پنهنجي تبليغ جاري رکو. اتمام حجت بعد هنن کي سندن گمراهي ۽ سرڪشيءَ جو مزو چکايو ويندو، توهان هنن کي سڌارڻ خاطر پريشان رهندا تہ ڪهڙو فائدو، پر ان هوندي بہ توهان گهرو تہ پوءِ پلي ڪا سرنگهہ زمين ۾ اندر لڳايو يا آسمان لاءِ ڪا ڏاڪڻ هٿ ڪيو ۽ آسمان مان هنن لاءِ ڪا نشاني (معجزو) ڳولي اچو ۽ پيش ڪريو تہ بہ هو ايمان نہ آڻيندا. (بني اسرائيل: 17/90-93) جيڪڏهن الله گهري تہ هنن سيني کي هدايت نصيب ڪري ڇڏي. (يونس: 10/98-99) پر هي نظام الله جي مشيت ۽ مقرر قانون مطابق هلي رهيو آهي. ان ڪري جذبات کان مغلوب نہ ٿي وڃو، پر عقل ۽ استدلال جي راهہ توکي غلط فيصلي کان روڪي رکندي. اسان جي دعوت کي اهي ماڻهو قبول ڪندا، جيڪي هن دعوت ۽ هدايت کي دل جي ڪنن سان ٻڌڻ

گهرن ٿا، جن ۾ حيات نو جي تڙپ آهي ۽ حق حاصل ڪرڻ لاءِ سچي دل سان ڪوشش ڪن ٿا. (يونس: 10/100-99) باقي هي مردار ته اهي بدبخت آهن جن جو مقدر تباهي ۽ بربادي آهي، جن کي قيامت ڏينهن الله اٿاريندو ۽ هو ان ڏانهن رجوع ڪندا.

وَقَالُوْا لَوْلَا نُزِّلَ عَلَيْهِ اٰيَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ ؕ قُلْ اِنَّ اللّٰهَ قَادِرٌ عَلٰٓى اَنْ يُّنَزِّلَ اٰيَةً
وَّ لٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۳۷﴾ وَمَا مِنْ دَآبَّةٍ فِى الْاَرْضِ وَلَا طٰٓئِرٍ يَّطِيْرُ
بِجَنَاحَيْهِ اِلَّآ اُمَمٌ اَمْثَالُكُمْ ؕ مَا فَرَّطْنَا فِى الْكِتٰبِ مِنْ شَىْءٍ ثُمَّ اِلٰى رَبِّهِمْ
يُحْشَرُوْنَ ﴿۳۸﴾ وَالَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا صُمٌّ وَّ بُكْمٌ فِى الظُّلُمٰتِ ؕ مَنْ يَّشَاِ اللّٰهُ
يُضْلِلْهُ ؕ وَمَنْ يَّشَاْ يَجْعَلْهُ عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿۳۹﴾ قُلْ اَرَءَيْتَكُمْ اِنْ اَتٰىكُمْ
عَذَابُ اللّٰهِ اَوْ اَتَتْكُمُ السَّاعَةُ اَغَيْرَ اللّٰهِ تَدْعُوْنَ ۚ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿۴۰﴾
بَلْ اِيَّاهُ تَدْعُوْنَ فَيَكْشِفُ مَا تَدْعُوْنَ اِلَيْهِ اِنْ شَآءَ وَ تَنْسَوْنَ
مَا تُشْرِكُوْنَ ﴿۴۱﴾ ع ١١/١٠

هو چون ٿا ته هن (نبي) تي پنهنجي پروردگار طرفان ڪا نشاني ڇو نازل نه ٿي آهي. هنن کي چئو ته الله پوري پوري قدرت رکي ٿو (جڏهن مشيت خداوندي ڪارفرما ٿئي) ته ڪا به آيت (نشاني) نازل ڪري، مگر هن مطالبي ڪرڻ وارن جي اڪثريت انهن جي ڀيانڪ نتيجن کان واقف نه آهي.(37) هو نٿا ڏسن ته زمين تي جيترا جانور پنهنجن پيرن تي هلن ٿا ۽ فضا ۾ جيترا پکي پنهنجن پرن تي اڏامن ٿا اهي سڀ توهان وانگر امت آهن، سمجهائڻ لاءِ ته اسان پنهنجي ڪتاب (قرآن) ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏي آهي (ان مان فائدو وٺن يا نه وٺن) هڪ ڏينهن هنن کي الله جي حضور گڏ ٿيڻو آهي. (38) پر جن ماڻهن اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي، اهي ٻوڙا ۽ گونگا، اونداهين ۾

پيل آهن. الله پنهنجي قانون مشيت مطابق جنهن کي گمراھ ڇاڏائي ۽ جنهن
کي سڌي راھ تي هلڻ وارو ڪري ته ڪري ٿو سگهي. (39) هنن کي چئو ته
جيڪڏهن اوهان تي الله جو عذاب اچي يا قيامت جي گهڙي اچي پهچي ته
(اهڙي مشڪل وقت ۾) الله کانسواءِ ڪنهن ٻئي کي (مدد لاءِ) پڪاري سگهو
ٿا؟ جيڪڏهن واقعي اوهان پنهنجن دعوائن ۾ سچا آهيو ذرا ٻڌايو. (40) پر
اهڙي هر موقعي تي رڳو ان کي ئي پڪاريندو، پوءِ مشيت ايزدي ان کي ٽاري به
ڇڏي، جنهن لاءِ توهان درخواست گذار آهيو ۽ ان وقت اوهان الله سان شريڪ
ڪندڙ عناصر کي وساري ڇڏيو ٿا.(41)

هنن ضدي عقل جي انڌن جو اهو مطالبو آهي ته الله پنهنجي رسول ﷺ جي
حمايت ۽ صداقت ۾ ڪا آيت يا نشاني نازل ڪرڻ چو نٿو فرمائي. هنن جو خيال هو ته
جيڪڏهن پيغمبر جي تڪذيب جا قائل آهن ته پوءِ هنن کي عذاب چو نٿو ٿئي. هو نبي لاءِ
چا جو چا چون ٿا، پوءِ به هنن کي ڪجھ نٿو ٿئي. شايد هو خدا جي قانون مهلت کان
غير واقف آهن، پر جڏهن هنن جي خواهش (ڳُهَر) تي مهلت ختم ڪئي وڃي ته هنن تي خدا
جو قهر نازل ٿي ويندو، ٻيو هي به آهي ته جيستائين هنن تائين رسولن معرفت پوري طرح
پيغام پهچي يا جڏهن هو انبياء جي تڪذيب ڪن ٿا ته ڪين به هدايت جا سمورا وسيلا ۽
طريقا مُيسّر ٿيڻ بعد به اصلاح نه ڪرڻ ۽ بداعمالي ۾ مشغول ۽ مضبوط رهڻ بعد ئي الله
جو عذاب ايندو آهي. هنن کي چئو ته الله قادر آهي ته وڏي مان وڏي نشاني نازل ڪري ۽ ان
جي نتيجي ۾ هنن جي پڪڙ ڪري، پر هنن جي مطالبي تي به معجزو نه ڏيکارڻ الله جي
رحمت جو مظهر آهي، پر هو ان حقيقت کان بلڪل بي خبر آهن. خدا انسانن کي اختيار ۽
ارادي جي اجازت فرمائي آهي. هو عقل و دانش ۽ وحي الاهي جي روشني ۾ پاڻ لاءِ هدايت
۽ گمراهي جي راھ اختيار ڪرڻ ۾ آزاد آهن، پر خارجي ڪائنات جون ٻيون سڀ شيون،
جن ۾ جانور ۽ پکي وغيرھا شامل آهن، سڀ اوهان وانگر الله جي مخلوق آهن، انهن لاءِ
طريقِ حيات يا طرز عمل مقرر ڪيل آهي ۽ هو انهيءَ جي دائري اندر ڪارگذار آهن. هنن

کي اختيار ۽ ارادي جي نعمت نصيب ناهي. (النور: 41/24) هي نادان هڪ نشانيءَ جو مطالبو ڪري رهيا آهن. پر عبرت جي اکين سان ڏسڻ وارن لاءِ ته ڪائنات اندر بهترين نشانيون ۽ آيتون برملا موجود آهن. خود جانورن جو هڪ نظام فطرت آهي، جنهن جي ذريعي زمين تي هلڻ ڦرڻ ۽ پکين جو فضا ۾ پرواز ڪرڻ ۾ به بصيرت وارين اکين لاءِ ڪيترا منظر ۽ نشانيون موجود آهن. جيڪي پنهنجي معيشت ۽ ضرورت حيات لاءِ پورو پورو علم رکن ٿا، نه رڳو اهي جانور ۽ پرندا، پر پوري ڪائنات، سج، چنڊ، تارا، هوا، بادل، سڀ قانونِ فطرت کان هڪ قدم به ٻاهر نٿا ٿين، پر انسان جو معاملو الڳ آهي، هن کي عقل، بصيرت، فهم فراست عطا ڪري، ڪيس ارادي ۽ اختيار جي اجازت ڏني آهي. ڪيس سڌي راهه تي هلائڻ لاءِ خود الله جو ڪتاب ماضي جي واقعن ۽ وارداتن جو زنده ثبوت پريو داستان آهي. عقل ۽ شعور کان ڪم وٺندڙن لاءِ هدايت ۽ رهنمائي جا سبق موجود آهن. انسان پنهنجي لاءِ هدايت جي راهه ڳولڻ ۽ ان تي هلڻ لاءِ بااختيار آهي. پر هٺ هوڏ ۽ حسد ۾ گرفتار هنن عقل ۽ بصيرت جو دامن تار تار ڪري، گمراهي ۽ بداعماليءَ جو رستو اختيار ڪيو آهي، ان ڪري انسان الله جي انهن نشانين کان عبرت حاصل ڪري حق ۽ سچ جو رستو اختيار ڪرڻ بدران هو الله جي آيتن کي ڪوڙو چون ٿا، يعني نه حق جي پڪار ٻڌي سگهن ٿا ۽ نه وري پڪار ڪري سگهن ٿا. هو حقيقت چوڻ، ٻڌڻ ۽ قبول ڪرڻ کان ٻوڙا ۽ گونگا آهن ۽ پنهنجي انهي روش سبب اونداهين ۾ ڏکا ڪائي رهيا آهن. الله جو قانون ته بلڪل سنئون سڌو آهي، جيڪو به خدا جي حڪمن جي دل و جان سان پيروي ڪري ٿو، الله پنهنجي قانونِ مشيت موجب هن کي سڌي رستي تي هلڻ جي توفيق عطا ڪري ٿو، پر جيڪڏهن هو گمراهي ۽ غلط راهروي اختيار ڪري ٿو ته الله به هن کي گمراهي طرف وڃڻ جو اختيار ڏئي ٿو. ”فَلَمَّا زَاغُوٓا اَزَاغَ اللّٰهُ قُلُوۡبَهُمۡ ؕ“ (الصف: 5/61) جڏهن هو پاڻ ڦري ويا ته الله عزوجل شانه به انهن جي دلين کي ڦيري ڇڏيو.

هنن کي چؤ ته جيڪڏهن پنهنجي انهيءَ دعوىٰ ۾ سچا آهيو ته الله کانسواءِ جن کي اوهان پوڄيو ٿا ۽ کين پنهنجو حاجت روا ۽ مشڪل ڪشا سمجهو ٿا، ذرا اهو ته ٻڌايو ته جڏهن ڪا مصيبت ۽ مشڪلات اوهان وٽ اچي اوچتو ڪڙڪي ٿي ته پوءِ هنن کان مدد طلب چو نٿا ڪريو. ان وقت اوهان کي الله ياد اچي وڃي ٿو ۽ ان جي در تي ڪرڙگڙايو ٿا ته پوءِ

هن (الله) جي حڪمن ۽ آيتن تي ايمان چو نتا آڻيو، جيڪڏهن اوهان سچائي پسند آهيو. پوءِ جيڪڏهن الله گهري ٿو تہ پنهنجي مشيت سان هو اوهان جي مشڪل ڪشائي ڪري ٿو ۽ اوهان جي دعا قبول ڪري مصيبت ٽاري ڇڏي ٿو. خدا جي هن صريح احسان وقت پنهنجن ديوتائن کي جيڪي خدا جا شريڪ بنايا اٿو، وساري ڇڏيو ٿا، وري مشڪل حل ٿيڻ کان پوءِ خدا کي وساري هنن جعلي معبودن جي پيروي ڪريو ٿا.

وَلَقَدْ اَرْسَلْنَآ اِلٰٓى اُمَمٍ مِّنْ قَبْلِكَ فَاَخَذْنٰهُمْ بِالْبَاْسَآءِ وَالضَّرَّآءِ لَعَلَّهُمْ
يَتَضَرَّعُوْنَ ﴿۴۲﴾ فَلَوْلَآ اِذْ جَآءَهُمْ بَاْسُنَا تَضَرَّعُوْا وَلٰكِنْ قَسَتْ قُلُوْبُهُمْ
وَزَيَّنَ لَهُمُ الشَّيْطٰنُ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۴۳﴾ فَلَمَّا نَسُوْا مَا ذُكِّرُوْا بِهٖ فَتَحْنَا عَلَيْهِمْ
اَبْوَابَ كُلِّ شَيْءٍ ؕ حَتّٰٓى اِذَا فَرِحُوْا بِمَآ اُوْتُوْٓا اَخَذْنٰهُمْ بَغْتَةً فَاِذَا هُمْ
مُّبْلِسُوْنَ ﴿۴۴﴾ فَقُطِعَ دَابِرُ الْقَوْمِ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ؕ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۴۵﴾

اوهان کان اڳ بہ ڪيترين ئي قومن ڏانهن اسان پنهنجا رسول سڳورا موڪليا هئا ۽ جڏهن هنن اسان جي حڪمن جي انحرافي ڪئي تہ اسان کين مصيبتن ۽ مشڪلاتن ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو ۽ رسولن جي تڪذيب ڪرڻ وارن کي تڪليفن ۾ مبتلا ڪيو تہ جيئن هو غرور ۽ تڪبر ڇڏي عاجزي ۽ انڪساري اختيار ڪن. (42) پوءِ جڏهن اسان طرفان هنن تي سختي ڪئي وئي تہ هنن چو عاجزي اختيار نہ ڪئي، پر هنن جون دليون وڌيڪ سخت ٿي ويون ۽ شيطان هنن جي هن منفي ڪردار کي هنن لاءِ خوشنما ڪري پيش ڪيو، جيڪو گندو عمل هو ڪري رهيا هئا. (43) پوءِ جڏهن ياد ڏهاني ۽ نصيحت واري ڳالهہ کي وساري ڇڏيو تہ اسان هنن تي هر طرح جي خوشحاليءَ جا در کولي ڇڏيا. ايتري قدر جو هو پنهنجن انهن نعمتن تي فخر ڪرڻ لڳا تہ اوچتو اسان هنن کي

**پڪڙي ورتو ۽ هو ششدر رهجي ويا. (44) اهڙي طرح هنن ظالمن جي جڙ (پاڙ) ڪٽي وئي. هر طرح جو حمد، الله لاءِ ئي زيبا آهي، جيڪو عالم جو پروردگار آهي، جنهن هنن ظالمن جي پاڙ پٽي ڌرتي کي پاڪ ڪري ڇڏيو.(45)**

---

تو ڪان اڳ نوع انسان جي هدايت ۽ رهبري خاطر اسان ڪيترين ئي قومن ڏانهن پنهنجا احڪام ڏئي رسولن سڳورن جو سلسلو جاري رکيو. انهن ماڻهن رسولن جي پيروي ڪرڻ بدران سندن تڪذيب ۾ مشغول ٿي ويا ۽ عذاب جو مطالبو ته ڪندا رهيا، پر ڪين ايمان آڻڻ جي توفيق نصيب نه ٿي. هو لڳاتار خدا جي حڪمن جي خلاف ورزي ڪندا رهيا، جنهن جي نتيجي ۾ هو مصيبتن ۾ مبتلا ٿي ويا. هي تنبيه هنن جي اصلاح ۽ سڌاري لاءِ ڪئي وئي ته جيئن هو خداوند آڏو عاجزي ۽ انڪساريءَ سان جهڪي وڃن، پر هو سنگ دل ان تنذير ۽ تنبيه مان سبق حاصل ڪرڻ ۽ نوڙت نياز جي راهه اختيار ڪرڻ بدران وڌيڪ سخت دل ٿي ويا. (البقره: 74/2) هنن جون حرص پريون خواهشون ۽ آرزوئون ڏسي شيطان به سندن برا اعمال ڪين خوشحال ڪري ڏيکاريندو رهيو ۽ ڪين چوندو رهيو ته جن ڪمن مان جلد ۽ آسانيءَ سان مفاد حاصل ٿي رهيا هجن، انهن کي اڳتي جي نامعلوم اميدن تي ڇڏي ڏيڻ عقلمندي ناهي. اهو گمراهه ٽولو الله پاران بار بار تنبيه ۽ خبردار ڪرڻ جي باوجود، هو پنهنجي نفعي نقصان کي سمجهڻ ۽ پنهنجي روش تي نظرثاني ڪرڻ لاءِ تيار نه هو.

جڏهن هنن اسان جي رسولن کي تسليم ڪرڻ بدران سندن تڪذيب ڪئي ۽ مصيبتن ۽ مشڪلاتن دوران به عجز و انڪساري کان ڪم نه ورتو ته اسان هنن جي خواهش موجب سندن اختيار ۽ ارادي جي لڄ رکندي ڪين خوشحاليءَ سان مالا مال ڪيو ۽ ان ۾ ڪا رڪاوٽ حائل نه ڪئي. (النحل: 16/ 75) جڏهن هو هر حد پار ڪري ويا ته اوچتو ئي اوچتو اسان هنن کي پڪڙي ورتو، جنهن ڪري هو مايوس ٿي ويا. اهڙن نافرمان ۽ ناشڪر انسانن جي جڙ (پاڙ) ڪاٽي وئي ۽ ڪين قانون جي گرفت ۾ آڻي دنيا جي لاءِ عبرت جو نشان بڻايو. هاڻي اي قريش! اوهان تي ڇڏيل آهي ته الله جي رحمت ۽ نوازشن طرف اچو يا ان جي غضب ۽ قهر جا نشانا بڻجو ٿا. خداوند ڪريم پنهنجن حڪمتن ۽ نوازشن

سبب هر طرح جي حمد جو لائق آهي، جو جهانن جي ربوبيت سان نشونما ڪري رهيو آهي. جنهن ڪري هر مؤمن ٻانهو انهن سرڪشن ظالمن ڪان نجات لاءِ سراپا حمد آهي.

قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ اَخَذَ اللّٰهُ سَمْعَكُمْ وَاَبْصَارَكُمْ وَخَتَمَ عَلٰى قُلُوْبِكُمْ مَّنْ اِلٰهٌ
غَيْرُ اللّٰهِ يَاْتِيْكُمْ بِهٖ ؕ اُنْظُرْ كَيْفَ نُصَرِّفُ الْاٰيٰتِ ثُمَّ هُمْ يَصْدِفُوْنَ ﴿٤٦﴾
قُلْ اَرَءَيْتَكُمْ اِنْ اَتٰىكُمْ عَذَابُ اللّٰهِ بَغْتَةً اَوْ جَهْرَةً هَلْ يُهْلَكُ اِلَّا الْقَوْمُ
الظّٰلِمُوْنَ ﴿٤٧﴾ وَمَا نُرْسِلُ الْمُرْسَلِيْنَ اِلَّا مُبَشِّرِيْنَ وَمُنْذِرِيْنَ ۚ فَمَنْ اٰمَنَ
وَاَصْلَحَ فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٤٨﴾ وَالَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا
يَمَسُّهُمُ الْعَذَابُ بِمَا كَانُوْا يَفْسُقُوْنَ ﴿٤٩﴾ قُلْ لَّاۤ اَقُوْلُ لَكُمْ عِنْدِيْ خَزَآئِنُ
اللّٰهِ وَلَاۤ اَعْلَمُ الْغَيْبَ وَلَاۤ اَقُوْلُ لَكُمْ اِنِّيْ مَلَكٌ ۚ اِنْ اَتَّبِعُ اِلَّا مَا يُوْحٰۤى اِلَيَّ ؕ
قُلْ هَلْ يَسْتَوِى الْاَعْمٰى وَالْبَصِيْرُ ؕ اَفَلَا تَتَفَكَّرُوْنَ ﴿٥٠﴾ ع ع۵ ۹ ۱۱

هنن کان پڇو تہ ڪڏهن اهو سوچيو بہ آهي تہ جيڪڏهن الله اوهان جي سماعت ۽ بصارت سلب ڪري ڇڏي ۽ اوهان جي دلين تي مهر لڳائي ڇڏي تہ الله کانسواءِ توهان جو ڪو (هٿ نوڪيو) معبود آهي، جو اوهان کي اهي واپس ڏياري سگهي. غور ڪريو تہ ڪهڙي طرح اسان پنهنجون آيتون مختلف طريقن سان هنن آڏو پيش ڪري رهيا آهيون. پوءِ بہ هي قبول ڪرڻ بدران منهن موڙيو ڇڏين. (46) هنن کان پڇو تہ ڪڏهن اوهان سوچيو بہ آهي تہ الله جو عذاب جيڪڏهن اوهان تي اچانڪ يا علي الاعلان اچي ڪڙڪي تہ ڇا ظالم ماڻهن کانسواءِ ٻئي ڪنهن کي هلاڪ ڪيو ويندو؟ (47) رسولن کي تہ اسان بشارت ڏيندڙ ۽ خبردار ڪندڙ ڪري موڪليون ٿا، سو جن ماڻهن ايمان آندو ۽ پنهنجي اصلاح ڪئي تہ انهن کي ڪو خوف ۽ غم نہ هوندو(48) پر ان جي برخلاف جن

ماڻهن اسان جي آيتن جي تڪذيب ڪئي، انهن نافرمانن جي سزا طور اسان جو عذاب کين اچي پڪڙيندو.(49) تون هنن کي چؤ تہ مان ائين ڪونہ ٿو چوان تہ مون وٽ الله جا خزانا آهن ۽ نہ مان غيب ڄاڻان ٿو ۽ اها دعوىٰ بہ نٿو ڪريان تہ مان فرشتو آهيان. مون تي جو ڪجهہ نازل ٿئي ٿو، ان جي پيروي ڪيان ٿو، تون هنن کان پڇ تہ ڇا انڌو ۽ اکين وارو برابر آهن، پلا پوءِ بہ غور و فڪر ڇونہ ٿا ڪريو. (50)

دين بابت انسان جي اها عالمگير گمراهي رهي آهي تہ هو هميشہ ماوراءِ فطرت عجيب ۽ غريب شين جو مطالبو ڪندو رهي ٿو ۽ ان شيءِ تي مطمئن ۽ قانع نٿو ٿئي تہ سچائي هن آڏو سڌي سادي ۽ سولي پيش ٿئي، جنهن خواهش، مذهب جي پيروڪارن کي وهم پرست بنائي ڇڏيو آهي، جنهن سبب هو پنهنجن رهبرن ۽ داعيانِ حق کي انسانيت جي سطح کان بلند ڪري، الوهيت جي درجي تائين پهچائي ڇڏيو آهي، مگر قرآن اهڙين گمراهين جو سدِ باب ڪري ٿو ۽ تمام پيغمبرن سميت پيغمبرِ حق حضرت محمد مصطفىٰ خاتم النبيين ﷺ بابت بہ صاف صاف بيان ڪيو تہ الله جو عبد، نبي ۽ رسول آهي. هو رڳو اهو ڪجهہ چئي رهيو آهي، جيڪو ڪيس الله طرفان وحي ٿئي ٿو. اوهان جو پنهنجي چرب زباني ۽ هوشياري سان عوام جا حق غصب ڪري رهيا آهيو ۽ پنهنجي عقل و دانش تي نازان آهيو، ڪڏهن سوچيو بہ اٿو تہ عقل و فڪر، سماعت ۽ بصارت جون صلاحيتون اوهان کي ڪنهن عطا ڪيون آهن، هي خالقِ فطرت طرفان اوهان کي وديعت ٿيل آهن. جيڪڏهن هنن جي غلط استعمال سبب الله انهن صلاحيتن کي سلب ڪري ڇڏي تہ پوءِ ڪا اهڙي بي طاقت ۽ صاحب اختيار آهي، جيڪا اوهان کي اهي واپس ڏياري. ان ڪري وقت ويو ناهي، هنن خداداد قوتن کي صحيح مصرف ۾ استعمال ڪيو، جنهن لاءِ توهان خلقيا ويا آهيو، پر جيڪڏهن اهي سلب ٿي ويون تہ پوءِ حسرت جا هٿ مليندا رهندا. ”وَاَمَّا بِنِعۡمَةِ رَبِّكَ فَحَدِّثۡ“ (الضحىٰ: 11/93) يعني الله توتي جيڪي بيشمار احسان ڪيا آهن، انهن جا ڳڻ ڳائيندو رهہ. ”ثُمَّ لَتُسۡئَلُنَّ يَوۡمَئِذٍ عَنِ النَّعِيۡمِ“ (التڪاثر: 8/102) حساب ڪتاب واري ڏينهن توکان الله جي نعمتن جو حساب ورتو ويندو. ”لَئِنۡ شَكَرۡتُمۡ لَاَزِيۡدَنَّكُمۡ“ (البقره: 152/2، الاحقاف: 15/46) ان ڪري غور ڪريو تہ اسان اوهان جي هدايت لاءِ پنهنجون آيتون نئين انداز سان وري وري

دهرائي رهيا آهيون تہ سبق حاصل ڪريو. مگر هو ڪناره ڪشي ڪري رهيا آهن. هنن ڪان پڇو تہ خدا جي رسول جي تڪذيب ڪرڻ ۽ ان جو مذاق بڻائڻ بعد خدا جو عذاب اوچتو اچي ڪڙڪي جو اوهان پاڻ سنڀالي بہ نہ سگهو يا اهو عذاب علي الاعلان اوهان جي اکين آڏو رونما ٿئي تہ اهو ظالمن طرف ئي ايندو. الله ايمان وارن کي ان ڪان بچائي وٺندو.

ياد رکو تہ خدا جا رسول نيڪو ڪارن کي سندن نيڪ عمل جي خوشگوار نتيجن جي خوشخبري ڏيڻ لاءِ ۽ بدڪارن کي سندن بدعملن جي ڀيانڪ نتيجن کان خبردار ڪرڻ لاءِ موڪليا ويندا آهن ۽ عذاب الاهي جي آڻڻ يا معجزا ڏيکارڻ لاءِ نہ موڪليا ويندا آهن، هنن جو فرض منصبي قومن جي اصلاح آهي ۽ امر بالمعروف جي ترغيب ۽ نهي عن المنڪر جي تڪذيب جي آگاهي لاءِ موڪليا ويندا آهن، پوءِ جن ايمان آندو ۽ پاڻ سڌاريو، انهن تي نہ ڪو خوف لاحق ٿيندو ۽ نہ وري غم ۾ مبتلا ٿيندا. الله جي پاران هن رشد و هدايت جي سلسلي کي جاري رکڻ باوجود ڪي بدبخت انسان الله جي آيتن ۽ حڪمن جي تڪذيب ڪرڻ ۾ رذل آهن، اهي هر حالت ۾ پنهنجن گناهن سبب عذاب الاهي جو مزو چکڻ وارا آهن، جنهن کان بچڻ محال آهي. هنن کي چؤ تہ مان بہ اڳين نبين ۽ رسولن وانگر خدا جو پيغمبر آهيان ۽ انهيءَ لاءِ آيو آهيان، اوهان کي ٻڌايان تہ ڪهڙي روش ۽ رويو ڪهڙو نتيجو ظاهر ڪندو، ان ڪري مون کان منهنجي هن فرض منصبي کان سواءِ ٻيو ڪجھ نہ گهرو. مان اها دعوىٰ نٿو ڪريان تہ مون وٽ خدا جا خزانا آهن، جن تي اوهان فخر ۽ ناز ڪري رهيا آهيو، يا اهو چوان تہ هر غيب ۽ ڳجھ ڄاڻان ٿو، سواءِ ان جي جيڪو الله پنهنجي رسولن کي عنايت ڪري ٿو ۽ مون تي وقت بوقت وحي نازل ڪرڻ فرمائي ٿو، نہ وري مان پيدائشي طور فرشتو آهيان، جو کائڻ پيئڻ ۽ انساني صفتن کان آجو هجان. مان بشر جي صورت ۾ خدا طرفان رسول ڪري موڪليو ويو آهيان ۽ جيڪو ڪجھ خدا طرفان مون تي وحيءَ ذريعي نازل ٿئي ٿو ان تي دل و جان سان عمل پيرا آهيان ۽ ان جي روشنيءَ ۾ صحيح ۽ سڌي رستي تي هلڻ وارو آهيان. حديث شريف ۾ آهي: ”اَلَا اِنِّيْ اُوتِيْتُ الْكِتَابَ وَ مِثْلَهٗ مَعَهٗ“ (مسند احمد، سنن ابوداؤد، صحيح جامع صغير) خبردار! مون کي ڪتاب (قرآن) سان گڏ ان جو مثل بہ ڏنو ويو آهي. اهو مثل حديث شريف ۽ حڪمت آهي. ڇا ڪي انڌو ۽ اکين وارو برابر ٿي سگهن ٿا. بلڪل برابر ناهن، اوهان جو پنهنجو رات ڏينهن جو مشاهدو آهي،

تہ پوءِ ڇالاءِ اوهان انڌن وانگر ڏاڍڙجي ڏکا کائي رهيا آهيو. پر ان هوندي پنهنجي عاقبت جو کوبہ فکر نٿا ڪريو. جهڙيءَ طرح انڌو ۽ اکين جي نور وارو برابر نہ آهن، اهڙيءَ طرح گمراهہ ۽ هدايت يافتہ مؤمن ۽ ڪافر حق ۽ باطل برابر ٿي نٿا سگهن. هنن واضح مثالن ۽ حقيقتن جي ڄاڻ باوجود اوهان عقل و بصيرت کان ڪم نٿا وٺو تہ اها اوهان جي وڏي نالائقي ۽ ناداني آهي.

وَاَنْذِرْ بِهِ الَّذِيْنَ يَخَافُوْنَ اَنْ يُّحْشَرُوْٓا اِلٰى رَبِّهِمْ لَيْسَ لَهُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ وَلِيٌّ وَّلَا شَفِيْعٌ لَّعَلَّهُمْ يَتَّقُوْنَ ﴿۵۱﴾ وَلَا تَطْرُدِ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَدٰوةِ وَالْعَشِيِّ يُرِيْدُوْنَ وَجْهَهٗ ؕ مَا عَلَيْكَ مِنْ حِسَابِهِمْ مِّنْ شَيْءٍ وَّمَا مِنْ حِسَابِكَ عَلَيْهِمْ مِّنْ شَيْءٍ فَتَطْرُدَهُمْ فَتَكُوْنَ مِنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۵۲﴾ وَكَذٰلِكَ فَتَنَّا بَعْضَهُمْ بِبَعْضٍ لِّيَقُوْلُوْٓا اَهٰٓؤُلَآءِ مَنَّ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ مِّنْۢ بَيْنِنَا ؕ اَلَيْسَ اللّٰهُ بِاَعْلَمَ بِالشّٰكِرِيْنَ ﴿۵۳﴾

اي نبي محترم خَاتَمُ النَّبِيِّيْن ﷺ! هن قرآن جي (تعليمات) ذريعي انهن ماڻهن کي خبردار ڪر، جن کي انديشو آهي تہ هو پنهنجي پروردگار جي حضور اهڙي طرح پيش ڪيا ويندا، جو هنن لاءِ هن (الله) کانسواءِ ڪوئي حامي يا سفارش ڪرڻ وارو نہ هوندو. عين ممڪن آهي تہ ايندڙ خطرات کان پنهنجي حفاظت ڪري سگهن. (51) هنن ماڻهن جي سڌرڻ جي آرزو ۾ تون انهن ماڻهن کي پاڻ کان پري نہ ڪر جيڪي صبح و شام پنهنجي پروردگار جي خوشنودي طلبيندي ڪيس پڪاريندا رهن ٿا. هنن جي اعمال جي ذميداري مان ڪجهہ بہ توتي لازم نہ آهي ۽ نہ وري تنهنجي ذميداري جو ڪجهہ حصو هنن تي واجب آهي، ان واضح حقيقت بعد بہ جيڪڏهن تون هنن ڪافرن جي خواهش تي هنن کي پاڻ

کان پري رکي ناانصافي ڪندڙن مان نہ ٿي وڃ. (52) اهڙي طرح اسان هنن مان بعض کي بعض کان آزمايو آهي تہ جيئن هي بدبخت ڪافر هنن غريب سادڙن مسلمانن کي ڏسي حقارت سان چون تہ ڇا الله اسان مان هنن کي ئي پنهنجي فضل و ڪرم جي پالوت ڪئي آهي. هنن کي چؤ تہ ڇا الله پنهنجي شڪرگذار ٻانهن کي سڀ کان وڌيڪ ڄاڻڻ وارو نہ آهي(53)

---

اي پيارا رسول ﷺ! تون هن قرآن ڪريم جي اصلاحي ۽ تعميري تعليمات جي ذريعي هنن کي زندگيءَ جي بداعمالي وارن پُرخطر رستن تي هلڻ کان خبردار ڪندو رهہ جن کي پوري طرح معلوم آهي تہ جيڪڏهن هنن خدا جي هن ضابطہ حيات ۽ قانون جي خلاف ورزي ڪئي ۽ ان مطابق زندگي بسر نہ ڪئي تہ پوءِ انهن بدڪارين جي ڀيانڪ نتيجن نڪرڻ ۽ تباهہ ڪن مرحلن کي منهن ڏيڻ لاءِ هنن کي نہ ڪو مددگار ملي سگهندو ۽ نہ وري ڪو هنن جو سفارش ڪري سندن جان بچائي سگهندو. ”وَلَا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزْرَ اُخْرٰى“ (البقره:2 /254-123-48، طٰهٰ: 20 / 109، الانبياء: 40/21- 39، لقمان: 33/31، فاطر: 18/35، الحاقه: 26/69 کان 29، عبس: 33/80 کان 42) مطابق پنهنجن سرڪشي ۽ حڪم عدولي جي سزا هو پاڻ ڀوڳيندا رهندا. هنن کي قرآن ذريعي سمجهائڻ جو اهو مقصد آهي تہ شايد هو پاڻ کي زندگيءَ جي هولناڪ خطرن کان بچائي سگهن.

معلوم ٿيو تہ ڪنهن کي خبردار ڪرڻ جو فطري ۽ عقلي ذريعو قرآن آهي، جن جون صلاحيتون زندهہ آهن، قرآن انهن لاءِ نفع بخش آهي ۽ قرآن جي اصلاحي تعليم دنياوي زندگي جي مدهوشي کان ڪڍي باخبر ڪرڻ قرآن ڪريم جو ئي ڪمال آهي. هميشہ ائين رهيو آهي تہ جڏهن ڪو رسول سڳورو يا مصلح قوم لاءِ اصلاحي ۽ تعميري پروگرام ڪٺي آيو آهي تہ ان جي سڀ کان وڌيڪ پذيرائي ڪمزور ۽ مظلوم طبقي جي ماڻهن لبيڪ چئي ڪئي آهي، جنهن جو عمده مثال حضرت بلال، حضرت ياسر ۽ حضرت خبيب رضي الله تعالیٰ عنهم جهڙا شمع رسالت جا پروانا هيا. الله جي بارگاهہ ۾ مال و دولت ۽ عز و جاه جي اهميت ناهي، پر ”اِنَّ اَكْرَمَكُمْ عِنْدَاللّٰهِ اَتْقَاكُمْ“. قوم جي اڪابرين ۽ اثر رسوخ وارن تہ

پنهنجي غرور ۽ تڪبر جي ديوار ڪرندي ڏسي، هميشہ ان جي مخالفت ڪئي آهي ۽ پنهنجي وڏائي ۽ معتبري ڏيکارڻ لاءِ چون ٿا تہ اسان هن تحريڪ ۾ ڪيئن شامل ٿيون، جتي هي پست ۽ گهٽيا ماڻهو شامل آهن، جتي اياز ۽ محمود هڪ صف ۾ نظر اچن. پهريان هنن کي جماعت مان خارج ڪريو تہ پوءِ اسان اچڻ لاءِ سوچي سگهون ٿا. ”لَوْ كَانَ خَيْرًا مَّا سَبَقُوْنَآ اِلَيْهِ“ (الاحقاف: 11/46) جيڪڏهن هي دين سچو هجي ها تہ پوءِ هي خسيس ماڻهو اسان کان اڳتي نہ هجن ها. هنن جي انهي نامناسب روش ۽ رويي لاءِ حضور ڪريم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم جن کي ارشاد رباني ٿيو. هنن مغرور ۽ مدهوش ماڻهن جي ڪري ائين نہ ٿئي جو تون پنهنجي جماعت مان انهن ماڻهن کي پري رکڻ شروع ڪرين، جيڪي خالص الله خاطر تنهنجي هن دعوت کي عام ڪرڻ ۾ صبح و شام سرگردان آهن. (الڪهف: 28/18، عبس: 1/80 کان 5) ان ڪري هنن وڏن ماڻهن کي حمايت ۾ آڻڻ خاطر توکي هنن غريب پر وفاشعار مخلص ۽ جان نثار ساٿين کي پري ڪري ناانصافي ڪرڻ کان بچڻ گهرجي. (الانفال: 8/64-62، هود: 29/11، الڪهف: 28/18، الشعراء: 114/26-111، عبس: 80/1-11) هنن درويشن کي تڙي ڪڍڻ جي بہ هنن وڏيرن ۽ رئيسن جي خواهش هئي. تون هنن ماڻهن جي جيڪي پاڻ کي معتبر ۽ مانائتو سمجهن ٿا نفسياتي ڪيفيت جو جائزو تہ وني ڏس هو ايمان جي نعمت کان خالي هوندي ايمان جي انمول نعمت سان نوازيل ماڻهن کي پنهنجي خود ناهيل طبقاتي نظام جو ڪيئن نشانو بنائي رهيا آهن، حالانڪہ ”اِنَّ اَكْرَمَكُمْ عِنْدَ اللّٰهِ اَتْقٰىكُمْ“ جو اصول انسانيت جو معيار ۽ پرک جو اصل ۽ صحيح معيار آهي. ان معيار کي دائم قائم رکڻ لاءِ الله پاران پنهنجي پياري نبي خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم لاءِ هي ارشاد رباني مذڪور آهي، جيڪو نوع انسان جي انساني معيار ۽ تعمير لاءِ انوکو ۽ انمول اصول آهي.(سبحان الله و بحمده) (الحجرات 13/49) ڇا الله پنهنجن شڪرگذار ٻانهن کي نٿو سڃاڻي. الله انهن جي سچائي ۽ خلوص کان پوريءَ طرح واقف آهي، جن لاءِ پاڻ ڪريمن خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم جو ارشاد مبارڪ آهي: ”اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ جَعَلَ فِيْ اُمَّتِيْ مَنْ اَمَرَنِيْ اَنَا اَبْدَءُهُمْ بِالسَّلَامِ“ الله جو شڪر آهي، جو منهنجي امت ۾ اهڙا نيڪ ٻانها پيدا ڪيا آهن، جن لاءِ مون کي حڪم آهي تہ آءٌ انهن کي پهريان ”السلام عليڪم“ چوان.

وَاِذَا جَآءَكَ الَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِاٰيٰتِنَا فَقُلْ سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ كَتَبَ رَبُّكُمْ عَلٰى
نَفْسِهِ الرَّحْمَةَ ۙ اَنَّهٗ مَنْ عَمِلَ مِنْكُمْ سُوْٓءًۢا بِجَهَالَةٍ ثُمَّ تَابَ مِنْۢ بَعْدِهٖ
وَ اَصْلَحَ ۙ فَاَنَّهٗ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۵۴﴾ وَ كَذٰلِكَ نُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ وَ لِتَسْتَبِيْنَ
سَبِيْلُ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿۵۵﴾ ع

ع ٦ ١٤

جڏهن تو وٽ اهي ماڻهو اچن، جيڪي اسان جي آيتن تي ايمان آڻين تا ته انهن کي چؤ ته اوهان تي سلامتي هجي، اوهان جي رب رحمت جو بي انداز دائمي اجراء پاڻ تي لازم ڪيو آهي ته جيڪڏهن اوهان سان ڪو ناداني ۾ برائي جو ارتڪاب ڪري ٿو ۽ ان ڪان پوءِ توبه ۾ اصلاح ڪري ٿو، بيشڪ الله بخشڻ وارو ۽ مدامي رحمت ۾ مهرباني ڪرڻ وارو آهي. (54) اسان اهڙي طرح پنهنجون آيتون تفصيل سان بيان ڪيون ٿا ته جيئن مجرمن جي راهه (نيڪو ڪارن جي راهه کان بلڪل) نمايان نظر اچي.(55)

ڪافر انهن مسلمانن کي ٽوڪيندا هئا، جن کان ڪفر واري دور ۾ ڪجهه غلطيون سرزد ٿيون هيون ۽ پوءِ اسلام جا پيروڪار ٿي ويا هئا ۽ چوندا هئا ته اوهان جو ماضي ڪيڏو نه داغدار آهي ۽ هاڻي پاڻ کي پارسا تسليم ڪيو ٿا، گويا ٻلي سؤ ڪوئا کائي حج تي هلي آهي. ان ڪري حضور اڪرم خاتم النبيين ﷺ کي چيو ٿو وڃي ته اهي ماڻهو جن اسان جي آيتن تي ايمان آندو آهي، اهي جيڪڏهن تو وٽ اچن ته هنن کي تسلي ڏيو ته اوهان امن ۽ سلامتي جي راهه تي آهيو، ان ڪري ذرا پر نه گهبرايو ۽ ڪافرن جي انهن بي جا طعنن تي ڌيان نه ڌريو. توهان جي پروردگار اوهان جي حفاظت ۽ حمايت لاءِ پنهنجي بيشمار ۽ دائمي رحمت لازم قرار ڏني آهي. (الانعام: 11/6 ۽ 54، الاعراف: 156/7) خدا مهربان جو اهو شيوه آهي ته ڪير به گناهه جو مرتڪب ٿئي ٿو ۽ ان بعد توبه ڪري اصلاح اختيار ڪري ٿو ته اهو

ٻه خدا جي بخشش ۽ رحمت واري نظام مان ڀرپور فائدو حاصل ڪري سگھي ٿو، ان ڪري جيڪڏهن اهل ايمان کان پل چڪ ٻه ٿي وڃي ته تون ان تي سختي نه ڪر، پر الله جو پيغام پهچاءِ ۽ انهن کي بخشش جي بشارت سان تسلي ۽ تسڪين عنايت ڪر، جيڪي ماڻهو غفلت ڇڏي الله تعالىٰ کي ياد ڪن ٿا، پنهنجن گناهن جي بخشش گهرن ٿا ۽ شيطان جي چنبي مان نڪري الله جي حفاظت ۾ اچن ٿا ته الله تعالىٰ انهن جا ڏوهه ۽ گناهه بخشي ڇڏي ٿو. (آل عمران: 3/136-135) تنهنجا اصحاب سڳورا اهو مقدس گروهه آهن، جن جو شب و روز ذڪرِ خداوندي ۾ گذري ٿو. هنن جون دليون نور ۽ ايمان سان لبريز آهن. سندن چهرن مان نور چمڪي رهيو آهي، ان ڪري هو برابر پراڻن ۽ ڦاٽل ڪپڙن ۾ ملبوس آهن، جَوَن جي ماني کائين ٿا، محنت مزدوري ڪن ٿا، پر الله وٽ انهن جو اهڙو مانُ ۽ مرتبو اٿن، جو رسول الله ﷺ کي چيو وڃي ٿو ته جڏهن اهي سامهون اچن ته انهن تي سلام پڙهه (ڪر). اهي اَشعَث وڏي مانَ وارا آهن. رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا عَنْهُ. الله ظاهري ناٽ ٻاٽ نٽو ڏسي، ”اِنَّ اللّٰهَ لَا يَنْظُرُ اِلٰى صُوَرِكُمْ وَاَمْوَالِكُمْ وَلٰكِنْ يَنْظُرُ اِلٰى قُلُوْبِكُمْ وَ اَعْمَالِكُمْ“ (صحيح مسلم) الله اوهان جي صورتن ۽ مال ڏانهن نٽو ڏسي، پر توهان جي دل ۽ اعمال کي ڏسي ٿو. چو ته اسلام آڻڻ کان پوءِ اڳين گناهن ۽ غلطين تي گرفت ڪرڻ الله جي سنت ۽ طريقي ۾ نه آهي. اسان ان ڪري پنهنجي حڪمتن ۽ قانونن کي کولي کولي بيان ڪريون ٿا ته جيئن سهو ۽ خطا سان غلطي ڪرڻ وارن ۽ ديده دليري قانون ٽوڙيندڙ مجرمن ۾ هڪ ٻئي کان فرق ۽ تميز محسوس ڪري سگھجي ۽ اهو ٻه معلوم ٿئي ته گناهه کان پوءِ معافي لاءِ الله ڏانهن رجوع ڪرڻ ۽ اصلاح اختيار ڪرڻ وارن ۽ گناهه تي گناهه لاءِ سندرو ٻڌي بيهندڙن ۽ ان تي سختيءَ سان عمل ڪندڙن درميان فرق چٽو ٿي وڃي. هي ڪافر تنهنجي تبليغ تي چٿرون ڪن ٿا ۽ چون ٿا ته اسان ايمان نٿا آڻيون. هاڻي تون پڇي ان عذاب کي اسان لاءِ آڻي ڇڏ، جنهن کان تون اسان کي ڊيڄارين ٿو. کين چؤ ته جنهن عذاب جي اوهان گهر ڪري رهيا آهيو، اهو الله عزوجل جي دست قدرت ۾ آهي، جڏهن هن انهيءَ جو فيصلو ڪيو ته پوءِ توهان کي تباهه ڪري ڇڏيندو ۽ پوءِ ڪوبه اوهان جي مدد لاءِ نه ايندو.

قُلْ اِنِّیْ نُهِیْتُ اَنْ اَعْبُدَ الَّذِیْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ؕ قُلْ لَّاۤ اَتَّبِعُ
اَهْوَآءَكُمْ ۙ قَدْ ضَلَلْتُ اِذًا وَّمَاۤ اَنَا مِنَ الْمُهْتَدِیْنَ ۝٥٦ قُلْ اِنِّیْ عَلٰی بَیِّنَةٍ
مِّنْ رَّبِّیْ وَكَذَّبْتُمْ بِهٖ ؕ مَا عِنْدِیْ مَا تَسْتَعْجِلُوْنَ بِهٖ ؕ اِنِ الْحُكْمُ اِلَّا لِلّٰهِ ؕ
یَقُصُّ الْحَقَّ وَهُوَ خَیْرُ الْفٰصِلِیْنَ ۝٥٧ قُلْ لَّوْ اَنَّ عِنْدِیْ مَا تَسْتَعْجِلُوْنَ بِهٖ
لَقُضِیَ الْاَمْرُ بَیْنِیْ وَبَیْنَكُمْ ؕ وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِالظّٰلِمِیْنَ ۝٥٨

اي نبي اڪرم خاتم النبيين صلي الله عليه وآله وسلم! تون هنن کي چئو تہ توهان الله کانسواءِ جن کي پڪاريو ٿا، مون کي انهن جي عبادت کان روڪيو ويو آهي. چئو تہ مان توهان جي خواهش جي پيروي ڪو نہ ڪندس. خدانخواستہ جيڪڏهن مون اهو ڪيو تہ پوءِ مان گمراهہ ٿي ويس ۽ هدايت يافتہ ماڻهن مان نہ هوندس. (56) مان پنهنجي الله طرفان هڪ روشن دليل تي قائم آهيان ۽ جنهن کي اوهان ڪوڙ ڇيو آهي، جنهن شيءِ جي اوهان جلدي ڪري رهيا آهيو، اها منهنجي اختيار ۾ ناهي، فيصلي جو سمورو اختيار الله وٽ آهي، اهو ئي حق بيان ڪري ٿو ۽ اهو ئي بهترين فيصلو ڪندڙ آهي. (57) هنن کي چئو تہ جنهن شيءِ جو اوهان مطالبو ڪري رهيا آهيو، اها منهنجي اختيار ۾ هجي ها تہ منهنجي ۽ توهان جي درميان ڪڏهن کو فيصلو ٿي وڃي ها. پر الله کي وڌيڪ معلوم آهي تہ ظالمن سان ڪهڙو معاملو ۽ ڪڏهن ڪيو وڃي. (58)

هنن ڪافرن ۽ منڪرين حق کي چئو تہ توهان خدا کانسواءِ بي جنهن بہ قوت يا هستيءَ کي الله جي جاءِ تي پڪاريو ٿا ۽ انهن جي آڏو سربسجود رهو ٿا، پنهنجو ڪارساز ۽ حمايتي سمجهو ٿا، مون کي هنن سيني جعلي معبودن جي اطاعت ۽ عبادت کان روڪيو

ويو آهي، جيڪڏهن مان اوهان جي آرزوئن ۽ خواهشن کي موٽ ڏيندي اوهان جي طرز حيات اختيار ڪريان ۽ هڪ الله جي اطاعت کي ڇڏي، هر بت آڏو جهڪان ته مان به اوهان وانگر گمراهه ٿي ويندس ۽ اهڙي حالت ۾ وقت ۾ مون کي سڌو رستو نصيب نه ٿي سگهندو. (الڪافرون: 109/ 1 ڪان 6)

وه ایک سجده جسے تو گراں سمجھتا ہے
ہزار سجدوں سے دیتا ہے آدمی کو نجات (اقبال)

توهان کي معلوم هئڻ گهرجي ته وحي الاهي جي روشني ۾ سڌي ۽ چٽي رستي تي آهيان. مان هن صراط مستقيم تي هلڻ جو داعي آهيان ۽ اوهان ان کان انڪاري آهيو پوءِ مون ۽ توهان ۾ مفاهمت ٿي نٿي سگهي، اسان ٻنهي جون راهون الڳ الڳ آهن.

کافر کی یہ پہچان ہے کہ آفاق میں گم ہے
مؤمن کی یہ پہچان کہ گم اس میں ہیں آفاق (اقبال)

*** 

پرواز ہے دونوں کی اسی ایک فضا میں
کرگس کا جہاں اور ہے شاہیں کا جہاں اور (اقبال)

”قُلْ اِنِّيْ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّيْ وَ كَذَّبْتُمْ بِهٖ“ يعني مان پنهنجي پروردگار پاران روشني ۽ دليل تي آهيان. قرآن موجب وحي ۽ نبوت جي راهه دليل ويقين ۽ علم و بصيرت جي راهه آهي ۽ جيڪي ماڻهو منڪر آهن، انهن وٽ شڪ ۽ گمان کان سواءِ ڪجهه به ناهي. آيت 50 ۾ اچي چڪو آهي ته انڌو ۽ بينا (اکين وارو) الله عزوجل وٽ برابر ناهن. يعني هت به راهون آهن، هڪ شڪ ۽ گمان جي، غيريقيني صورت، ٻي راهه آهي يقين ۽ بصيرت جي. هنن وٽ انڪار لاءِ به ڪو ثبوت ناهي ۽ ٻئي پاسي وحي الاهي جي يقين جي راهه آهي، جنهن طرف اوهان کي سڏي رهيو آهيان، پر منهنجي خيرخواهي واري سڏ، يقين ۽ بصيرت واري راهه تي اوهان اچڻ کان انڪاري آهيو. باقي اوهان جو اهو مطالبو ته غلط

راهہ روي جي ڪري اوهان تي خدا جو عذاب جلدي ڇو نٿو نازل ٿئي اهو منهنجي هٿ وس ناهي، اهو اڪيلي الله جي دسترس ۽ قدرت ۾ آهي، جو ان جي ازلي قانون هيٺ رونما ٿئي ٿو. ان مطابق هو فيصلا ڪري ٿو ۽ ان کان وڌيڪ بهتر فيصلي ڪرڻ وارو ڪو بہ ناهي. هنن کي ٻڌاءِ تہ جنهن عذاب جي اوهان گهر ڪري رهيا آهيو ۽ جلدي اچڻ لاءِ شور مچايو اٿو، ان جو واقع هجڻ منهنجي اختيار ۾ ناهي. ان جو علم ۽ اختيار صرف الله کي آهي (العاديات: 100/ 11-10) تہ ڪڏهن ۽ ڪهڙي طرح ان جا خوفناڪ نتيجا ظهور پذير ٿين. منهنجي اختيار ۾ هجي ها تہ منهنجي ۽ توهان جي درميان ان جو فيصلو بہ ڪڏهن ڪو ٿي وڃي ها. الله ظالمن کي چڱي طرح ڄاڻي ٿو.

غيب جو ڪلي، ذاتي، غيرمحدود ۽ قديمي علم الله وٽ آهي، پر هن پنهنجن پيارن رسولن کي ان جي رڳو خبر نہ ڏني آهي، ڇوتہ هو پيشن گوئي ڪندڙ نہ آهن، پر هن کين سندس ضرورت، وقت ۽ حالات مطابق غيب جو علم ڏنو آهي. پاڻ ڪريمن ﷺ سان تہ الله عزوجل جو ليکو ئي ناهي، نبي اڪرم ﷺ جو عطائي، محدود علم غيب آهي.اهو ڪيترو آهي، ان جو انسان اندازو نٿو لڳائي سگهي. قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ رَئَيْتُ رَبِّيْ عَزَّ وَجَلَّ فِيْ اَحْسَنِ صُوْرَةٍ قَالَ فِيْمَ يَخْتَصِمُ الْاَعْلٰى قُلْتُ يَا رَبِّيْ لَا اَدْرِيْ قَالَ فَوَضَعَ يَدَهٗ بَيْنَ كَتِفَيَّ فَوَجَدْتُّ بَرْدَهَا بَيْنَ ثَدَّيَّ فَعَلِمْتُ مَا بَيْنَ الْمَشْرِقِ وَالْمَغْرِبِ (سنن ترمذي) اڄ مون پنهنجي بزرگ ۽ برتر پروردگار جي زيارت تمام حسين ۽ پياري صورت ۾ ڪئي. اللّٰہ تعالیٰ فرمايو تہ فرشتا ڪهڙو بحث ڪري رهيا آهن. مون چيو تہ منهنجا رب! مون کان وڌيڪ تون ڄاڻين ٿو. پوءِ الله تعالیٰ پنهنجو دست مبارڪ منهنجي ٻنهي ڪلهن جي درميان رکيو، جنهن جي ٿڌڪار مون پنهنجي سيني ۾ محسوس ڪئي، پوءِ مو کي مشرق ۽ مغرب ۾ جو ڪجهہ موجود آهي، ان جو علم ٿي ويو. هڪ ٻي جڳهہ تي آهي "فَعَلِمْتُ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ" جو ڪجهہ زمين ۽ آسمانن ۾ اهي، ان جو مون کي علم عطا ٿي ويو. مشڪواة شريف جي شرح "اشعة اللمعات" ۾ حضرت عبدالحق محدث دهلوي رحمة الله عليه هن حديث بابت وضاحت سان ذڪر ڪيو آهي. (وڌيڪ تفصيل لاءِ منهنجو ڪتاب: روائح الريحاني شرح لوائح جامي رحمة الله عليه ۾ حقيقتِ محمدي ﷺ ڏسو)

وَ عِنْدَهٗ مَفَاتِحُ الْغَيْبِ لَا يَعْلَمُهَآ اِلَّا هُوَ ؕ وَ يَعْلَمُ مَا فِي الْبَرِّ وَ الْبَحْرِ ؕ
وَمَا تَسْقُطُ مِنْ وَّرَقَةٍ اِلَّا يَعْلَمُهَا وَلَا حَبَّةٍ فِيْ ظُلُمٰتِ الْاَرْضِ وَلَا
رَطْبٍ وَّلَا يَابِسٍ اِلَّا فِيْ كِتٰبٍ مُّبِيْنٍ ﴿۵۹﴾ وَ هُوَ الَّذِيْ يَتَوَفّٰىكُمْ بِالَّيْلِ
وَ يَعْلَمُ مَا جَرَحْتُمْ بِالنَّهَارِ ثُمَّ يَبْعَثُكُمْ فِيْهِ لِيُقْضٰٓى اَجَلٌ مُّسَمًّى ۚ
ثُمَّ اِلَيْهِ مَرْجِعُكُمْ ثُمَّ يُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿۶۰﴾ ع ۷/۱۴

غيب جا خزانا الله وٽ ئي آهن، جن کي اهوئي ڄاڻي ٿو. (غيب جون ڪنجيون، جنهن سان تمام غيب جا دروازا کلي وڃن، انهيءَ وٽ آهن، جن کي هن کان سواءِ ڪير به نٿو ڄاڻي.) بحر و بر ۾ جو ڪجهه آهي، اهو هن جي علم ۾ آهي. وڻن مان ڪو به پن ناهي، جنهن جو هن کي علم نه هجي ۽ نه وري زمين جي تهن هيٺ اهڙو ڪو داڻو آهي يا ڪوئي خشڪ ۽ آلو نه آهي، جنهن کي هو نٿو ڄاڻي. هي سڀ هن وٽ هڪ کلئي ڪتاب ۾ داخل آهي. (59) هي اهو آهي، جيڪو رات جي وقت (ننڊ مهل) اوهان جا روح قبض ڪري ٿو ۽ جيڪو ڪجهه ڏينهن ۾ ڪار گذاري ڪيو ٿا، الله ان کان به خوب واقف آهي ۽ پوءِ وري انهيءَ حالت ۾ اٿاري ٿو ته جيئن زندگيءَ جي مدت پوري ٿئي. آخرڪار اوهان جي ان ڏانهن واپسي ٿيندي جتي هو اوهان کي ٻڌائڻ فرمائيندو ته اوهان ڇا ڪندا آهيو. (60)

معلوم هئڻ گهرجي ته ماڻهن جي ظاهري ۽ پوشيده اعمال جن جي ڪنهن بني بشر کي خبر ناهي ۽ انهن جي اٽل نتيجن کان خدا وحده لاشريڪ له جي ذات کانسواءِ ڪو به ڄاڻ نٿو رکي. زمين جي بحر و بر ۽ ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڇا ٿي رهيو آهي، هو ان کان آگاهه آهي، هن جو علم بسيط آهي ۽ هر ننڍي وڏي لڪل توڙي ظاهر شيءِ جي ڄاڻ رکي ٿو. ڪک پن، خشڪ تر جو هر علم رکي ٿو. جيڪو هن جي ڪتاب ۾ درج آهي. هو توهان جي ساهه جي رڳ کان به وڌيڪ قريب تر آهي. هي اهوئي رب العالمين ۽ مالڪ يوم الدين

آهي، جيڪو ان ڏينهن اوهان جي سموري حال کان واقف آهي، "اِنَّ رَبَّهُمۡ بِهِمۡ يَوۡمَئِذٍ لَّخَبِيۡرٌ"
(العاديات: 107/ 11-10) خارجي دنيا ۾ وقوع پذير بهار و خزان جي گردش وانگر هن جي
حڪم سان توهان جي رات ڏينهن جي روبڪاري رونما رهي ٿي. رات جي وقت اوهان کي
موت مثل ننڊ سان همڪنار ڪري ٿو (آل عمران: 35/3، السجده: 11/32، الزمر: 42/39) ننڊ
عارضي موت آهي، پر جڏهن روح قبض ٿئي ٿو ته اهو مستقل موت آهي. وڌيڪ تفصيل
ڏسو: مائده: 117/5. ڏينهن جو وري شوق و شغل ۾ اوهان کي مصروف رکي ٿو، اهڙي طرح
وقت جو پايو (ويل يا ڦيٿو) "تِلۡكَ الۡاَيَّامُ نُدَاوِلُهَا" جي صورت ۾ ڦرندو رهي ٿو، تان جو
آخرڪار توهان جي اعمال جا نتيجا ظهور پذير ٿيڻ لڳن ٿا. انهن دوران اوهان جو هر قدم،
ان ڏانهن گامزن آهي ۽ آخرڪار اهو وقت به اچي وڃي ٿو جڏهن توهان جي اعمال جا نتيجا
محسوس صورت ۾ اوهان جي آڏو ظاهر ٿين ٿا. (الزلزال: 99/ 8-7)

وَهُوَ الۡقَاهِرُ فَوۡقَ عِبَادِهٖ وَيُرۡسِلُ عَلَيۡكُمۡ حَفَظَةً ؕ حَتّٰۤى اِذَا جَآءَ اَحَدَكُمُ
الۡمَوۡتُ تَوَفَّتۡهُ رُسُلُنَا وَهُمۡ لَا يُفَرِّطُوۡنَ ﴿۶۱﴾ ثُمَّ رُدُّوۡۤا اِلَى اللّٰهِ مَوۡلٰىهُمُ الۡحَقِّ ؕ
اَلَا لَهُ الۡحُكۡمُ وَهُوَ اَسۡرَعُ الۡحٰسِبِيۡنَ ﴿۶۲﴾ قُلۡ مَنۡ يُّنَجِّيۡكُمۡ مِّنۡ ظُلُمٰتِ
الۡبَرِّ وَالۡبَحۡرِ تَدۡعُوۡنَهٗ تَضَرُّعًا وَّخُفۡيَةً ۚ لَئِنۡ اَنۡجٰىنَا مِنۡ هٰذِهٖ لَنَكُوۡنَنَّ
مِنَ الشّٰكِرِيۡنَ ﴿۶۳﴾ قُلِ اللّٰهُ يُنَجِّيۡكُمۡ مِّنۡهَا وَمِنۡ كُلِّ كَرۡبٍ ثُمَّ اَنۡتُمۡ تُشۡرِكُوۡنَ ﴿۶۴﴾
قُلۡ هُوَ الۡقَادِرُ عَلٰۤى اَنۡ يَّبۡعَثَ عَلَيۡكُمۡ عَذَابًا مِّنۡ فَوۡقِكُمۡ اَوۡ مِنۡ تَحۡتِ
اَرۡجُلِكُمۡ اَوۡ يَلۡبِسَكُمۡ شِيَعًا وَّيُذِيۡقَ بَعۡضَكُمۡ بَاۡسَ بَعۡضٍ ؕ اُنۡظُرۡ كَيۡفَ نُصَرِّفُ
الۡاٰيٰتِ لَعَلَّهُمۡ يَفۡقَهُوۡنَ ﴿۶۵﴾

هو پنهنجي جي قدرت سان اوهان تي پوري طرح غالب آهي، اوهان تي پنهنجا
نگران مقرر ڪري ٿو، تان جو اوهان جي موت جو وقت اچي وڃي ٿو ته اسان جي

طرف کان موکليل فرشتا هن جو روح قبض ڪري وٺن ٿا ۽ هو ان ڪم ۾ ڪا ٻہ ڪوتاهي نٿا ڪن.(61) پوءِ هو سڀ جا سڀ پنهنجي حقيقي مولیٰ طرف موٽايا وڃن ٿا. فيصلي جا سارا اختيار هن جي هٿ ۾ آهن ۽ هو نهايت سرعت ۽ تيزيءَ سان حساب ڪتاب ڪرڻ وارو آهي. (62) هنن کان پڇو تہ بحر و بر جي انڌيرن ۾ توهان کي ڪير نجات ڏئي ٿو، جڏهن اوهان هن کي عجز وزاري سان ۽ لڪي لڪي پڪاريو ٿا تہ جيڪڏهن اسان کي هن مصيبت کان بچايو ويو تہ اسان ضرور شڪرگذار ٻانها ٿي رهنداسون. (63) هنن کي چؤ تہ هن ۽ ٻي هر مصيبت کان الله ئي اوهان کي نجات ڏئي ٿو، پر ان کان پوءِ وري اوهان شرڪ ڪرڻ لڳو ٿا. (64) هنن کي چؤ تہ هو پوري طرح قدرت رکي ٿو تہ اوهان تي ڪو ئي عذاب موڪلي جيڪو اوهان تي مٿان (آسمان مان) ڪڙڪي يا توهان جي هيٺان (زمين مان) اوهان ماڻهن جي مٿئين طبقي کان هجي يا هيٺئين طبقي کان يا انهي طبقاتي جنگ ۾ ڪنهن کي ڪنهن سان لڙائي رکي ۽ هڪ ٻئي جي زيادتي ۽ زور جو مزو چکائي، ڏسو ڪهڙي طرح مختلف انداز ۾ اسان پنهنجون آيتون پيش ڪيون ٿا تہ جيئن هو سمجهي سگهن.(65)

خداوند پنهنجي قانون مڪافات سان ساري نوع انسان تي غالب آهي، جنهن جو مقابلو ممڪن ناهي. انسان کي شتر بي مهار نہ ڇڏيو ويو آهي، پر هن جي روزمره جي ڪارگذاري تي نظر رکڻ لاءِ الله طرفان غيبي قوتون مقرر ڪيون ويون آهن، جيڪي هن جي نگراني ڪن ٿيون ۽ اعمال نامي ۾ لکن ٿيون تہ جيئن توهان جو ڪو عمل بي نتيجه نہ رهجي وڃي ۽ يوم حساب وقت فرمانبردار ۽ نافرمان جو تعين ٿئي. لازمي نہ آهي تہ نتيجا هن دنياوي زندگي ۾ وقوع پذير ٿين، زندگيءَ جو ڪاروان جاري ساري رهي ٿو ۽ جڏهن هن جي موت جو وقت اچي ٿو تہ الله جي مقرر قانون مطابق الله طرفان مقرر ڪيل فرشا هن جي هن دنياوي زندگي کي پورو ڪن ٿا ۽ ان ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪمي پيشي نٿي ٿئي. ياد رهي تہ هن آيت ۾ ٽن فرشتن جو ذڪر آهي: هڪڙا اعمالنامو لکڻ وارا، ٻيا

حفاظت ڪرڻ وارا ۽ ٽيان وفات ڪرائڻ وارا.

قرآن مجيد ۾ ٽن جاين تي آيو آهي: (1) ”تَوَفَّتۡهُ رُسُلُنَا“ (الانعام: 61/6) هن ڪي اسان جا فرشتا مارين ٿا. (2) ”يَتَوَفّٰىكُمۡ مَّلَكُ الۡمَوۡتِ الَّذِىۡ وُكِّلَ بِكُمۡ“ (السجده: 11/32) اوهان جو ملڪ الموت ساهہ ڪڍي ٿو، جنهن کي اوهان لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي. (3) ”اَللّٰهُ يَتَوَفَّى الۡاَنۡفُسَ“ (الزمر: 42/39) الله جان واري جو ساهہ ڪڍي ٿو. هنن ٽنهي جاين جو هڪ مفهوم آهي تہ موت الله طرفان مقرر آهي. يعني الله کي معلوم اهي تہ هن جو موت ڪهڙيءَ طرح، ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿيندو. جيڪو الله جي قانونِ مشيت موجب ٿيندو، پر ان عمل لاءِ ملڪ الموت مقرر آهي، جيڪو الله جي قانون مشيت جي ادائگيءَ ۾ پورو ڪندو. (تفسير قرطبي/ تفسير مظهري) هن ڪان پوءِ زندگي جو ٻيو مرحلو شروع ٿئي ٿو، جنهن ۾ سڀ جا سڀ پنهنجي حقيقي موليٰ ۽ آقا طرف واپس آندا ٿا وڃن، جتي انساني اعمال جا نتيجا نوس حقيقت بڻجي ظاهر ٿين ٿا. اتي صرف ان جو حڪم هلندو ۽ انسانن جي اعمال جي نتيجن ظاهر ڪرڻ ۾ احڪم الحاڪيمن ۽ مالڪ يوم الدين کي ڪا تاخير نہ ٿيندي. جلد بنا دير ظاهر ٿيندا، جنهن مطابق نيڪ اعمالن جا روح ستين آسمان تائين فرشتا کڻي وڃن ٿا. هر آسمان جا فرشتا در کولي، انهن کي ”مرحبا“ چون ٿا ۽ الله جي حڪم سان ان روح کي ”عِلِّيِّين“ ۾ شمار ڪري واپس زمين تي وٺي وڃو، ان بعد بداعمال ماڻهن جا روح فرشتا ڪڍي آسمان ڏانهن کڻي وڃن ٿا، پر انهن لاءِ آسمان جا دروازا نٿا کلن ۽ الله جي حڪم سان انهن کي ”سِجّين“ ۾ نهايت پرانهين هنڌ اڇلايو وڃي ٿو. (تفسير مظهري) هن بعد نبي اڪرم خاتم النبيين ﷺ جن هيءَ آيت پڙهي: ”وَمَنۡ يُّشۡرِكۡ بِاللّٰهِ فَكَاَنَّمَا خَرَّ مِنَ السَّمَآءِ فَتَخۡطَفُهُ الطَّيۡرُ اَوۡ تَهۡوِىۡ بِهِ الرِّيۡحُ فِىۡ مَكَانٍ سَحِيۡقٍ ○“ (الحج: 31/22) جيڪو الله سان شرڪ ڪري ٿو، اهو ائين آهي، جيئن ڪو آسمان طرفان هيٺ ڪري ۽ پوءِ ان کي پکي جهٽي وٺن يا ڪين هوا ڪنهن خراب هنڌ تي اڇلائي.

هت قرآن هر رات جي ننڊ کي موت ۽ هر صبح جو اٿڻ کي ”بعث“ سان تعبير ڪيو آهي. جهڙي طرح سمهڻ ۽ جاڳڻ آهي، اهڙي طرح مرڻ ۽ وري اٿڻ آهي. خدا اوهان جي سمهڻ واري اعمال کان جهڙيءَ طرح واقف آهي، اهڙيءَ طرح اوهان جي موت واري ننڊ جي دوران اوهان جي اعمال کان غافل نہ هوندو. هت الله لاءِ اَسۡرَعُ الۡحَاسِبِيۡنَ يعني جلد

حساب ڪرڻ وارو آيو آهي (المؤمن: 17/40) ۾ آيت 58 ۾ اِنِ الۡحُكۡمُ اِلَّا لِلّٰهِ يعني فيصلي جو اختيار الله کي آهي ۽ انهي ساڳي مفهوم ۾ آهي. اهوئي مالڪ يوم الدين آهي. ”لِمَنِ الۡمُلۡكُ الۡيَوۡمَ ؕ لِلّٰهِ الۡوَاحِدِ الۡقَهَّارِ ۝“ (المؤمن: 16/40) جڏهن الله ذوالجلال پڇندو ته اڄ ڪنهن جي بادشاهي يا حڪمراني آهي ته جواب ڏيندا هڪ الله القهار جي بادشاهي آهي. جڏهن اوهان سمنڊ يا دريا جي وچ ۾ هوندا آهيو ۽ اوچتو اوهان ڪنهن مشڪلات ۽ مصيبت ۾ مبتلا ٿي وڃو ته ان وقت اوهان پنهنجي جعلي ديوتائن کي وساري، هڪ الله ڏانهن متوجه ٿيو ٿا ۽ عاجزي انڪساري سان روئي رڙي، ان کان نجات لاءِ مدد گهرو ٿا ۽ الله سان عهد ڪريو ٿا ته اسان کي اڄ هن مصيبت کان نجات ڏيار ته اسان موحد ٻانها ٿي رهنداسون ۽ انهيءَ نعمت جا شڪرگذار ٿينداسون. اوهان جي هن روش تي ماتم ڪجي يا تعجب ته توهان کي مصيبت ۾ ته الله وحده ياد اچي ٿو، مگر زندگيءَ جي پرسڪون حالتن ۾ اوهان خدا جا شريڪ ناهي انهن جي اطاعت ڪريو ٿا ۽ اهڙي طرح پنهنجي غلط روش سبب پاڻ لاءِ عذاب پيدا ڪيو ٿا. جڏهن اجتماعي طور ڪنهن قوم جون غلطيون ۽ زيادتيون حد کان ٽپي وينديون آهن ۽ زمين تي هر طرف فساد ئي فساد نظر ايندو آهي ۽ سوسائٽيءَ جي هر طبقي ۾ خرابيون رونما ٿينديون آهن ته پوءِ اهو معاشرو طبقاتي ۽ خانہ جنگيءَ جو شڪار ٿي ويندو آهي. (النحل: 45/16 کان 47) پوري قوم ۾ تباهي ۽ بربادي آٽيندو آهي. هن مان معلوم ٿيو ته قوم جي مختلف طبقن جو هڪ ٻئي خلاف محاذ ڪڙو ڪرڻ به عذاب الاهي آهي. اهڙي طرح الله جو عذاب هنن کي گهيري وٺندو آهي ۽ تباهہ ٿي ويندا آهن.(الانعام: 10/6) غور ڪريو ته ڪهڙي طرح هر انداز سان اسان پنهنجون آيتون پيش ڪيون ٿا ته هو حقيقت کان آگاهہ ٿي وڃن. ”عَذَابًا مِّنۡ فَوۡقِكُمۡ“ يعني مٿان لڳاتار بارش، هوا يا پٿرن جو عذاب وغيره مراد آهي ۽ ”تَحۡتِ اَرۡجُلِكُمۡ“ مان زميني عذاب، زلزلا، سيلاب، قحط ۽ مڪڙن جا حملا هجن يا ماڻهو خيانت وارا ٿي وڃن، چوري، ڌاڙا، قتل عام ٿي وڃن، هر طرف فساد ئي فساد هجي ته عذاب جو اهو هيٺئين عذاب وارو طريقو به آهي ۽ اهو مڪافات عمل جو حصو آهي، جيڪو هر حال ۾ وقوع پذير ٿيڻو آهي. ”فَلَنۡ تَجِدَ لِسُنَّتِ اللّٰهِ تَبۡدِيۡلًا ۚ وَلَنۡ تَجِدَ لِسُنَّتِ اللّٰهِ تَحۡوِيۡلًا ۝“ (فاطر: 43/35) يا ”تَحۡتِ اَرۡجُلِكُمۡ“ مان مراد ملازم ۽ مزدور طبقو آهي ۽ ”عَذَابًا مِّنۡ فَوۡقِكُمۡ“ مان مراد صاحب اقتدار ۽ طاقتور وڏا ماڻهو مراد آهن، يعني هيٺان مٿان

ڏرتي ٿامو ٿي وڃي. ملازم، مزدور، غريب ۽ مسڪين بہ احتساب ڪن ۽ اقتدار ۽ اختيار وارا بہ ظلم ۽ زيادتيون ڪن.

وَ كَذَّبَ بِهٖ قَوْمُكَ وَهُوَ الْحَقُّ ؕ قُلْ لَّسْتُ عَلَيْكُمْ بِوَكِيْلٍ ؕ﴿٦٦﴾ لِكُلِّ نَبَاٍ
مُّسْتَقَرٌّ ز وَّسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ﴿٦٧﴾ وَ اِذَا رَاَيْتَ الَّذِيْنَ يَخُوْضُوْنَ فِيْۤ اٰيٰتِنَا فَاَعْرِضْ
عَنْهُمْ حَتّٰى يَخُوْضُوْا فِيْ حَدِيْثٍ غَيْرِهٖ ؕ وَ اِمَّا يُنْسِيَنَّكَ الشَّيْطٰنُ فَلَا تَقْعُدْ
بَعْدَ الذِّكْرٰى مَعَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٦٨﴾

**۽ اي نبي خاتم النبيين صلي الله تعاليٰ عليه وآله! تنهنجي قوم اسان جي هن وعدي کي ڪوڙو سمجهيو حالانڪ اهو بلڪل حق آهي. هنن کي چؤ تہ مان توهان تي ڪو دارغو مقرر نہ ڪيو ويو آهيان، جو توهان جي ديناداريءَ جو ذميدار هجان.(66) هر ڳالهہ لاءِ هڪ وقت مقرر آهي ۽ عنقريب اوهان کي معلوم ٿي ويندو. (67) ۽ جيڪڏهن ڏسو تہ ماڻهو اسان جي آيتن تي بي معنيٰ بحث ڪري نڪتہ چيني ڪري رهيا آهن تہ انهن کان ڪناره ڪش ٿي وڃو. جيستائين هو ڪنهن ٻئي بحث ۾ مشغول ٿي وڃن، پر جيڪڏهن تو کي شيطان ويسر ڪرائي ٿو تہ پوءِ جڏهن توکي ياد اچي تہ پوءِ اهڙن ظالمن جي مجلس ڇڏي ڏي.(68)**

جيڪڏهن تنهنجي قوم انهيءَ دل ڪشا انداز بيان تي جيڪو آيات قرآني کي بار بار نئين رنگ ۾ پيش ڪرڻ سان ڪيو ٿو وڃي، جيڪو نهايت آسان ۽ عام فهم زبان ۾ آهي، ان تي غور ڪرڻ بدران ان جي تڪذيب ڪري ٿي، حالانڪ ڪين خبر آهي تہ هي سراپا حق آهي، تون هنن کي سندن حال تي ڇڏي ڏي ۽ ڪين صاف صاف ٻڌاءِ تہ مان اوهان جي ڪرتوتن جو ذميوار يا وڪيل ناهيان، پر منهنجو ڪم صرف دعوت ۽ تبليغ آهي. ”فَمَنْ شَآءَ فَلْيُؤْمِنْ وَّمَنْ شَآءَ فَلْيَكْفُرْ“ (الڪهف: 29/18) پوءِ جيڪو گهري تہ ايمان آڻي ۽ جيڪو گهري تہ ڪفر ڪري، ڪيس اختيار آهي. اوهان کي معلوم هئڻ گهرجي تہ اوهان جو ڪجهہ

ڪري رهيا آهيو، ان جو نتيجو پنهنجي مقرر وقت تي نڪرندو. اوهان جي خواهش سان ان جو ڪو تعلق ناهي، هر واقعي جو نتيجو ظاهر ڪرڻ جو هڪ وقت آهي، هوندو ائين آهي ته هو آهستي آهستي وڌندو رهندو آهي ۽ ماڻهو سمجهندا آهن ته ڪجهه به ڪو نه ٿو ٿئي پر هڪ هنڌ تي پهچي نتيجه خيز ٿيندو آهي، جنهن جو اوهان کي جلد علم ٿي ويندو.

وقت کرتا ہے پرورش برسوں حادثہ ایک دم نہیں ہوتا

معاشري ۾ اهڙا به بدبخت ماڻهو آهن، جيڪي آيت الاهي سنجيدگي سان ڪو نه ٻڌندا آهن، پر اهي قرآن جي تعليم جو مذاق ڪندا آهن، جيستائين اهي بدبخت پنهنجن لغو ۽ بيڪار تبصرن ۽ بحث ۾ رڌل آهن، توڪي انهن کان ڪناره ڪشي ڪرڻ گهرجي ۽ جڏهن هو انهيءَ بي هوده بحث کي بند ڪري ڪو نئون موضوع نٿا ڇيڙين، تيستائين تنهنجو هنن جي مجلس ۾ هجڻ ممنوع آهي. انسان تي صحبت جو اثر به ٿيندو آهي. مسلمانن کي اهڙي غليظ صحبت کان روڪيو ويو آهي، جت الله جي آيتن ۽ رسول الله ﷺ جي هدايتن جو مذاق ڪيو وڃي يا خواه مخواهه بحث ڪيو وڃي.

صحبت صالح ترا صالح کند صحبت طالح ترا طالح کند

(شيخ سعدي رحمة الله عليه)

نيڪن جي صحبت نيڪ ۽ برن جي صحبت برو ڪندي آهي.

کند ہم جنس با ہم جنس پرواز کبوتر با کبوتر باز با باز

هم جنس، هم جنس سان گڏ هوندو آهي، ڪبوتر ڪبوتر سان، باز باز سان.

جو ته هو قرآن جهڙي زندهه حقيقت تي بدزباني ڪن ۽ بي هوده زبان استعمال ڪن ٿا ته سندن اهڙو رويو، زيادتي قابل مذمت آهي. هن آيت ۾ بظاهر نهايت اهم ۽ تاڪيدي حڪم حضور اڪرم ﷺ جن کي ڪيو ويو آهي، پر مراد هن مان مؤمنين جي جماعت کي خطاب آهي. اهو ساڳيو حڪم النساءِ: 140/4 ۾ وضاحت سان آيو آهي، جتي خدا جي آيتن ۽ رسول الله ﷺ تي، سندن احاديث ۽ اقوال مبارڪن تي فضول نڪته چيني ڪئي ويندي، انهن کي مذاق بڻايو ويندو ته اها جاءِ ۽ اهي ماڻهو عذاب الاهي ۾ مبتلا ٿي ويندا، ان ڪري مؤمنن کي چيو ويو ته اهڙي وقت مجلسن مان ٻاهر هليا وڃو.

وَمَا عَلَى الَّذِيْنَ يَتَّقُوْنَ مِنْ حِسَابِهِمْ مِّنْ شَیْءٍ وَّلٰكِنْ ذِكْرٰی لَعَلَّهُمْ يَتَّقُوْنَ ﴿٦٩﴾
وَذَرِ الَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا دِيْنَهُمْ لَعِبًا وَّلَهْوًا وَّغَرَّتْهُمُ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا وَ ذَكِّرْ
بِهٖۤ اَنْ تُبْسَلَ نَفْسٌۢ بِمَا كَسَبَتْ ۖۗ لَيْسَ لَهَا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَلِیٌّ وَّلَا شَفِيْعٌ ۚ
وَاِنْ تَعْدِلْ كُلَّ عَدْلٍ لَّا يُؤْخَذْ مِنْهَا ؕ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ اُبْسِلُوْا بِمَا كَسَبُوْا ۚ
ع لَهُمْ شَرَابٌ مِّنْ حَمِيْمٍ وَّعَذَابٌ اَلِيْمٌۢ بِمَا كَانُوْا يَكْفُرُوْنَ ﴿٧٠﴾ قُلْ اَنَدْعُوْا
مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَنْفَعُنَا وَلَا يَضُرُّنَا وَ نُرَدُّ عَلٰۤی اَعْقَابِنَا بَعْدَ اِذْ
هَدٰىنَا اللّٰهُ كَالَّذِی اسْتَهْوَتْهُ الشَّيٰطِيْنُ فِی الْاَرْضِ حَيْرَانَ ۪ لَهٗۤ اَصْحٰبٌ
يَّدْعُوْنَهٗۤ اِلَی الْهُدَی ائْتِنَا ؕ قُلْ اِنَّ هُدَی اللّٰهِ هُوَ الْهُدٰی ؕ وَ اُمِرْنَا
لِنُسْلِمَ لِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٧١﴾ وَ اَنْ اَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَ اتَّقُوْهُ ؕ وَ هُوَ الَّذِیْۤ
اِلَيْهِ تُحْشَرُوْنَ ﴿٧٢﴾

۽ يقينًا جيڪي ماڻهو تقويٰ جو طريقو اختيار ڪرڻ گهرن ٿا، انهن تي هنن
گمراهه ماڻهن جي حساب جي ڪا ذميداري نه آهي، البته کين ياد دهاني ڪرائڻ
هنن جو فرض آهي ته جيئن هي به خوف خدا ڪرڻ وارا ٿي وڃن ۽ تقويٰ اختيار
ڪن. (69) جن ماڻهن پنهنجي دين کي کيل تماشو (راند روند) بڻايو آهي ۽ جن
کي دنيا جي زندگيءَ ڌوکي ۾ وڌو آهي، انهن کي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏي.
انهن لاءِ پنهنجي زندگي زهر نه ڪر، البته هن قرآن جي ذريعي کين ياد دهاني
جاري رکو ته جيئن ڪو شخص پنهنجن ڪڌن ڪرتوتن جي ڪري هلاڪت جي
حوالي نه ٿي وڃي. اهڙي وقت جڏهن الله کان سواءِ (الله وٽ) ڪو به هن جو

حامي ۽ مددگار نہ هجي ۽ نہ سفارش ڪرڻ وارو ليي ۽ پلي هو هر قسم جو
معاوضو بہ ڏئي تہ ان ڪان قبول نہ ڪيو وڃي. اهي ماڻهو آهن، جيڪي پنهنجن
ڪرتوتن جي سزا ۾ هلاڪت حوالي ڪيا ويندا. جنهن ڪفر جو ارتڪاب ڪندا
رهيا آهن، ان جي سزا لاءِ ٻڙڪندڙ پاڻي ۽ هڪ وڏو دردناڪ عذاب آهي. (70)
هنن ڪان پڇو تہ ڇا اسان الله ڪانسواءِ انهن کي پنهنجي مدعا پيش ڪريون
جيڪي اسان کي نہ نفعو ڏئي سگهن ۽ نہ نقصان ۽ اسان کي الله جي طرفان
هدايت حاصل ٿي آهي، ڇا ان کي ڇڏي ابتي پيرين هليا وڃون. بلڪل ان
شخص وانگر جنهن کي شيطان وائڙو ڪري ڇڏيو ۽ بيابانن ۾ حيران ۽ پريشان
ڇڏي ڏنو، حالانڪہ هن جا ساٿي هن کي هدايت طرف سڏي رهيا هجن ۽ چون تہ
اسان ڏي هليو اچ، تون هنن کي ٻڌائي ڇڏ تہ الله جي هدايت ئي اصل هدايت
آهي ۽ اسان کي حڪم ڏنو ويو آهي، اسان پنهنجي پاڻ کي جهانن جي
پروردگار حوالي ڪري ڇڏيون.(71) اسان کي حڪم ڏنو ويو آهي تہ اقامت
صلواة جو پورو پورو اهتمام ڪريون ۽ الله جي نافرماني ڪري سندس گرفت
ڪان ڊڄندا رهون. ياد رکو جڏهن آخرڪار اوهان سڀ ان جي حضور هڪ مجرم
جي حيثيت ۾ پيش ڪيا ويندا.(72)

جيڪي بي هوده ۽ لغو بحث مباحثا هو (ڪافر ماڻهو) قرآني آيتن بابت ڪري رهيا آهن، انهيءَ جا هو پاڻ ذميدار آهن، پر مؤمنن کي اهڙي وقت ان مجلس ۾ شريڪ رهڻ ڪان روڪيو ويو آهي. پوءِ جيڪي مؤمن پاڻ کي ان صحبت ڪان بچائي رکندا ۽ ان مجلس ۾ ويهڻ بدران اٿيا هليا ويندا ۽ پاڻ کي پري رکندا تہ اهڙن خوف خدا ڪندڙ نيڪوڪارن تي هنن بدڪارن تي نازل ٿيندڙ وبال نہ پوندو ۽ نہ وري ڪو محاسبو يا مؤاخذو ٿيندو. هو پنهنجي برائيءَ جا خود ذميدار هوندا. "وَلَا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزْرَ اُخْرٰی" ڪير بہ ڪنهن ٻئي جو بار ڪونہ کڻندو. "مِنْ حِسَابِهِمْ" مان بہ اهو مراد آهي تہ جيڪي ماڻهو اهڙي استهزاء، مذاق

۽ ٺٺولي واري لغو ۽ بيهوده مجلس کان پاڻ کي بچائي رکندا ته اهڙن نيڪوڪارن تي اهو عذاب نه ايندو ۽ کائنئن مؤاخذو به نه ڪيو ويندو، جيڪو هنن بدبخت ٽولي مٿان ٿيندو. اها عليحدگي رڳو ان وقت لاءِ آهي، جڏهن هو لغو ۽ بيهوده گفتو ڪري رهيا هجن، پر اهڙي اجتناب ۽ علحدگيءَ جي باوجود وعظ و نصيحت ۽ امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر جو فريضو حتي المقدور ادا ڪندا رهندا ته جيئن اهو گمراهه ٽولو هدايت تي اچي وڃي، پر اهڙن ماڻهن کان بلڪل ڪناره ڪش ضرور رهن، جن ماڻهن دين کي کيل تماشو بنائي رکيو آهي ۽ جن دنيا جي زندگي، چمڪ ڏمڪ ۽ رنگينين کي انهيءَ ڌوکي ۾ رکيو آهي ته بس اهائي زندگي آهي، جتي عيش و عشرت جا ڏينهن گذارڻا آهن، باقي آخرت جون ڳالهيون حساب ڪتاب ۽ خوف خطرا سڀ فضول آهن. (اي پيغمبر خاتم النبيين ﷺ!) تون هنن عصيان ۽ گمراهيءَ ۾ مبتلا مريضن جو علاج قرآن حڪيم جي ذريعي ئي ڪري سگهين ٿو، ورنه هي پنهنجي ڪردار جي سبب اهڙيءَ طرح نه قاسي وڃن، جو ڪين عذاب الاهي کان بچائڻ لاءِ الله کان سواءِ ڪوبه هنن جو مددگار ۽ سفارشي نه هجي. پلي هو دنيا جي دولت ۽ خزانا عذاب جي بدلي ڏين، ته اهو قبول نه ڪيو ويندو. هنن ڪافرن جي پيئڻ لاءِ ٽهڪندڙ پاڻي ڪين پياريو ويندو ۽ ان سان گڏ دردناڪ عذاب ۾ رهڻو پوندو، نه هنن جو فديو قبول ڪبو، نه سفارش ٻڌي ويندي ۽ نه ڪوئي مدد جو هٿ ونڌائيندو. (البقره: 2/48-23، طٰهٰ: 109/20، الانبياء: 39/21 کان 41، لقمان: 33/31، فاطر: 18/35، الحاقه: 35/69 کان 37، عبس: 80/36-34)

اي پيغمبرِ حق (عليه التحيّة والسلام) تون هنن کان معلوم ڪر ته ڇا اوهان اهو گهرو ٿا ته اسان هڪ الله کي ڇڏي، انهن مورتين ۽ ديوين، ديوتائن کي پڪاريون، پنهنجي مصيبت ۽ مشڪلات لاءِ مدد گهرون، جيڪي اسان کان به وڌيڪ بي بس آهن ۽ هو پنهنجي حفاظت به ڪري نٿا سگهن ته اهي ٻين جي ڪهڙي مدد ڪندا. اهي پاڻ عاجز ۽ بي حس، بي بس مخلوق آهن. اهي اسان کي نه فائدو پهچائي سگهن ٿا، نه نقصان. حالانڪ هنن جي مقابلي ۾ اسان جو الله ذوالجلال اسان کي سڌي راهه ڏيکاري چڪو آهي، جنهن تي اسان گامزن آهيون، پر جيڪڏهن اسان هن هدايت واري راهه کي ڇڏي ۽ هن روشنيءَ واري رستي کان هٽي، ابتا پير اختيار ڪريون، سڌي راهه ۽ روشن رستو ڇڏي، انڌيرن ۽ بيابانن ۾ ان شخص جهڙا ٿي وڃون، جنهن کي شيطان بيابان ۾ گم ڪري ڇڏيو

هجي، حيران ۽ پريشان ڦري رهيو هجي، نہ منزل جي خبر اٿس، نہ وري ڪو رهنمائيءَ لاءِ سنگِ ميل وغيره نظر ۾ اٿس ۽ هن جا همدرد ۽ ساٿي هن کي آواز تي آواز ڏئي رهيا آهن تہ تون ڪيڏانهن پيو وڃين، اهو گمراهي ۽ تباهيءَ جو رستو آهي، ان کي ڇڏي، اسان ڏانهن حق، سچائي ۽ هدايت واري رستي تي اچ. اي منهنجا پيارا رسول خاتم النبيين ﷺ! هنن گمراهہ ماڻهن کي چئو تہ انهن لاءِ اصلي هدايت ۽ حقيقي هدايت واري راهہ جيڪا حق ۽ سچ جي پانديئرن لاءِ موجود آهي، ان راهہ کي اختيار ڪريو. گمراهيءَ جي اونداهين مان نڪري، روشنيءَ ۾ اچو. اسان کي بہ اهو حڪم آهي تہ رب العالمين يعني تمام جهانن جي پروردگار جي آڏو اطاعت جي پيشاني جهڪائي رکون.

ياد رکو تہ مؤمن هميشہ وحي ۽ نبوت جي هدايت ۽ علم و يقين جي روشني پنهنجي رهبريءَ لاءِ اختيار ڪندو آهي، ان ڪري هو فلاح ۽ سعادت جي راهہ کان ڀٽڪي نٿو وڃي، پر حق جي انڪاريءَ لاءِ ڪا اهڙي روشني ناهي. هو ابن ڏاڏن جي غلط روش ۽ رسمن تي هلي، گمراهين جي غار ۾ ڪري پوي ٿو، ان جو حال بہ ان حيران پريشان بيابان ۾ ڀٽڪندڙ شخص جهڙو آهي. ايمان ۽ ڪفر جي سمجهڻ لاءِ هن مثال مان صحيح راهہ جو انتخاب ڪريو ۽ غور ڪريو. جيترو غور ڪندا، اوترو حقيقت جي وضاحت ٿيندي ويندي. نبي جو ڪم تبليغ ڪرڻ يعني الله جو پيغام عوام تائين پهچائڻ آهي. هدايت الله تعالىٰ جي هٿ وس آهي. "اِنۡ تَحۡرِصۡ عَلٰى هُدٰٮهُمۡ فَاِنَّ اللّٰهَ لَا يَهۡدِىۡ مَنۡ يُّضِلُّ وَمَا لَهُمۡ مِّنۡ نّٰصِرِيۡنَ ○" (النحل: 37/16) جيڪڏهن تون هنن جي هدايت جي خواهش رکين ٿو تہ اصل هدايت الله تعالىٰ جي قانونِ مشيت جي هٿ وس آهي. الله تعالىٰ ان کي هدايت نٿو ڏئي، جنهن کي سندس قانون مشيت گمراهہ ظاهر ڪيو آهي. هدايت حاصل ڪرڻ ۽ ان تي قائم رهڻ لاءِ نماز جي پابنديءَ جو حڪم آهي، جنهن سان نماز جي اهميت ظاهر آهي. ان بعد تقوىٰ جو حڪم آهي. يعني نهايت عجز ونيزاري ۽ حضورِ دل سان الله تعالىٰ آڏو پيش ٿيڻ. "وَاِنَّهَا لَكَبِيۡرَةٌ اِلَّا عَلَى الۡخٰشِعِيۡنَ ○" (البقره: 45/2) يقينًا نماز ڀاري آهي، مگر خشوع ۽ خضوع ڪندڙن لاءِ ڀاري ناهي. منافق ۽ مؤمن جي درميان نماز جو فرق آهي. عجز و نياز ۽ حضورِ قلب واري نماز ۽ نمازِ ڪُسالىٰ يعني نماز ۾ ٺونگا هڻن ۾ وڏو فرق آهي. ڀهرين نماز کي ڀاري يعني وڏي ذميداري واري سڏيو ويو آهي ۽ ٻئي نماز کي ٺونگا هڻڻ،

سستي، ڪاهلي ۽ دل ڀڳي واري نماز ڇيو ويو آهي.

ياد رهي ته هيءَ دنيا ڪيل تماشو نه آهي ۽ نه وري زمين آسمان کي هڪ رانديڪو سمجهي بنايو ويو آهي، پر هي سارو نظام حڪمت ۽ افاديت تي مبني آهي. ”رَبَّنَا مَا خَلَقۡتَ هٰذَا بَاطِلًا“ (آل عمران: 191/3) اي اسان جا رب! تو هي سڀ ڪجهه فضول پيدا نه ڪيو آهي. ”وَمَا خَلَقۡنَا السَّمَآءَ وَالۡاَرۡضَ وَمَا بَيۡنَهُمَا لٰعِبِيۡنَ ۝“ (الانبياء: 16/21) اسان آسمان ۽ زمين ۽ انهن جي درميان اشياءِ عالم کي ڪيل تماشي طور پيدا نه ڪيو آهي. ”اَفَحَسِبۡتُمۡ اَنَّمَا خَلَقۡنٰكُمۡ عَبَثًا وَّاَنَّكُمۡ اِلَيۡنَا لَا تُرۡجَعُوۡنَ ۝“ (المؤمنون: 115/23) ڇا توهان ائين سمجهو ٿا ته اسان توهان کي فضول پيدا ڪيو آهي ۽ توهان اسان ڏانهن واپس نه آندا ويندؤ. مطلب ته هن ڪائنات جو نظام، حق ۽ نوس بنيادن تي قائم آهي. عدل ۽ انصاف، حق ۽ سچائيءَ جي قانون تي هر شيءِ مبني آهي. باطل ان جي مقابلي ۾ اڃي تباهه ٿي ويندو. ”جَآءَ الۡحَقُّ وَزَهَقَ الۡبَاطِلُ ؕ اِنَّ الۡبَاطِلَ كَانَ زَهُوۡقًا ۝۸۱“ (بني اسرائيل: 81/17) حق آيو ته باطل ختم ٿي ويو ۽ باطل آهي ئي ختم ٿيڻ لاءِ. ان ڪري اهڙي قدرت ۽ طاقت واري الله آڏو سجده ريز ٿيو. نماز پابنديءَ سان قائم ڪيو ۽ پنهنجي زندگي خدا جي قانون مطابق گذاري، پاڻ کي جهنم جي عذاب کان بچايو. هڪ ڏينهن آخرڪار توهان کي ان الله جل شانه جي حضور ۾ پيش ٿيڻو آهي.

الثلثة

وَ هُوَ الَّذِيۡ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضَ بِالۡحَقِّ ؕ وَيَوۡمَ يَقُوۡلُ كُنۡ فَيَكُوۡنُ ؕ۬
قَوۡلُهُ الۡحَقُّ ؕ وَلَهُ الۡمُلۡكُ يَوۡمَ يُنۡفَخُ فِي الصُّوۡرِ ؕ عٰلِمُ الۡغَيۡبِ وَالشَّهَادَةِ ؕ
وَهُوَ الۡحَكِيۡمُ الۡخَبِيۡرُ ۝۷۳ وَاِذۡ قَالَ اِبۡرٰهِيۡمُ لِاَبِيۡهِ اٰزَرَ اَتَتَّخِذُ اَصۡنَامًا اٰلِهَةً ۚ
اِنِّيۡۤ اَرٰىكَ وَ قَوۡمَكَ فِيۡ ضَلٰلٍ مُّبِيۡنٍ ۝۷۴ وَ كَذٰلِكَ نُرِيۡۤ اِبۡرٰهِيۡمَ
مَلَكُوۡتَ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ وَ لِيَكُوۡنَ مِنَ الۡمُوۡقِنِيۡنَ ۝۷۵

۽ هي اهو الله آهي، جنهن آسمانن ۽ زمين کي برحق پيدا ڪيو آهي ۽ (جنهن ڏينهن) هو چوي ٿو يا چوندو ”ٿي وڃ“ ته ٿي ويندو، هن جو هر فرمان حقيقت تي

**مبني آهي. جنهن ڏينهن صور ڦوڪيو ويندو تہ ان ڏينهن رڳو هن جي ئي حڪمراني هوندي هو غائب ۽ حاضر هر شيءِ جو علم رکي ٿو ۽ هو حڪيم ۽ خبير آهي. (73) اهو وقعو بہ قابل غور آهي تہ جڏهن ابراهيم ﷤ پنهنجي والد آزر کي چيو تہ ڇا توهان بتن کي معبود بنايو آهي. مان توهان کي ۽ توهان جي قوم کي چٽي گمراهيءَ ۾ ڏسي رهيو آهيان. (74) ۽ اهڙي طرح اسان ابراهيم ﷤ کي آسمانن ۽ زمين جي حڪمراني واري نظام جو مشاهدو ڪرايو تہ جيئن هو پوريءَ طرح اطمينان حاصل ڪري ۽ پنهنجي قوم تي حجت قائم ڪري. (75)**

هي اهو الله آهي، جنهن جي نادر ڪاريگريءَ آسمانن ۽ زمين کي تعميري نتيجا ڏيڻ لاءِ پيدا ڪيو آهي، هي نلهو هڪ بي مقصد تخليق نہ آهي، سوره آل عمران ۾ آهي: ”رَبَّنَا مَا خَلَقۡتَ هٰذَا بَاطِلًا “ (191/3) اي اسان جا رب! هي ڪائنات جو ڪارخانو تو بنا مقصد ۽ بيڪار نہ بڻايو آهي. هن ۾ ڪو نقص يا ڪمي ناهي. (الملڪ: 3/67) پر شمسي نظام ۽ زميني اهتمام جو هر پهلو تنهنجي قدرت جي ندرت ۽ طاقت جو زندهہ مثال آهي. رڳو ان تي غور ڪرڻ ۽ پرکڻ واري نگاهہ ۽ فڪر موجود هجن. اهڙي پر اسرار ۽ عجائب و غرائب سان سرشار ڪائنات کي وجود ۾ آڻڻ الله لاءِ ائين آهي، جو هو رڳو ”كُنۡ “چوي تہ ”فَيَكُوۡن“ تي وڃي. هن ڪائنات کي پيدا ڪرڻ ۽ وري اختتام پذير ڪري ٻيو جهان آباد ڪرڻ بہ انهي ”كُنۡ فَيَكُوۡن“ جو مرهون منت آهي. سندس حڪم هڪ حقيقت طور ظهور پذير ٿئي ٿو. (الطارق: 13/86) جنهن ڏينهن صور ڦوڪيو ويندو، آسمانن ۽ زمين جو پورو نظام لپيٽيو ويندو تہ جهڙي طرح هن ڪائنات جي تخليق ۽ هن جي حڪمراني قائم آهي. اهڙيءَ طرح هن نظام کي انجام تي پهچائڻ لاءِ بہ رڳو ان هڪ حقيقي حڪمران بادشاهہ الله جل شانه جو حڪم هلندو. ”يَوۡمَ نَطۡوِى السَّمَآءَ كَطَىِّ السِّجِلِّ لِلۡكُتُبِ “ (الانبياءِ: 104/21) جنهن ڏينهن اسان آسمان کي ائين لپيٽي رکنداسون، جيئن ڪاتب لکڻ بعد ڪاغذ لپيٽي رکندو آهي. ”وَالسَّمٰوٰتُ مَطۡوِيّٰتٌۢ بِيَمِيۡنِهٖ“ (الزمر: 67/39) آسمان هن جي يمين دست قدرت ۾ لپيٽيل هوندا. الله ذوالجلال والاڪرام چوندو: ”اَنَا الۡمَلِكُ اَيۡنَ مُلُوۡكُ الۡاَرۡضِ“ مان

بادشاهہ آهيان. زمين وارا بادشاهہ ڪٿي آهن؟ ”اِنَّهٗ لَقَوۡلٌ فَصۡلٌ ﴿۱۳﴾ وَّمَا هُوَ بِالۡهَزۡلِ ﴿۱۴﴾“ (الطارق: 13-14/86) بيشڪ هن جو هر قول فيصلو ڪندڙ آهي. اهو مذاق يا چرچو ناهي. ”وَمَا هُوَ بِقَوۡلِ شَاعِرٍ‌ؕ قَلِيۡلًا مَّا تُؤۡمِنُوۡنَ ﴿۴۱﴾ وَلَا بِقَوۡلِ كَاهِنٍ‌ؕ قَلِيۡلًا مَّا تَذَكَّرُوۡنَ ﴿۴۲﴾ (الحاقة: 41-42/69) هيءَ شاعري يا ساحري ناهي ۽ ٻائي (ڀوپي) جي پيشنگوئي ناهي، توهان ٿورڙا ماڻهو ئي نصيحت حاصل ڪن ٿا. جڏهن اسان هنن سمورن خلائن فضائن ۽ آسمانن جي بساط لپيٽي ڇڏينداسون، جهڙي طرح ڪتابن جو طومار لپٽيو ويندو آهي. ان ڏينهن رڳو هڪ خدا مالڪ الملڪ جي بادشاهي هوندي ۽ رڳو هر جاءِ ان جو حڪم هلندو. ”لِمَنِ الۡمُلۡكُ الۡيَوۡمَ‌ؕ لِلّٰهِ الۡوَاحِدِ الۡقَهَّارِ“ (المؤمن: 16/40) اڄ ڪنهن جي بادشاهي ۽ حڪمراني آهي، هڪ الله جي جيڪو هر شيءِ تي غالب آهي ۽ قوت رکي ٿو. جن شين جو حواس ذريعي معلوم ٿي سگهي، اهو مشاهدو آهي، پر جيڪو پنجن حواسن سان معلوم نہ ٿي سگهي، اهو غيب آهي. پر نئين تحقيق هن وقت غيب جون ڪيتريون شيون مشهود ڪري ڇڏيون آهن.

قناعت نہ کر عالمِ رنگ و بو پر
چمن اور بھی آشیاں اور بھی ہیں (اقبال)

هو تمام غيب ۽ ظاهر جي حالتن کان باخبر آهي، هن جو هر حڪم حڪمت ۽ يقيني خبر وارو آهي. (الانفال: 7/8-8، الانبياء: 18/21، سبا: 48/34-49، الشورىٰ: 24/42) حق ۽ باطل جي درميان تفريق معلوم ڪرڻ ۽ حق تائين رسائي حاصل ڪرڻ جي تڙپ حضرت ابراهيم عليه السلام ۾ جاري رهي ۽ آخرڪار خدا جي وحدانيت ۽ عبوديت جا حقائق ظاهر ٿيا، جن جي تبليغ هن پنهنجي گهر کان شروع ڪئي ۽ پنهنجي والد آزر کي چيائين تہ هي ڪهڙي نہ ناداني ۽ نا انصافي آهي، جو اوهان هٿ جي گهڙيل مورتين ۽ غيرالله کي پنهنجو معبود بڻايو آهي ۽ حقيقي خدا کي وساري ويٺا آهيو. تون ۽ تنهنجي قوم کلي گمراهي تي آهيو. تحقيق مطابق آزر حضرت ابراهيم عليه السلام جو چاچو هيو. بااثر شخصيت نمرود بادشاهہ جو وزير بہ هيو، نہ رڳو مورتين کي پوڄيندو هيو، پر ٺاهيندو ۽ وڪڻندو بہ هيو. حضرت ابراهيم عليه السلام جي والد جو نالو تارخ يا تارح هيو. (تفسير مظهري) تفسير احسن

البيان وارو چوي ٿو تہ آزر هن جو حقيقي والد هيو ۽ 'تارح' سندس لقب هو، جڏهن تہ اڪثر تفسير وارا پهرين راءِ جا آهن. شايد سندس چاچو آزر هن تبليغ لاءِ زياده موزون هيو، ان ڪري حضرت ابراهيم عليه السلام ڪيس تبليغ ڪئي هجي. هن عظيم مقصد جي پرچار ۽ اجراءَ لاءِ ڪيس يقين ۽ اطمينان جي سرمائي سان لبريز ڪرڻ لاءِ اسان ڪيس ڪائناتي نظام جو عرش ڪان وٺي اسفل ارض تائين مشاهدو ڪرايو، جنهن جي ڏسڻ بعد ڪيس پورو يقين اچي ويو تہ هن ڪائنات تي هڪ الله جي قانون جي حڪمراني قائم آهي. "مَلَكُوتُ" مان مراد تمام مخلوقات يعني پوري ربوبيت ۽ الوهيت جو نظام آهي. (احسن البيان)

فَلَمَّا جَنَّ عَلَيْهِ الَّيْلُ رَاٰ كَوْكَبًا ۚ قَالَ هٰذَا رَبِّيْ ۚ فَلَمَّآ اَفَلَ قَالَ
لَآ اُحِبُّ الْاٰفِلِيْنَ ۝٧٦ فَلَمَّا رَاَ الْقَمَرَ بَازِغًا قَالَ هٰذَا رَبِّيْ ۚ فَلَمَّآ اَفَلَ قَالَ
لَىِٕنْ لَّمْ يَهْدِنِيْ رَبِّيْ لَاَكُوْنَنَّ مِنَ الْقَوْمِ الضَّآلِّيْنَ ۝٧٧ فَلَمَّا رَاَ الشَّمْسَ
بَازِغَةً قَالَ هٰذَا رَبِّيْ هٰذَآ اَكْبَرُ ۚ فَلَمَّآ اَفَلَتْ قَالَ يٰقَوْمِ اِنِّيْ بَرِيْٓءٌ
مِّمَّا تُشْرِكُوْنَ ۝٧٨ اِنِّيْ وَجَّهْتُ وَجْهِيَ لِلَّذِيْ فَطَرَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ
حَنِيْفًا وَّ مَآ اَنَا مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ۝٧٩

پوءِ جڏهن رات طاري ٿي تہ ان هڪ تارو ڏٺو. چيائين تہ توهان هن جي پوڄا ڪيو ٿا، ڇا منهنجو رب بہ اهو ئي آهي؟ پر جڏهن اهو ستارو غائب ٿي ويو، چيائين تہ مان هنن گم ٿي وڃڻ وارن کي (خدائيءَ لاءِ) پسند نٿو ڪريان.(76) وري جڏهن چنڊ چمڪڻ لڳو ۽ ان کي ڏٺائين تہ چيائين تہ ڇا هي منهنجو پروردگار آهي؟ پر جڏهن هو بہ غائب ٿي ويو تہ چيائين (هي بہ منهنجو رب ناهي) جيڪڏهن الله مون کي سڌي راهہ نہ ڏيکاري ها تہ يقيناً مان گمراهہ ماڻهن ۾ شمار ٿيان ها. (77) پوءِ وري ڏينهن جو روشن سج کي ڏٺائين، (جنهن جي پرستش ٿي رهي

هئي) تہ ڇيائين ڇا هي منهنجو رب آهي ؟ هي وڏو آهي. جڏهن سج بہ لهي ويو تہ ڇيائين تہ مان انهن سمورن کان بيزار آهيان، جنهن جي اوهان پرستش ڪري رهيا آهيو. (78) مان تہ يڪسوئيءَ سان پنهنجو رخ ان هستيءَ طرف ڪيو آهي، جنهن زمين ۽ آسمانن کي پيدا ڪيو آهي ۽ مان مشرڪن مان هرگز ناهيان.(79)

ابراهيم عليه السلام ڪائناتي مشاهدي ڪرڻ سان علم اليقين کان عين اليقين جي درجي تي پهتو ۽ ڪيس پوري طرح اطمينان ۽ يقين ٿي ويو تہ هي سج چنڊ تارا، مورتيون مطلب تہ پورو ڪائناتي نظام هڪ خدا جي حڪمرانيءَ هيٺ هلي رهيو آهي ۽ هن جي قوم ستاره پرستي ڪري شرڪ جي مرتڪب ٿي رهي آهي، سو جڏهن پنهنجي قوم کي رات جو تارن جي پوڄا ڪندي ڏٺائين تہ ڇيائين مون کي توهان هن جي عبادت جو چئو ٿا. ڏسو هي تارو تہ لهي ويو، جيڪو پنهنجو وجود قائم رکي نٿو سگهي، اهو الله جي ڪائناتي نظام جو جز آهي. ان جو پنهنجو وجود ناهي. مان پنهنجي الله کي ڇڏي جنهن جي حڪمرانيءَ هيٺ هي تارا آهن، ڪهڙيءَ طرح اوهان وانگر هنن جي اطاعت ۽ عبادت ڪريان جيڪا مون کي هرگز پسند ناهي. اهڙيءَ طرح وري چمڪندڙ چنڊ ڏٺائين جنهن جو پوڄا پاٺ ۾ هن جي قوم رڌل هئي. ڇيائين تہ ڇا اوهان مون کي بہ پاڻ وانگر هن جي عبادت تي آماده ڪيو ٿا. ڏسو توهان جو اهو نقلي معبود چنڊ بہ لهي غائب ٿي ويو. جيڪڏهن الله منهنجي سڌي راهہ تي هلڻ جي رهنمائي نہ ڪري ها تہ آءٌ بہ توهان جي هن قوم جو هڪ فرد هجان ها. وري جڏهن ڏينهن نمودار ٿيو ۽ ان ۾ سج کي پوري آب و تاب سان روشن ڏٺائين، جنهن جي سندس قوم عبادت ڪري رهي هئي ۽ هن کي بہ ان جي خدائي قبول ڪرڻ جي دعوت ڏئي رهي هئي تہ سج بہ شام جو لهي ويو ۽ انڌيرو ڇانئجي ويو، جنهن تي ابراهيم عليه السلام پنهنجي قوم کي مخاطب ٿيندي چيو تہ اوهان جي هن سڀ کان وڏي معبود کي مان پنهنجو رب ڪيئن ناهيان، جيڪو خدا جي نظام هيٺ اڀري لهي ٿو ۽ هن کي هميشہ رهڻ جو بقا حاصل ناهي. هنن ڪائناتي مشاهدن ۽ روشن دليلن بعد هو هنن ڪافرن ۽ مشرڪن کي چوندو هيو تہ توهان جن قوتن کي خدائي اختيارات ۽ اقتدار ۾ شريڪ سمجهو ٿا، اهي

آسماني سج چنڊ تارا هجن، ديوي ديوتا هجن، مذهبي يا خانقاهي پيشوا هجن، يا وقت جو جابر حاڪم ۽ بادشاهه هجي، مان ان کي خدا سمجهڻ واري تصور کان ئي نالان آهيان. ان ڪري اي منهنجي گمراهه قوم مان توهان وانگر شرڪ ڪرڻ کان بيزار آهيان. مان پنهنجي عقل ۽ شعور کي ڪم آڻيندي ۽ هنن شين جي اصل حقيقت کان آگاهه ٿيندي صرف ان حيّ و قيّوم ذات کي پنهنجي ايمان ۽ عقيدي جو مرڪز ٿو سمجهان، جنهن هن ڪائنات کي عدم کان وجود ۾ آندو آهي، جنهن جي حڪمراني ۾ ڪائنات جي ذري ذري جو نظام سندس دست قدرت ۾ آهي. هنن تارن، چنڊ ۽ سج کي به ان جي لازوال بادشاهت ۽ اطاعت کان انڪار جي جرئت نه آهي. ان ڪري مان الله عزوجل سان توهان جي هن شرڪ واري نظام ۾ شامل ٿي نٿو سگهان. مان صرف ان الله يڪتا طرف پوري طرح متوجه آهيان ۽ ان سان ڪنهن کي شريڪ نٿو سمجهان. جيڪو هن پوري ڪائنات جو خالق ۽ يڪتا بااختيار حڪمران آهي.

وَحَاجَّهٗ قَوْمُهٗ ؕ قَالَ اَتُحَآجُّوْٓنِّيْ فِي اللّٰهِ وَقَدْ هَدٰىنِ ؕ وَلَاۤ اَخَافُ مَا
تُشْرِكُوْنَ بِهٖۤ اِلَّاۤ اَنْ يَّشَآءَ رَبِّيْ شَيْـًٔا ؕ وَسِعَ رَبِّيْ كُلَّ شَيْءٍ عِلْمًا ؕ اَفَلَا
تَتَذَكَّرُوْنَ ﴿۸۰﴾ وَكَيْفَ اَخَافُ مَاۤ اَشْرَكْتُمْ وَلَا تَخَافُوْنَ اَنَّكُمْ اَشْرَكْتُمْ
بِاللّٰهِ مَا لَمْ يُنَزِّلْ بِهٖ عَلَيْكُمْ سُلْطٰنًا ؕ فَاَيُّ الْفَرِيْقَيْنِ اَحَقُّ بِالْاَمْنِ ۚ وقف لازم
اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿۸۱﴾ اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَلَمْ يَلْبِسُوْۤا اِيْمَانَهُمْ بِظُلْمٍ اُولٰٓئِكَ
لَهُمُ الْاَمْنُ وَهُمْ مُّهْتَدُوْنَ ﴿۸۲﴾ ع ع ١٢ ١٥

۽ هن ڳالهه تي هن جي قوم هن سان تڪرار ڪرڻ لڳي. ابراهيم عليه السلام چيو ته ڇا اوهان مون سان الله بابت تڪرار ڪري رهيا آهيو، جنهن منهنجي رهنمائي ڪرڻ فرمائي آهي ۽ جن هستين کي اوهان الله جو شريڪ بڻايو ٿا، انهن کان مون کي ڪو خوف خطرو ناهي، ها باقي خدا جي طرفان ڪجهه ٿيڻ وارو هجي

(اها الڳ ڳالهہ آهي.) منهنجي پروردگار جو علم هر شيءِ تي محيط آهي. ڇا اوهان هن مان نصيحت پرائڻ نٿا گهرو. (80) مان ڀلا انهن کان ڪيئن ڊڄان، جن کي اوهان (الله جو) شريڪ بنايو آهي، جڏهن توهان ان ڳالهہ کان نٿا ڊڄو جو اوهان الله جا شريڪ ٺاهي ڇڏيا آهن، جن کي الله ناهڻ لاءِ الله وٽان ڪو حڪم يا سَنَد نہ آهي. (81) هاڻي ٻنهي فريقن مان ڪهڙو فريق امن (اطمينان) جو حقدار آهي. جيڪڏهن سمجهہ رکو ٿا تہ ٻڌايو. (82) اوهان کي معلوم هئڻ گهرجي تہ جن ماڻهن ايمان آندو الله تي ۽ پنهنجي ايمان کي ظلم (يعني شرڪ) سان آلوده نہ ڪيو، تہ انهن لاءِ امن آهي ۽ اهي ئي هدايت يافته آهن. (82)

حضرت ابراهيم عليه السلام سان سندس قوم ردوقدح ۽ بحث و مباحثو ڪندي رهي تہ تون پنهنجي هڪ خدا واري عقيدي تان هٽي وڃ. هن فرمايو تہ مان ان الله کان ڪيئن منهن موڙيان، جنهن منهنجي راهہ حق تي هلڻ لاءِ حمايت ۽ رهنمائي ڪئي آهي، توهان جو مون کي ڊيڄاريو ٿا تہ اوهان جي ديوتائن سج چنڊ تارن ۽ مورتين کي الله جو شريڪ نہ سمجهڻ ڪري مون کي نحوست ٿيندي يا توهان جا معبود وڏي قوت وارا آهن، مون کي نقصان پهچائيندا تہ مون کي انهن کان ڪو بہ ڊپ ناهي، آءٌ هنن جي حقيقت ۽ حيثيت کي چڱي طرح ڄاڻان ٿو. هنن جي هٿ وس ڪجهہ ناهي هي تہ پنهنجي وجود قائم رکڻ لاءِ توهان جا محتاج آهن. مان رڳو ان هستيءَ کان ڊڄان ٿو، جنهن جي حڪم هيٺ هي سڀ عناصر آهن، ان ڪري توهان مون کي منهنجي الله کان خوف کائڻ ڏيو، جنهن منهنجي رهنمائي ڪرڻ فرمائي آهي، باقي پنهنجن ديوتائن کان اهو چئي ڊيڄاريو تہ هي خدا جا شريڪ آهن، وڏي سگهہ ۽ طاقت وارا آهن. نفعو نقصان ڏيڻ جي صلاحيت رکن ٿا. مان اوهان جي هن دليل کي نٿو مڃان ۽ انهن کي خدا جي ڪارونهوار ۾ شريڪ نٿو سمجهان، هي تہ بي بس، مجبور ۽ محڪوم اوهان جي رحم و ڪرم جا محتاج آهن. اصل طاقت ۽ اختيار منهنجي پروردگار وٽ آهي، جنهن جو علم هر شيءِ تي حاوي آهي، پر افسوس آهي، جو توهان پوءِ بہ هوش ۾ چو نٿا اچو. ٿورڙو غور ڪري اهو تہ ٻڌايو تہ مان انهن بي بس ۽ بي حس بتن ۽ ديوتائن، جن کي اوهان خدا جي خدائي ۽ حڪمرانيءَ ۾ شريڪ ڪيو آهي، ڪيئن ڊڄان،

جڏهن توهان هنن نقلي معبودن کي خدا ذوالجلال جو شريڪ قرار ڏيندي الله عزوجل کان نٿا ڊڄو. اوهان کي معلوم آهي تہ الله پوري جڳ جو مالڪ خالق ۽ پروردگار آهي ۽ هي مصنوعي معبود محتاج مجبور ۽ بي بس آهن. هنن جي پوڄا پاٽ ڪرڻ ۽ معبود بنائڻ جو اوهان وٽ ڪو معقول دليل بہ نہ آهي. اوهان خود فيصلو ڪريو تہ اسان ٻنهي ڌرين مان ڪير امن ۽ اطمينان جو حقدار آهي ۽ ڪنهن کي لرزان ترسان جو شڪار هئڻ گهرجي. توهان کي اهو ضرور معلوم هئڻ گهرجي.

هنن ايمان افروز ۽ پر مغز حقائق ۽ دليلن جي روشنيءَ ۾ ڪو بہ شڪ باقي نہ رهيو آهي تہ امن ۽ اطمينان انهن لاءِ آهي، جيڪي الله تي ايمان آڻن ٿا ۽ پنهنجي ايمان کي ظلم سان آلوده نٿا ڪن. ياد رکو تہ شرڪ ظلم عظيم آهي. (لقمان: 13/31) ۽ ايڏي وڏي ظلم کان بچڻ وارن لاءِ امن و سلامتي جي بشارت بہ آهي تہ اهي ئي هدايت يافتہ هجڻ جي نعمت سان نوازيل آهن.

وَ تِلْكَ حُجَّتُنَآ اٰتَيْنٰهَآ اِبْرٰهِيْمَ عَلٰى قَوْمِهٖ ؕ نَرْفَعُ دَرَجٰتٍ مَّنْ نَّشَآءُ ؕ اِنَّ رَبَّكَ حَكِيْمٌ عَلِيْمٌ ﴿۸۳﴾ وَوَهَبْنَا لَهٗٓ اِسْحٰقَ وَيَعْقُوْبَ ؕ كُلًّا هَدَيْنَا ۚ وَنُوْحًا هَدَيْنَا مِنْ قَبْلُ وَمِنْ ذُرِّيَّتِهٖ دَاوٗدَ وَسُلَيْمٰنَ وَاَيُّوْبَ وَيُوْسُفَ وَمُوْسٰى وَهٰرُوْنَ ؕ وَكَذٰلِكَ نَجْزِى الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۸۴﴾ وَزَكَرِيَّا وَيَحْيٰى وَعِيْسٰى وَاِلْيَاسَ ؕ كُلٌّ مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿۸۵﴾ وَاِسْمٰعِيْلَ وَالْيَسَعَ وَيُوْنُسَ وَلُوْطًا ؕ وَكُلًّا فَضَّلْنَا عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ﴿۸۶﴾

هي هئي اسان جي پاران حجت، جيڪا اسان ابراهيم عليه السلام کي پنهنجي قوم جي مقابلي ۾ قائم ڪرڻ لاءِ عطا ڪرڻ فرمائي هئي. اسان پنهنجي قانون مشيت جي روشنيءَ ۾ جنهن کي گهرون، بلند مرتبن سان نوازيون ٿا. بيشڪ تنهنجو رب نهايت دانا ۽ وسيع علم جو مالڪ آهي.(83) اسان ابراهيم عليه السلام کي حضرت اسحاق ۽ حضرت يعقوب عليه السلام جهڙي اولاد عطا ڪئي ۽ هر هڪ جي

راھ راست ڏانهن رهنمائي ڪئي، جنهن صراط مستقيم سان نوح ﷺ جي رهنمائي ڪرڻ فرمائي هئي ۽ ان جي نسل مان اسان دائود، سليمان، ايوب، يوسف، موسىٰ ۽ هارون ﷺ جي رهنمائي ڪئي هئي. اهڙيءَ طرح اسان نيڪوڪارن کي سندن نيڪيءَ جو عوض (بدلو) عطا ڪيون ٿا. (84) انهن جي اولاد مان زڪريا، يحىٰ ۽ عيسىٰ ﷺ يعني سيني کي صالحين جي نعمت سان نوازيو. (85) ۽ اهڙي طرح اسماعيل، يسع، يونس ۽ لوط ﷺ کي نبوّت سان سرفراز ڪيو ۽ هنن سمورن کي دنيا وارن تي فضيلت ۽ برتري عنايت ڪئي. (86)

هي اهي قاطع دليل ۽ بي لاڳ مضبوط برهان آهن، جيڪي اسان ابراهيم ﷺ کي سندس گمراھ، بت پرست وهمي ۽ بي يقيني جي شڪار قوم جي ردوقد (قدح) ۽ بحث ومباحثي جي خلاف عطا ڪيا هئا. الله جو اٽل قانون آهي تہ جو بہ شخص هن ڪائنات ۽ مخلوقات جي غور سان مطالعي ۽ مشاهدي بعد توفيق ايزدي سان هن ڪائنات جي خالق، مالڪ ۽ پروردگار جي قانون جي صداقتن کي زبان ۽ دل جي سچائين سان تصديق ڪري ٿو ۽ اقرار ڪري ٿو تہ اسان ان کي مخالفن تي پلي ڪيڏا مضبوط ۽ طاقتور هجن، نصرت ۽ ڪاميابي سان نوازيون ٿا ۽ ان کي پنهنجي قانون مشيت مطابق اعلىٰ مقام تي رسايون ٿا. بيشڪ تنهنجو پروردگار بهترين حڪمت ۽ بي انتها علم جو مالڪ حڪيم ۽ عليم آهي. ابراهيم ﷺ تمام مخالفتن، خطرن ۽ تڪليفن کي منهن ڏيندي پنهنجي مقصود ۽ مشن ۾ شاندار ڪاميابي حاصل ڪئي. ازان بعد سندس هن پيغام کي جاري وساري رکڻ لاءِ حضرت اسحاق ﷺ جهڙو فرزند ارجمند ۽ يعقوب ﷺ جهڙو پيارو پوٽو عطا ڪيا. هي سمورا رشد و هدايت جي ان سلسلي مان هيا، جيڪو سلسلو نوح ﷺ جي رهبريءَ ۾ هيو، ان کان پوءِ ابراهيم ﷺ جي نسل مان دائود، سليمان، ايوب، يوسف، موسىٰ ۽ هارون ﷺ کي بہ ساڳي راھ ڏيکاري ۽ اهي سڀ ان صراط مستقيم تي هلي ڪامياب ۽ ڪامران ٿيا. اسان اهڙي طرح انهن سمورن کي فضيلت ۽ برتريءَ جي تاج سان نوازيندا آهيون، جيڪي نظام خداوندي قائم ڪرڻ وارا آهن. انهن ڪامياب ۽ ڪامران شخصيتن ۽ الله جي صالح

ٻانهن ۾ حضرت زڪريا، حضرت يحيٰ، حضرت عيسىٰ ۽ حضرت الياس عليهم السلام جو شمار ٿئي ٿو، جيڪي نبوت جي سلسلي رشد و هدايت ۽ باطل خلاف حق جي تائيد ڪرڻ لاءِ ڪوشان رهيا. (85) اهڙي طرح حضرت اسماعيل، حضرت اليسع، يونس ۽ لوط عليهم السلام به انهن سلسلي جي ڪڙي طور خدا جي پيغام کي خلق خدا تائين پهچائڻ ۾ پوري تندهي، محنت ۽ جرئت سان جاري رکيو، جنهن ۾ هنن کي هميشہ برتري ۽ فضيلت ڏني وئي.

وَمِنْ اٰبَآىِٕهِمْ وَ ذُرِّيّٰتِهِمْ وَ اِخْوَانِهِمْ ۚ وَاجْتَبَيْنٰهُمْ وَ هَدَيْنٰهُمْ اِلٰى صِرَاطٍ
مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٨٧﴾ ذٰلِكَ هُدَى اللّٰهِ يَهْدِيْ بِهٖ مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ ؕ وَلَوْ اَشْرَكُوْا
لَحَبِطَ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٨٨﴾ اُولٰٓىِٕكَ الَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ وَ الْحُكْمَ وَ النُّبُوَّةَ ۚ
فَاِنْ يَّكْفُرْ بِهَا هٰٓؤُلَآءِ فَقَدْ وَكَّلْنَا بِهَا قَوْمًا لَّيْسُوْا بِهَا بِكٰفِرِيْنَ ﴿٨٩﴾ اُولٰٓىِٕكَ
الَّذِيْنَ هَدَى اللّٰهُ فَبِهُدٰىهُمُ اقْتَدِهْ ؕ قُلْ لَّآ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ اَجْرًا ؕ اِنْ هُوَ اِلَّا
ذِكْرٰى لِلْعٰلَمِيْنَ ﴿٩٠﴾ ع ١٠ ٨ ١٢

۽ پڻ هنن جي ابن ڏاڏهن هنن جي اولاد ۽ هنن جي برادريءَ مان شخصيتن کي به اسان هدايت بخشي برگزيده ڪيو ۽ توحيد جي انهيءَ ساڳي راهه طرف هنن جي به رهنمائي ڪرڻ فرمائي. (87) هي هدايت الله طرفان آهي. پنهنجن ٻانهن مان قانون مشيت جي روشني ۾ جنهن کي گهري، ان کي سرفراز ڪرڻ فرمائي ٿو. جيڪڏهن هي ماڻهو به ڪٿي شرڪ ۾ ملوث ٿي ويا ته هنن سمورن جي ڪل ڪمائي ناس ٿي ويندي.(88) اهي ئي نيڪوڪار انسان هئا، جن کي اسان ڪتاب حڪم (اختيار اقتدار) ۽ نبوت عطا ڪئي هئي، سو تنهنجا هي مخاطب هن جو انڪار ڪندا ته ڪو فڪر ۽ پرواهه ناهي، اسان اها نعمت ڪن ٻين ماڻهن جي حوالي ڪئي آهي، جيڪي هن جا انڪاري نه آهن.(89) اي نبي مڪرم

خَاتَمُ النَّبِيِّين صَلَّى اللهُ تَعَالَىٰ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ! اهي ماڻهو ئي الله طرفان هدايت يافته هئا، توهان انهيءَ رستي تي هلو ۽ چئو ته هن (تبليغ ۽ هدايت واري ڪم) لاءِ اوهان کان ڪنهن اجر جو خواهان نه آهيان، مگر هي ته دنيا جهان وارن لا نصيحت آهي. (90)

نبوت جو هي سلسلو جيڪو هنن نبين سڳورن کان گهڻو اڳ سندن وڏڙن يعني ابن ڏاڏن ۽ انهن جي اولاد (نسل) ۽ انهن سان تعلق رکندڙ برادريءَ مان به ڪيترن نيڪ ۽ صالح ڀانهن جي انتخاب سان هلندو رهيو ۽ خدا جي سنت مطابق هنن کي هدايت جي اعلىٰ ترين نوازشن سان رهنمائي ڪئي وئي ۽ صراط مستقم تي محڪم ڪان محڪم ڪيو. اها هدايت الله طرفان آهي، جنهن سان هو پنهنجي مشيت ۽ منشا موجب پنهنجن ڀانهن مان جنهن کي مناسب سمجهي ته ان طرف رهنمائي ڪري ٿو ۽ هن جي لاءِ صحيح رستي تي هلڻ لاءِ سمورا پتا نشان ظاهر ڪري ٿو. پر جيڪڏهن ڪو هن توحيد واري سڌي ۽ سولي رستي تي هلڻ بدران به واٽي يعني شرڪ جي راهه اختيار ڪئي ۽ خدا سان گڏ سندس خدائي ۽ اختيار ۾ ڪنهن کي شريڪ ڪيو ته هن جي ساري محنت، ڪمائي ۽ ڪشالا ناس ۽ برباد ٿي ويندا. ”لَئِنْ اَشْرَكْتَ لَيَحْبَطَنَّ عَمَلُكَ وَلَتَكُوْنَنَّ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ○“ (الزمر: 39/ 65) شرڪ سارا عمل ناس ڪري ڇڏي ٿو. هي 16 شخصيتون جن جو ذڪر هن کان اڳ سورت ۾ مٿي آيو آهي، يا هن کان پهريان 13 نبين جي خوبصورت گلدستي جو بيان سورة النساءِ جي آيت 163-164 ۾ آيو آهي، هي سمورا اهي پلارا انسان آهن، جن کي اسان ڪتاب (هدايت نامو ۽ ضابطہ حيات) ۽ حڪم يعني اختيار ۽ اقتدار ۽ نبوت جهڙن عظيم عنايتن سان سرفراز ڪيو. (البقره: 213/2، آل عمران: 79/3، الجاثيه: 16/45) ۽ ماڻهن جي رهبري ۽ رهنمائي جو فرض ادا ڪرڻ جو ذميدار بنايو. جيڪڏهن هاڻي انهي سلسلي جي آخري ۽ هر طرح سان هر صورت ۾ ڪامل ۽ مڪمل هدايت ۽ رهنمائي قرآن آهي، ان جو انڪار ڪيو ته هنن پنهنجو ئي نقصان ڪيو آهي ۽ پاڻ پنهنجي پيرن تي ڪهاڙو هلايو آهي. الله جل شانه کي هنن جي انهيءَ انڪار ۽ ڪفر جي ڪا به پرواهه ناهي. هنن جي وڃڻ سان هدايت جو هي سلسلو لاوارث نه ٿي ويو آهي. توکان اڳ آيل سمورا نبي سڳورا عَلَيْهِمُ السَّلَامُ عظيم شخصيتون آهن، جن کي الله عزوجل صحيح رستي تي هلڻ جي توفيق عطا ڪئي.

اي منهنجا حبيب خَاتَمُ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! صداقت جا امين! تون بہ انهيءَ صراطِ مستقيم تي رهي، گامزن ٿيءُ، جنهن تي هنن کي الله دڳ ڏيکاريو ۽ ڪامياب و ڪامران ڪيو. الله پنهنجي انهيءَ سنت کي جاري رکڻ لاءِ تنهنجو انتخاب ڪيو آهي ۽ توسان گڏ مهاجرين ۽ انصار جي اهڙي تہ پاڪيزه جماعت گڏ ڪئي آهي، جيڪي ان جي صداقت جو انڪار نٿا ڪن. (آل عمران: 3/ 110، فاطر: 32/35) پنهنجن ماڻهن کي انهيءَ صراطِ مستقيم تي پابنديءَ سان هلڻ جي هدايت ڪندو رهہ، جنهن جو تون پاڻ برهان آهين. "يٰسٓ ﴿١﴾ وَالْقُرْاٰنِ الْحَكِيْمِ ﴿٢﴾ اِنَّكَ لَمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٣﴾ عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٤﴾" ان ڪري ڪين چؤ تہ مان هي محنت ۽ مشقت اوهان جي فلاح ۽ ڀلائي لاءِ ڪيان ٿو، جنهن ۾ آءٌ اوهان کان ڪنهن اجر جو طلبگار نہ آهيان. هي خالص لله في الله، تمام جهانن وارن جي لاءِ قرآن جي صورت ۾ هدايت نامو آهي، جيڪو اوهان جي اصلاح ۽ سڌاري لاءِ ان حقيقتن جي ياد ڏهاني ڪرائي ٿو، جيڪي انساني فطرت ۾ وديعت ۽ محفوظ آهن. پر افسوس جو ماڻهن ان کي پنهنجن خواهشن ۽ غلط روين جي ور چاڙهي ڇڏيو . هي ڪتاب ان هدايت جو آخري ڪامل ۽ مڪمل دستاويز آهي، جيڪا هدايت جي مهم حيات، انسان جي ابتدا کان جاري وساري آهي.

وَمَا قَدَرُوا اللّٰهَ حَقَّ قَدْرِهٖٓ اِذْ قَالُوْا مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ عَلٰى بَشَرٍ مِّنْ شَيْءٍ ؕ قُلْ مَنْ
اَنْزَلَ الْكِتٰبَ الَّذِيْ جَآءَ بِهٖ مُوْسٰى نُوْرًا وَّهُدًى لِّلنَّاسِ تَجْعَلُوْنَهٗ قَرَاطِيْسَ
تُبْدُوْنَهَا وَتُخْفُوْنَ كَثِيْرًا ۚ وَعُلِّمْتُمْ مَّا لَمْ تَعْلَمُوْٓا اَنْتُمْ وَلَآ اٰبَآؤُكُمْ ؕ قُلِ اللّٰهُ ۙ
ثُمَّ ذَرْهُمْ فِيْ خَوْضِهِمْ يَلْعَبُوْنَ ﴿٩١﴾ وَهٰذَا كِتٰبٌ اَنْزَلْنٰهُ مُبٰرَكٌ مُّصَدِّقُ الَّذِيْ بَيْنَ
يَدَيْهِ وَلِتُنْذِرَ اُمَّ الْقُرٰى وَمَنْ حَوْلَهَا ؕ وَالَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ يُؤْمِنُوْنَ بِهٖ
وَهُمْ عَلٰى صَلَاتِهِمْ يُحَافِظُوْنَ ﴿٩٢﴾

حقيقت اها آهي تہ هنن ماڻهن الله جي پوري طرح قدرشناسي ۽ فرض ادائگي نہ ڪئي، جڏهن هنن اها دعوىٰ ڪئي تہ الله ڪنهن انسان تي ڪجهہ نازل ناهي ڪيو. هنن کان پڇو تہ ڀلا ان ڪتاب کي ڪنهن نازل ڪرڻ فرمايو هيو، جيڪو

موسىٰ ﷤ ڪٽي آيو، جيڪو ماڻهن جي لاءِ نور (روشني) ۽ هدايت هئي. جنهن کي اوهان جدا جدا ڪاغذن ۾ ڪري ماڻهن کي ڏيکاريو ٿا ۽ ان جي گهڻي حصي کي (جيڪو اوهان جي ذاتي مفادن تي ضرب آهي) لڪايو ٿا، جنهن جي ذريعي توهان کي اهو علم ڏنو ويو جيڪو نہ اوهان کي حاصل هيو ۽ نہ وري توهان جي ابن ڏاڏن کي هيو. آخر ان ڪتاب جو نازل ڪرڻ وارو ڪير هو؟ تون بس ايترو چوين تہ الله هيو. پوءِ هنن کي سندن ڪج بحثي ۾ (غيره سنجيده سمجهي) کيڏندو ڇڏي ڏي. (91) اُن ڪتاب وانگر هي هڪ ڪتاب آهي، جنهن کي اسان نازل ڪيو آهي. جيڪو گهڻي خيرو برڪت وارو آهي. ان ڪتاب جي تصديق ڪري ٿو، جيڪو هن کان اول نازل ٿيو. ان ڪري (توتي) نازل ڪيو ويو آهي تہ جيئن تون اُمُّ القُرىٰ (مڪه مڪرم) ۽ ان جي اطراف ۾ رهندڙن کي (خدا جي گرفت کان) خبردار ڪرين جيڪي ماڻهو آخرت تي بہ ايمان رکن ٿا ۽ هن ڪتاب (جي سچائي) کي تسليم ڪن ٿا ۽ هو پنهنجن نمازن جي پوري طرح ادائگي جا رکوالا آهن. (92)

هت انهن ماڻهن جي عقيدي جو رد آهي، جيڪي وحي ۽ ڪتاب جي نزول تي تعجب ڪن ٿا، انهن جو خيال آهي تہ الله تعالىٰ طرفان ڪنهن انسان تي ڪتاب نازل نٿو ٿي سگهي. انهيءَ عقيدي وارا ٻن قسمن جا ماڻهو هيا: پهريون قسم اهل ڪتاب جي عالمن جو هيو، جيڪي اهو ڄاڻندي تہ وحي ۽ ڪتاب، الله طرفان ايندا رهيا آهن، پر هو پنهنجي مذهبي پيشوائي قائم رکڻ لاءِ قرآن جي وحي طور نزول کي ڪوڙو ڪوٺيندا هيا ۽ چوندا هيا تہ الله جو ڪلام ائين نہ هوندو آهي. ٻيو گروهہ وحي ۽ نبوت جي سري کان ئي منڪر هيو. هنن آيتن ۾ اهل ڪتاب جي عالمن کي چيو ويو آهي تہ جيڪڏهن قرآن الله جو ڪلام ناهي تہ پوءِ موسىٰ تي نازل ڪيل توريت ڪنهن جو ڪلام آهي. ٻئي گروهہ کي ٻڌايو ويو آهي تہ هن قرآن جي انقلابي پيغام اهل مڪه ۽ گرد و نواح کي راهہ راست تي آندو آهي. اهوئي هن جي سچائيءَ جو ثبوت آهي.

جڏهن هنن ماڻهن بظاهر اهو عقيدو بنائي ڇڏيو آهي ته هي رسول (محمد ﷺ) عام انسانن وانگر هڪ انسان آهي، هو اسان وانگر کائي پيئي ٿو ۽ زندگي بسر ڪري ٿو ته پوءِ اهو ممڪن ناهي ته الله هڪ انسان تي پنهنجي وحي نازل ڪرڻ فرمائي. پنهنجي انهن گمراهه خيالن جي ڪري هو الله بابت صحيح تصور نه ڪري گويا خدا جي حڪمت ۽ قدرت جي قدرداني ڪرڻ ۾ قاصر رهيا آهن. حالانڪ هنن کان پڇو ته جيڪڏهن پنهنجي هن دعوىٰ ۾ ته الله ڪنهن بشر تي وحي نازل نٿو ڪري ۽ ڪنهن ڪتاب کي بشر تي نازل ٿيڻ منسوب ڪيو وڃي ته اهو الله طرفان نٿو ٿي سگهي. ”اَكَانَ لِلنَّاسِ عَجَبًا اَنْ اَوْحَيْنَآ اِلٰى رَجُلٍ مِّنْهُمْ اَنْ اَنْذِرِ النَّاسَ“ (يونس: 2/10) هنن کي هن ڳالهه تي حيرت آهي ته اسان هنن مان هڪ شخص تي وحي موڪلي آهي. ”وَمَا مَنَعَ النَّاسَ اَنْ يُّؤْمِنُوْٓا اِذْ جَآءَهُمُ الْهُدٰٓى اِلَّآ اَنْ قَالُوْٓا اَبَعَثَ اللّٰهُ بَشَرًا رَّسُوْلًا ۝“ (بني اسرائيل: 94/17) هدايت اچڻ کان پوءِ هنن کي ايمان آڻڻ کان هن ڳالهه روڪيو آهي، جو هو چون ٿا، ڇا الله عزوجل بشر کي رسول ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن سچا آهيو ته پوءِ ٻڌايو ته موسىٰ عليه السلام تي جيڪو ڪتاب (تورات) نازل ٿيو هو، اهو ڪٿان آيو هو، موسىٰ عليه السلام به بشر هيو، تورات ۾ به انسانن لاءِ نور (روشني) ۽ هدايت موجود هئي، پر توهان ان ڪتاب کي ٽوڙي جدا جدا پنن ۾ ڪري ڇڏيو، رڳو انهن حصن کي ماڻهن تائين پيش ڪيو ٿا جيڪي پيشوائيءَ جي مناسبت سان آهن، باقي جيڪي حصا اوهان جي خواهشن ۽ ذاتي مفادن تي ڪاضرب هڻي رهيا هئا، ان کي پوشيده رکيو اٿو. حالانڪ هن ڪتاب ذريعي اوهان کي اهو علم عطا ڪيو ويو جيڪو نه اوهان وٽ هيو ۽ نه توهان جي وڏڙن (ابن ڏاڏن) وٽ هيو. ياد رکو ان جي نازل ڪرڻ وارو به الله هيو، ته هي ڪتاب قرآن به ان الله عزوجل پنهنجي رسول مقبول ﷺ جن جي ذات گرامي تي نازل ڪرڻ فرمايو آهي. ان هوندي به جيڪڏهن هو پنهنجي عناد، ضد، هٺ ۽ هوڏ تي رهن ٿا ته ڪين ڇڏي ڏي، پلي پنهنجي ڪج بحثي واري ڪيل ۾ ڪيڏندا رهن. هنن ٻن آيتن ۾ هڪ ته ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته بشر تي الله جو ڪلام نازل ٿي سگهي ٿو. تاريخ گواهه آهي ته عملاً اهو موجود آهي. ٻي اها ڳالهه ثابت آهي ته هيءُ قرآن الله جو ڪلام آهي، جنهن ۾ ڪوبه شڪ ناهي، جنهن جي شاهديءَ لاءِ چار دليل ڏنا ويا آهن: (1) هيءُ ڪتاب خير و برڪت وارو آهي، جنهن ۾ انسان جي بهبود

۽ فلاح جا بهترين اصول موجود آهن. (2) هيءُ ڪتاب هن کان اڳ آيل ڪتابن جي تصديق ڪري ٿو ۽ انهيءَ تعليم جي سلسلي جو نگران ۽ محافظ آهي. (3) هن ڪتاب جو مقصد ٻہ انسان کي غفلت مان ڪڍي هدايت تي آڻڻ آهي. (4) هن ڪتاب جي ڪشش انهن ماڻهن کي پنهنجي گرد جمع ڪيو آهي، جن جي نظر حيات هن دنيا جي تنگ سرحدن کان اڳتي آهي، ان جي برعڪس دنياپرست ۽ پنهنجي خواهشن جا غلام آهن. هيءُ ڪتاب حق پرست ۽ بت پرست جي درميان قولِ فيصل آهي. اهڙيءَ طرح الله ذوالجلال هن ڪتاب (قرآن) کي نازل ڪرڻ فرمايو آهي، جيڪو خير ۽ برڪت جو خزانو آهي ۽ هن کان اڳ نازل ٿيل ڪتاب (تورات) جي خدا طرفان نزول جي تصديق ڪرڻ وارو آهي. هي اُمُّ القرىٰ دنيا جي مرڪزي شهر (مڪه مڪرمه) ۽ ان جي اطراف ۾ رهندڙن لاءِ تنبيه ۽ خبردار ڪرڻ لاءِ نازل ڪيو ويو آهي، جيڪي ماڻهو يوم آخرت تي ۽ هن ڪتاب تي غير متزلزل ايمان رکن ٿا تہ اهي اقامت صلواة جي پوري نظام جا محافظ آهن. قرآن جي حقائق ۽ فوائد کي سمجهڻ لاءِ ڏسو حوالا ذڪل آيت سورة البقره: 23/2.

گر ہمے خواہی مسلمان زیستن
نیست ممکن جز بقرآن زیستن

وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَوْقَالَ اُوْحِيَ اِلَيَّ وَلَمْ يُوْحَ اِلَيْهِ شَيْءٌ وَّمَنْ
قَالَ سَاُنْزِلُ مِثْلَ مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ ؕ وَلَوْ تَرٰٓى اِذِ الظّٰلِمُوْنَ فِيْ غَمَرٰتِ الْمَوْتِ
وَالْمَلٰٓئِكَةُ بَاسِطُوْٓا اَيْدِيْهِمْ ۚ اَخْرِجُوْٓا اَنْفُسَكُمْ ؕ اَلْيَوْمَ تُجْزَوْنَ عَذَابَ الْهُوْنِ بِمَا
كُنْتُمْ تَقُوْلُوْنَ عَلَى اللّٰهِ غَيْرَ الْحَقِّ وَكُنْتُمْ عَنْ اٰيٰتِهٖ تَسْتَكْبِرُوْنَ ﴿۹۳﴾ وَلَقَدْ جِئْتُمُوْنَا
فُرَادٰى كَمَا خَلَقْنٰكُمْ اَوَّلَ مَرَّةٍ وَّتَرَكْتُمْ مَّا خَوَّلْنٰكُمْ وَرَآءَ ظُهُوْرِكُمْ ۚ وَمَا نَرٰى مَعَكُمْ
شُفَعَآءَكُمُ الَّذِيْنَ زَعَمْتُمْ اَنَّهُمْ فِيْكُمْ شُرَكٰٓؤُا ؕ لَقَدْ تَّقَطَّعَ بَيْنَكُمْ وَضَلَّ عَنْكُمْ
ع٢ ١١/١٧ مَّا كُنْتُمْ تَزْعُمُوْنَ ﴿۹۴﴾ ع

۽ ان شخص کان وڏو ظالم ڪير ٿي سگهي ٿو جيڪو الله تي ڪوڙو بهتان هڻي ۽ چوي ته مون تي وحي آئي آهي، جڏهن ته حقيقت ۾ هن ڏانهن ڪا وحي نه آئي هجي ۽ ان کان به وڌيڪ وڏي دعوىٰ ڪري ته مان به اهڙو ڪلام نازل ڪري سگهان ٿو، جهڙو خدا نازل ڪيو آهي. جيڪڏهن توهان ان وقت ڪين ڏسي سگهو جڏهن هي ظالم موت جي غنودگي ۾ هوندا ۽ فرشتا انهن ڏانهن پنهنجا هٿ وڌائيندي ڪانئن مطالبو ڪري رهيا هوندا ته اچو پنهنجون حياتيون (ساهه) اسان جي حوالي ڪريو. اڄ اوهان کي ان جرم جي سزا ۾ ذلت آميز عذاب ڏنو ويندو، جنهن ۾ توهان الله تي ناحق تهمت لڳائيندا رهيا ۽ ان جي آيتن کان سرڪشي ڪندا هئا. (93) ڏسو ڪيئن اڪيلا اڪيلا اسان آڏو پيش ٿيا آهيو، بلڪل اهڙي طرح جيئن پهريون ڀيرو اسان توهان کي پيدا ڪيو هيو ۽ جو ڪجهه اسان اوهان کي دنيا ۾ ڏنو هو، اهو سڀ پنٺتي ڇڏي آيا آهيو ۽ توهان سان گڏ اسان اهي سفارشي به ڪو نه ٿا ڏسون، جن جي باري ۾ اوهان سمجهندا هئا ته اهي توهان جي معاملي ۾ اسان جا شريڪ آهن، اوهان جا سمورا رشتا ۽ تعلقات ٽٽي ويا ۽ جو ڪجهه اميدون آسرا اوهان ڪيون وينا هئا، اهي سمورا توهان کي ڇڏي ويا.

---

هن کان اڳ آيت 91 ۾ آيو آهي ته ”وَمَا قَدَرُو اللهَ حَقَّ قَدَرِهٖ“ خدا جي خدائيءَ جو جيڪو انداز هنن کي ڪرڻ گهرجي ها، اهو هنن نه ڪيو. الله عزوجل جي صفات ۽ اختيار و اقتدار جي هنن کي معرفت هجي ها ته ڪڏهن اهڙو خيال نه ڪن ها. هي مجمل جواب هيو. هاڻي مُفصّل ۽ تشريحي بيان آهي ته جنهن الله تبارڪ وتعالىٰ اوهان جي زندگيءَ جي معيشت جو پورو سروسامان مهيا ڪيو هيو ۽ ڪائنات جي ڪا اهڙي شيءِ نه آهي، جو ربوبيت جو فيضان نه هجي. اهو ممڪن ئي ناهي ته جنهن اوهان جي جسم ۽ طبيعي زندگيءَ جو اهڙو ڀرپور انتظام ڪيو آهي، اهو اوهان جي روح ۽ روحاني ڪيفيت جو

انتظام نہ ڪري، جنهن لاءِ هُن، هن وحي نبوت ۽ ڪتاب جو اهتمام ڪيو آهي. جيڪو الله عزوجل ويران، غير آباد ۽ مرده زمين کي سبزه زار سان رونق افروز ڪري، حياتِ نو بخشي ٿو، ان الله اوهان جي حياتِ نو لاءِ وحي نبوت ۽ قرآن جو انتظام ڪيو آهي. اوهان کي عقل، بصيرت، فهم فراست ڏني، ان تي هلڻ لاءِ راهہ هموار ڪئي آهي، هاڻي اهو اوهان جو اختيار آهي تہ سڌي راهہ تي هلو يا گمراهيءَ واري واٽ وٺو. ان ڪري اي نبي محترم خاتم النبيين صلى الله تعالى عليه وآله وسلم! تون هنن کي چؤ تہ ان شخص کان وڏيڪ ٻيو ڪير ظالم ٿي سگهي ٿو، جيڪو تمام روشن نشانين ۽ واضح دليلن باوجود پنهنجي ذهن سان ڪوڙيون ڪهاڻيون گهڙي ۽ انهن کي الله طرفان منسوب ڪندي، اها دعوىٰ ڪري تہ هي ڪلام الاهي آهي، جيڪو خدا طرفان مون تي وحي ڪيو ويو آهي. ان ڪري چوي تہ انسانو! منهنجو ۽ مون تي نازل ٿيل هن ڪلام جي سچائي جو اقرار ڪيو ۽ ان موجب پنهنجي زندگيءَ جو ضابطو بڻايو، حالانڪ هن تي الله ذوالجلال طرفان ڪا وحي ڪا نہ ٿي هئي ۽ هن جي اها دعوىٰ ڪوڙي هئي، هي شخص تہ ظالم آهي ئي آهي، جو هن الله تي ايڏو وڏو بهتان مڙهيو آهي تہ خدا هن تي وحي ڪري ڪيس پنهنجو پيغمبر بنايو آهي، پر هن ظالم کان اجان وڏيڪ وڏو ظالم کهڙو شخص هوندو، جيڪو ڪوڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ جو ڪجهہ خدا نازل ڪيو آهي، مان بہ ان جهڙو (ڪلام) ڏئي سگهان ٿو. (الانفال: 31/8) ٻين لفظن ۾ ائين سمجهو تہ هو پاڻ کي خدا يا خدا جو همسر سمجهي ٿو، اهي ماڻهو هن وقت تہ وڏيون وڏيون دعوائون ڪن ٿا، پر ڪاش توهان پنهنجي اکين سان اهو منظر ڏسي سگهو، جڏهن موت وقت مدهوشي ۽ غنودگي جي حالت ۾ جهوٽا کائي رهيا هوندا ۽ فرشتا هنن طرف پنهنجا هٿ وڌائي کين چوندا تہ اچو پنهنجي جان (ساهہ) اسان جي حوالي ڪريو ۽ پنهنجن انهن ڪڌن ڪرتوتن واري جرم جي پاداش (سزا) ۾ نهايت ذلت آميز عذاب جو مزو وٺو، جنهن ۾ توهان خدا تي ناحق ڪوڙا بهتان ۽ غلط تهمتون هڻي پنهنجي انا کي تسڪين ڏيڻ ۽ عوام ۾ پنهنجو قدر وڌائڻ خاطر ڪندا رهيا آهيو ۽ خدا جي آئين کان سرڪشي ۽ وڏائي جو اظهار رڪندا رهيا آهيو. هاڻي اوهان پنهنجي بي بسيءَ تي ماتم ڪريو تہ اڄ اسان جي حضور بلڪل اهڙي طرح اڪيلا پيش ٿيا آهيو، جهڙي طرح اوهان کي پهريون دفعو پيدا ڪيو ويو هو. توهان کي پنهنجي اعمال جو نتيجو پاڻ ئي ڀوڳڻو آهي، جنهن ۾ ڪو ٻيو شريڪ ناهي.

هي انسانن جي انفرادي عمل جو نتيجو آهي. (مريم: 95/19) ان ڪري الله جي حضور
اڪيلو اچڻو آهي، يعني نہ مال و دولت، جنهن جي ڪري اوهان مغرور ۽ مدهوش آهيو، نہ
اولاد ۽ دوست، جن کي مضبوط ۽ طاقتور سمجهو ٿا ۽ نہ ڪوئي سفارشي يا مددگار
هوندو، جيڪو هن عذاب کان ڇڏائي سگهي. اهي سمورا سهارا، وسيلا ۽ آسرا موجود نہ
هوندا. تن تنها هڪ مجرم جي حيثيت ۾ الله تعالیٰ جي حضور پيش ٿيڻو پوندو. جن
هستين تي اوهان جو وڏو ناز هيو تہ اهي اوهان جي مدد ڪنديون، پر اڄ ڪير بہ توهان سان
گڏ ناهي، جيڪو مال متاع ۽ دولت اوهان کي مليو هو، اهو سمورو توهان پنهنجي پٺيان ڇڏي آيا
آهيو ۽ توهان جي حوارين جا بہ اوهان سان رابطا منقطع ٿي چڪا آهن ۽ جيڪو ڪجهہ
اوهان جي وهم و گمان ۾ هيو، اهو سڀ گم ٿي چڪو آهي. "فُرٰدٰی" جمع اهي "فَرد" جو،
جيئن "سُکَارٰی" جمع آهي "سُکرَان" جو ۽ "کُسَالیٰ" جمع آهي "کُسلَان" جو.

إِنَّ اللَّهَ فَالِقُ الْحَبِّ وَالنَّوَىٰ ۖ يُخْرِجُ الْحَيَّ مِنَ الْمَيِّتِ وَمُخْرِجُ الْمَيِّتِ مِنَ الْحَيِّ ۚ
ذَٰلِكُمُ اللَّهُ ۖ فَأَنَّىٰ تُؤْفَكُونَ ﴿٩٥﴾ فَالِقُ الْإِصْبَاحِ وَجَعَلَ اللَّيْلَ سَكَنًا وَالشَّمْسَ
وَالْقَمَرَ حُسْبَانًا ۚ ذَٰلِكَ تَقْدِيرُ الْعَزِيزِ الْعَلِيمِ ﴿٩٦﴾ وَهُوَ الَّذِي جَعَلَ لَكُمُ النُّجُومَ
لِتَهْتَدُوا بِهَا فِي ظُلُمَاتِ الْبَرِّ وَالْبَحْرِ ۗ قَدْ فَصَّلْنَا الْآيَاتِ لِقَوْمٍ يَعْلَمُونَ ﴿٩٧﴾ وَهُوَ
الَّذِي أَنْشَأَكُمْ مِنْ نَفْسٍ وَاحِدَةٍ فَمُسْتَقَرٌّ وَمُسْتَوْدَعٌ ۗ قَدْ فَصَّلْنَا الْآيَاتِ لِقَوْمٍ
يَفْقَهُونَ ﴿٩٨﴾

بيشڪ داڻي ۽ ڪکڙي کي ڦاڙڻ وارو الله ئي تہ آهي، اهو ئي جاندار کي بي
جان مان ڪڍي ٿو ۽ مردي کي زنده مان. اهو سڀ ڪجهہ تہ الله ئي آهي پوءِ اوهان
هن جي سڄاڻپ بدران ڪيڏانهن الٽا وڃي رهيا آهيو.(95) اهو ئي (رات مان)
صبح آڻڻ وارو آهي، رات کي سڪون لاءِ هن ئي ڪيو آهي ۽ سج، چنڊ جي
طلوع غروب جو حساب بہ مقرر ڪيو آهي. هي انهيءَ زبردست قوت، قدرت ۽

علم واري جا مقرر ڪيل اندازا آهن. (96) اهو ئي آهي، جنهن توهان لاءِ تارا
بڻايا تہ جيئن صحرا ۽ سمنڊ جي اونداهين ۾ انهن ذريعي رهنمائي حاصل
ڪري سگهو. ڏسو اسان پنهنجون نشانيون تفصيل سان انهن ماڻهن لاءِ پڌريون
ڪيون آهن، جيڪي معلوم ڪرڻ گهرن ٿا.(97) اهو ئي آهي، جنهن اوهان کي
هڪ جان مان پيدا ڪيو آهي ۽ پوءِ هر هڪ لاءِ قرار ڪرڻ جي جڳهہ بہ آهي، تہ
ان جي سپرد ڪرڻ جو هنڌ بہ. هي نشانيون اسان انهن ماڻهن لاءِ چٽيون بيان
ڪيون آهن، جيڪي سمجهڻ گهرن ٿا. (98)

هنن چند آيتن ۾ انسان کي حق شناسي ۽ الله جي قدرت، قوت ۽ وحدت جي آگاهي
لاءِ ڌيان ڇڪايو ويو آهي تہ ذرا ڪائنات جي مختلف شين ڏانهن نظر ڦيرايو ۽ ڏسو تہ هڪ
الله پاران انهن جي زندگي موت، ڪمال زوال، اپرڻ ۽ لهڻ جو ڪهڙو نہ مضبوط ۽ مڪمل
نظام ڪارفرما آهي. ڏسو تہ ڪيئن هڪ داڻي يا ککڙي کي ڦاڙي ان مان سلا ۽ بوٽا يا وڻ
پيدا ڪري ٿو. غور سان قدرت خداوندي جو مطالبو ڪريو تہ ڪنهن ان هڪ خشڪ بي جان
داڻي ۾ اهو پورو سلو حفاظت سان رکيو آهي، جو زمين جي تهہ ۾ وجي ڦٽي اهڙو سلو ٿئي
ٿو، جيڪو ان داڻي جهڙا ڪيئي داڻا هڪ سنگ ۾ اپائي ۽ اهڙي طرح هڪ ککڙي ۾ هڪ
پورو درخت سمايل آهي، جو وڏي وڻ ٿو ٿئي ۽ سون جي تعداد ۾ ڦر ڏئي ٿو. اهو ئي قادر
ڪريم آهي، جو ڪنهن بي جان مان متحرڪ جان کي جنم ڏئي ٿو ۽ وري هڪ مدت بعد
ان جان کي بي جان بنائي ٿو. الله جو هي نظام شاهدي ڏئي ٿو تہ افراد جي انفرادي زندگي
۽ اقوام جي اجتماعي حيات بہ انهي ساڳي حيات و موت ۽ عروج و زوال جي قانون فطرت
موجب جاري آهي. اهو سڀ ڪجهہ الله جي ذات طرف آگهي آهي، پر الائي ڇو انسان ايڏين
وڏين نشانين جي هوندي سڌي راهہ ڇڏي ڀٽڪي رهيو آهي. اهو ئي الله آهي، جيڪو رات
جي انڌيرن مان صبح روشن کي نروار ڪري ٿو. انهي انسانن لاءِ ڏينهن ڪم ڪرڻ لاءِ ۽
رات سڪون لاءِ ٺاهيا. انهي الله جي نظام هيئت سج چنڊ، طلوع ۽ غروب ٿين ٿا، جنهن
سان اوهان ٻين انيڪ فائدن سان گڏ مهينا ۽ سال شمار ڪريو ٿا.(يونس: 10/6-5، الاسراء:
12/17) هنن سيارن جي اوقات ۽ ڪارڪردگي لاءِ ان الله جا پيمانا ۽ اندازا مقرر ڪيل آهن،

جن ۾ هڪ ذري جو فرق نہ آهي. جيڪڏهن ٿورڙي بہ گهٽ وڌائي ٿئي تہ هي پورو شمسي نظام ۽ ڪائنات اک ڇنڀ ۾ نيست و نابود ٿي وڃي. پر هن ساري نظام کي توازن ۽ قانون جي دائري ۾ رکڻ وارو اهو باري تعالىٰ آهي. جنهن هي سنسار جوڙيو آهي ۽ ان کي مقرر قانون ماتحت هلائي رهيو آهي. هي انهي محفوظ ۽ مضبوط نظام جو نتيجو آهي، جو آسمان جي وسيع فضا ۾ چمڪندڙ سج، چنڊ تارا نيڪ نيڪ اندازي سان پنهنجي گردش ۾ مصروف آهن. (الانبياء: 33/21، يٰس: 40/36) جن جي مدد سان توهان سمنڊ ۽ صحرا جي اونداهين ۾ رات جو رهنمائي حاصل ڪري سگهو، جيڪي شيطانن لاءِ شهابِ ثاقب آهن. سال، مهينن ۽ هفتن جو حساب رکن ٿا، جيڪي انسان غور و فڪر ۽ عقل و دانش کان ڪم وٺن ٿا، اهي ئي هن نظام کي سمجهي سگهن ٿا.

هي خارجي ڪائناتي نظام جي هڪ جهلڪ اوهان کي ڏيکاري وئي، هاڻي انساني وجود تي نگاهہ وجهو ۽ ڏسو تہ اتي بہ حيات و موت ۽ ڪمال و زوال جو نظام يڪسان طور تي ڪهڙي طرح خوبي سان عمل پيرا آهي. انسان جي زندگي هڪ نفس مان ابتدا ڪئي (النساء: 1/4، الاعراف: 189/7، الروم: 8/30، الزمر: 6/39) پوءِ هو زندگي جي مختلف مرحلن مان گذرڻ وقت هڪ مقرر مقام تي رهيو ۽ زندگي جي پوري ٿيڻ بعد هڪ مستقل هنڌ تي سڪونت پذير ٿئي ٿو. (هود: 6/11) انسانن جي هن زندگي ۽ موت واري واقعات ۽ حالات تي اهي ئي غور فڪر ۽ درس عبرت حاصل ڪري سگهن ٿا، جيڪي عقل و شعور ۽ سمجهہ ۽ سوچ جي دولت رکن ٿا.

وَهُوَ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَاۗءِ مَاۗءً ۚ فَاَخْرَجْنَا بِهٖ نَبَاتَ كُلِّ شَيْءٍ فَاَخْرَجْنَا مِنْهُ
خَضِرًا نُّخْرِجُ مِنْهُ حَبًّا مُّتَرَاكِبًا ۚ وَمِنَ النَّخْلِ مِنْ طَلْعِهَا قِنْوَانٌ دَانِيَةٌ وَّجَنّٰتٍ
مِّنْ اَعْنَابٍ وَّالزَّيْتُوْنَ وَالرُّمَّانَ مُشْتَبِهًا وَّغَيْرَ مُتَشَابِهٍ ۭ اُنْظُرُوْٓا اِلٰى ثَمَرِهٖٓ اِذَآ
اَثْمَرَ وَيَنْعِهٖ ۭ اِنَّ فِيْ ذٰلِكُمْ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ۹۹ وَجَعَلُوْا لِلّٰهِ شُرَكَاۗءَ الْجِنَّ
وَخَلَقَهُمْ وَخَرَقُوْا لَهٗ بَنِيْنَ وَبَنٰتٍۢ بِغَيْرِ عِلْمٍ ۭ سُبْحٰنَهٗ وَتَعٰلٰى عَمَّا يَصِفُوْنَ ۱۰۰ ع ١٢/٦/١٨

۽ اهو ئي (الله) آهي، جنهن آسمان کان (پاڻي) برسات وسائي ۽ پوءِ هن ان جي ذريعي هر قسم جي نباتات پيدا ڪئي ۽ پوءِ ان مان سبز ساوا شاداب کيت پيدا ڪيا، جن مان اسان داڻن جون لڙهيون جيڪي هڪ ٻئي سان ڳتيل آهن پيدا ڪيون ۽ کجيءَ جي شاخن ۾ لڙگل ڇڳا پيدا ڪيا ۽ انگورن جا باغ، زيتون ۽ انار به اسان پيدا ڪيا، جن جو ميوو هڪ ٻئي سان ملندڙ جلندڙ به آهي ته الڳ الڳ غير متشابه به آهي، هنن جي هر هڪ ڦل کي ڏسو جڏهن ڦرجي ٿو ۽ ان جي پچڻ تي نظر وجهو جڏهن هو پچڻ تي اچي ٿو انهن اندر غير معمولي نشانيون آهن، انهن لاءِ جيڪي هن قدرتي نظام جا قائل آهن.(99) ۽ هنن عقل جي انڌن جن جهڙن جعلي معبودن کي الله جو شريڪ ناهي ڇڏيو آهي، حالانڪ اهي ته خدا جي مخلوق آهن ۽ هنن ڪافرن بنا ڪنهن ثبوت جي هن (الله) جا پٽ ۽ ڌيئرون ناهي ڇڏيا. حالانڪ هو انهن سمورين نسبتن کان پاڪ ۽ بلند بالا آهي، جيڪي هن ڏانهن گهڙيون ويون آهن.(100)

پوين آيتن ۾ هڪ طرف ته وحي ۽ نزولِ قرآن جي انڪار ڪندڙ ٽولي جي گمراهيءَ جو جواب ڏنو آهي، پر ٻئي طرف ڪائنات جي نظامِ ربوبيت سان الله وحده لاشريڪ له جو دليل ورتو آهي. ڪائنات جي ذري ذري تي نگاهه وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته ڪهڙي حڪمت ۽ رحمت واري نظام هيٺ هنن شين کي انسان جي ضروريات پوري ڪرڻ لاءِ تخليق ڪيو آهي، اهو صرف هڪ حڪمران صاحب اقتدار الله تعالىٰ ئي ڪري سگهي ٿو. قرآن چوي ٿو ته هن ڪارخانهِ حيات جو خالق الله نه آهي ته پوءِ ٻيو ڪير آهي، جو ايڏو وڏو انتظام بنا نقص، عيب ۽ خرابيءَ جي هلي رهيو آهي، جيڪو هڪ خدا جو چٽو دليل آهي. مشرڪ طرح طرح جا عقيدا رکندا هيا. اهي فرشتن کي الله جون نياڻيون سڏي، خدا جي ڪائناتي ڪمن ۾ مدد جو شريڪ ڪار چوندا هيا. اهڙيءَ طرح هو ديوين ۽ دوتائين لاءِ به خدائيءَ جي دعوىٰ ڪندا هيا. جنن کي الله جو شريڪ ناهيو اٿن، حالانڪ اهي خدا جي مخلوق آهن.

الله جي هن نظام رحمت ۽ ربوبيت تي ذرا غور ڪيو تہ ان توهان کي پيدا ڪيو آهي. ان اوهان جي پيدا ٿيڻ کان اڳ توهان جي زيست (زندگي گذارڻ) لاءِ سارو ساز و سامان ڪهڙي نہ مهارت ۽ حسن خوبي سان پيدا ڪيو آهي. هو آسمان طرفان برسات وسائي ٿو، جنهن جي ڪري زمين سرسبز ۽ شاداب ٿي پوي ٿي، داڻن مان ڪيت، ڪکڙين مان باغ بنائي ان مان هر قسم جا ميوا پيدا ڪري ٿو، جيڪي سنگن ۽ ڇڳن جي صورت ۾ هڪ ننڍڙي سلي يا ڪمزور ٻوٽي مان ڪيت ۽ باغ بنائي ٿو، اهڙي طرح کجي، زيتون انگور ۽ امرود جا باغ آباد ڪري ٿو. هنن جي داڻي مان وڏي وڏو سلو ٿيڻ ۽ ان داڻن جا انبار پيدا ڪرڻ ۽ ننڍڙي ٻوٽي مان باغ ٺاهڻ ۽ ان جا ميوا اپائڻ انهن کي تيار ڪرڻ ۽ پچڻ جي مرحلي مان گذارڻ قدرت جو عجيب ڪرشمو ۽ ڪمال آهي، جيڪي ماڻهو ربوبيت ۽ رحمت جي هن ساري مرحلي تي نظر وجهن ٿا، اهي سر تسليم خم ٿي ان کي مڃين ٿا. پر وري ڪي اهڙا بہ عقل کان عاري انسان آهن، جيڪي چون ٿا تہ ايڏو وڏو نهايت مڪمل ۽ مؤثر نظام هڪ هستيءَ لاءِ هلائڻ کان وڏيڪ آهي، ان ڪري ڪجهہ غير مرئي قوتون هن جي هٿ ونڊائڻ ۽ ڪاروبار هلائڻ ۾ معاون ۽ مددگار آهن. هنن غير مرئي قوتن کي الله پنهنجي پٽ ۽ ڌيئرن جو مقام عطا ڪيو آهي جن ۾ جِنّ شامل آهن، شراڪت داري سان هي نظام هلائي رهيو آهي. حالانڪ الله هنن بيان ٿيل سمورين صفتن کان پاڪ صاف آهي.

---

بَدِيْعُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ط اَنّٰى يَكُوْنُ لَهٗ وَلَدٌ وَّلَمْ تَكُنْ لَّهٗ صَاحِبَةٌ ط وَخَلَقَ
كُلَّ شَىْءٍ ج وَهُوَ بِكُلِّ شَىْءٍ عَلِيْمٌ ﴿۱۰۱﴾ ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمْ ج لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ج خَالِقُ كُلِّ
شَىْءٍ فَاعْبُدُوْهُ ج وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَىْءٍ وَّكِيْلٌ ﴿۱۰۲﴾ لَا تُدْرِكُهُ الْاَبْصَارُ ز وَهُوَ يُدْرِكُ
الْاَبْصَارَ ج وَهُوَ اللَّطِيْفُ الْخَبِيْرُ ﴿۱۰۳﴾ قَدْ جَآءَكُمْ بَصَآئِرُ مِنْ رَّبِّكُمْ ج فَمَنْ اَبْصَرَ فَلِنَفْسِهٖ ج
وَمَنْ عَمِىَ فَعَلَيْهَا ط وَمَآ اَنَا عَلَيْكُمْ بِحَفِيْظٍ ﴿۱۰۴﴾ وَكَذٰلِكَ نُصَرِّفُ الْاٰيٰتِ وَلِيَقُوْلُوْا
دَرَسْتَ وَلِنُبَيِّنَهٗ لِقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ﴿۱۰۵﴾ اِتَّبِعْ مَآ اُوْحِىَ اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ ج لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ج

وَاَعْرِضْ عَنِ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿١٠٦﴾ وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ مَآ اَشْرَكُوْا ؕ وَمَا جَعَلْنٰكَ عَلَيْهِمْ حَفِيْظًا ۚ
وَمَآ اَنْتَ عَلَيْهِمْ بِوَكِيْلٍ ﴿١٠٧﴾

هو آسمانن ۽ زمين کي عدم کان وجود ۾ آڻڻ وارو آهي. هن کي اولاد ڪيئن هوندي، جڏهن هن جي ڪا زال نہ آهي. هن هر شيءِ کي پيدا ڪيو ۽ هو هر شيءِ کان باخبر آهي.(101) اهو الله ئي توهان جو پالڻهار آهي. هن کانسواءِ ڪو بہ معبود ناهي، هر شيءِ جو خالق آهي. لهٰذا انهيءَ جي ئي بندگي ڪريو. هو هر شيءِ جو ڪارساز ۽ نگران آهي. (102) نگاهون هن جو ادارڪ ڪري نٿيون سگهن، پر هو نگاهن جو اداراڪ ڪري ٿو. هو نهايت باريڪ بين ۽ باخبر آهي.(103) اي حبيب ﷺ! توهان هنن کي چئو تہ ڏسو توهان جي پروردگار پاران بصيرت جون آيتون توهان درميان طرح طرح جي طريقن سان اچي چڪيون آهن. هاڻي جيڪو بصيرت حاصل ڪندو تہ پنهنجو ئي ڀلو ڪندو، پر جيڪو انڌو رهندو ان جو وبال ان جي سر لڳندو. جيتري قدر منهنجو تعلق آهي مان اوهان جو نگهبان نہ آهيان.(104) اهڙي طرح اسان پنهنجو آيتون هر رنگ ۾ ورائي ورائي پيش ڪيون ٿا. ان ڪري تہ انهن تي اتمام حجت ٿئي ۽ هو اقرار ڪن تہ تو سني نمونې پڙهي ٻڌايو آهي ۽ ان ڪري بہ تہ جيڪي ماڻهو ڄاڻڻ جي خواهش رکن ٿا، انهن لاءِ وضاحت سان بيان ڪريون. (105) تون ان وحيءَ جي پيروي ڪندو رهہ جيڪا تنهنجي پروردگار پاران تو تي ڪئي وڃي ٿي. حقيقت اها آهي تہ هن کانسواءِ ڪو بہ معبود ناهي، جيڪڏهن هي مشرڪ نٿا سڌرن تہ هنن کان ڀلي ڪناره ڪشي اختيار ڪريو.(106) جيڪڏهن الله چاهي ها (مشيت خداوندي هجي ها) تہ هو ڪڏهن بہ شرڪ ڪو نہ ڪن ها. اسان توکي هنن تي نگران نہ ڪيو آهي ۽ نہ تون هنن جو ضامن آهين. (107)

الله تہ اهو آهي، جنهن هن پوري ڪائنات کي جنهن ۾ آسمان زمين ۽ انهن جي درميان جو ڪجھ آهي، بغير ڪنهن ذريعي ۽ واسطي جي عدم کان وجود ۾ آندو آهي. هن جي صفت بديع کي ڪنهن شيءِ جي پيدا ڪرڻ لاءِ اڳ ۾ ڪنهن عنصر جو هجڻ جي ضرورت ناهي. ڪجھ بہ نہ هيو ۽ الله جي حڪم سان وجود پذير ٿيو، اهڙي الله ڏانهن اولاد جي نسبت ڪرڻ ڪيتري نہ باطل ۽ بي هوده آهي، جڏهن هن کي شريڪ حيات ئي ناهي تہ ان کي اولاد وارو چوڻ غلط آهي. اولاد هجڻ لاءِ توليد وارو طريقو هئڻ لازمي آهي. هو تہ هر شيءِ جو خالق آهي ۽ هن جي تخليق ۾ ڪنهن بہ شيءِ کي بنا ڪنهن اڳ ۾ موجود ذريعي هجڻ جي عدم کان وجود ۾ آڻڻ هن جي بي انتها علم ۽ حڪمت جو دليل آهي. انهيءَ قدرت ۽ حڪمت واري الله ڏانهن اولاد پيدا ڪرڻ جي صفت منسوب ڪرڻ هن کي الله سمجهڻ واري يگانا صفت جي نفي آهي، هي الله ئي اوهان جو پروردگار ۽ نشونما ڏيڻ وارو آهي. هن ڪانسواءِ ڪا بہ هستي اختيار ۽ اقتدار واري نہ آهي. ڪائنات جي هر شيءِ تي هن جي حڪمراني آهي. هر شيءِ هن جي تخليق آهي، اهو ئي خالق ۽ مالڪ آهي. ان جي عبادت ڪريو ۽ ان جي حڪمن جي اطاعت ڪريو. هو هر شيءِ جو ڪارساز آهي. هو نگاهن کان پوشيده هجڻ جي باوجود هر جاءِ تي موجود آهي. اسان کي اسان جي شه رڳ کان بہ وڌيڪ قريب آهي، پر ان هوندي نگاهون هن جو ادراڪ ڪرڻ کان عاجز آهن. ”اِدْرَاك“ جي معنیٰ آهي ڪنهن شيءِ کي گهيري وٺڻ. الله عزوجل جي ذات پاڪ غيرمحدود آهي، اها انساني حواسن اندر نٿي اچي سگهي، پر الله تعالیٰ جو علم لامحدود آهي، اهو هر شيءِ کي گهيري رکي ٿو. احاديث ۾ ڪثرت سان ۽ صحابہ ڪبار ڪرام رضي الله تعالیٰ عنهم کان متواتر روايت آهي تہ پاڻ ڪريمن خاتم النبيين صلی الله تعالیٰ عليه وآله وسلم الله پاڪ جل جلاله جو هنن اکين سان بالمشاهده ديدار ڪيو آهي. انسانن جو علم محسوسات تائين محدود آهي. ان ڪري ان جون نگاهون غير محدود غير محسوس ۽ غير مرئي ذات خداوندي تائين پهچڻ کان عاجز آهن، پر آخرت ۾ مشاهدو ٿيندو. ”وُجُوْهٌ يَّوْمَىِٕذٍ نَّاضِرَةٌ ﴿٢٢﴾ اِلٰى رَبِّهَا نَاظِرَةٌ ﴿٢٣﴾“ (القيامة: 23/75-22) ان ڏينهن ڪيترا چهرا رونق ۾ تر و تازه هوندا. پنهنجي رب جي ديدار سان سرفراز ٿي رهيا هوندا. ”بَصَآئِرُ“، ”بَصِيْرَةٌ“ جو جمع آهي، جهڙيءَ طرح جسم لاءِ اکين جي بصارت بينائي آهي، اهڙيءَ طرح نفس ذات ۽ روح لاءِ بصيرت جي ضرورت آهي. ان جي برعڪس

خدا جو بي ڪران ۽ بي پايان علم تمام نگاهن جو احاطو ڪري ٿو. ”يَعْلَمُ خَآىِٕنَةَ الْاَعْيُنِ وَمَا تُخْفِي الصُّدُوْرُ“ (الغافر: 19/40) هو اکين جي خيانت ۽ سينن جا ڳجها راز ڄاڻي ٿو. هو اهڙو ته لطيف آهي، جيڪو محسوس جي دائري ۾ نٿو اچي ۽ اهڙو خبير آهي، جو پوري ڪائنات جي تمام احوال ۽ حالات کان بخوبي واقف آهي. (الزلزال: 99/ 4، العاديات: 100/ 11) ان ڪري تون هنن کي چؤ ته توهان کان الله جي حقيقت تائين رسائي جو نه پڇيو ويندو، پر هن جي اطاعت ۽ حڪمت جي پابندي سان تفصيل جو پڇاڻو ٿيندو. خدا جا سمورا فرمان علم و بصيرت تي مبني آهن، جيڪي وحيءَ جي ذريعي هر طرح جي مختلف مثالن اسلوب ۽ طريقن سان بيان ڪيا ويا آهن، جن جو اقرار هر مخالف ۽ مخاطب ڪرڻ لاءِ مجبور آهي، پر جيڪڏهن ساڳي آيت بار بار دهرايون ها، اهو تاثر نه ڏئي ها جيڪو مختلف ۽ طرح طرح جي طريقن مان معلوم ٿئي ٿو. مولانا ابوالڪلام آزاد به اهوئي تفسير ڪيو آهي ته جيئن اتمام حجت ٿي وڃي ۽ هو پاڻ چئي ڏين ته تو حق ۽ سچ بيان ڪرڻ ۾ ڪابه ڪمي ڪوتاهي ناهي ڇڏي، هر شيءِ وضاحت سان بيان ڪري ڇڏي آهي. جيڪو انسان به عقل ۽ بصيرت جي استعمال سان ڪم وٺندو ته خدا جي قانون جي صداقت کي قبول ڪندو، جنهن جو فائدو به ان کي پوندو، پر جيڪڏهن ڪو انڌن وانگر اکيون بند رکندو ۽ هدايت ۽ رهنمائي حاصل ڪرڻ بدران غلط روش اختيار ڪندو ته ان جا تباهه ڪن نتيجا هو پاڻ پوڳيندو، عمل ڪرڻ يا نه ڪرڻ جو اختيار اوهان وٽ آهي. چڱي بري ۾ تميز ڪرڻ اوهان جي هٿ وس آهي. آءٌ اوهان جو نگران ناهيان جو زبردستي اوهان کي هڪ رستي تي هلايان. ”فَمَنِ اهْتَدٰى فَاِنَّمَا يَهْتَدِيْ لِنَفْسِهٖ ۚ وَمَنْ ضَلَّ فَاِنَّمَا يَضِلُّ عَلَيْهَا ۚ“ (بني اسرائيل: 15/17) جنهن هدايت قبولي، ان جو فائدو به ان کي ملندو، جنهن گمراهي اختيار ڪئي، ان جو نقصان به ان کي ٿيندو.

اهڙيءَ طرح اسان پنهنجي آيتن (قانونن) کي جدا جدا طريقن سان بيان ڪريون ٿا، ته جيئن ان جي حقيقي معنىٰ ۽ مطلب کان اوهان کي آگاهي ٿي وڃي ۽ توهان جي طبع سليم اهو تسليم ڪري ته واقعي الله جي حڪمن کي دل نشين انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي ۽ ڪنهن کي اهو عذر ۽ بهانو نه رهي ته اسان هن مشڪل قانون کي يا ان جي انداز بيان سبب ڪجهه سمجهي نه سگهيا آهيون. ”وَلَقَدْ صَرَّفْنَا لِلنَّاسِ فِيْ هٰذَا الْقُرْاٰنِ مِنْ كُلِّ مَثَلٍ ۡ فَاَبٰٓى اَكْثَرُ النَّاسِ اِلَّا كُفُوْرًا ۝“ (بني اسرائيل: 89/17) هن قرآن ۾ هر مثال ماڻهن لاءِ

دهرائي يعني ورائي ورائي بيان ڪيو آهي، پر گهڻا ماڻهو بي شڪر ٿي انڪار ڪندا آهن. درس دراست جي معنىٰ آهي ڪنهن ڪي پڙهي بيان ڪرڻ. پاڻ ڪريم خاتم النبيين ﷺ الله جون آيتون تلاوت فرمائي، تعليم ۽ تزڪيه نفس جو فريضو ادا ڪندا هئا. (البقره: 129/2 ڪان 133 ۽ 151، آل عمران: 164/3-159، النساء: 80/4-79، الجمعه: 2/62) اها هڪ حقيقت آهي ته هنن حڪمن ۽ آيتن جي حقيقت ۽ اهميت انهن تي ئي واضح ٿيندي جيڪي پوري طلب ۽ تحقيق سان انهن ڪي سمجهڻ، پرکڻ ۽ پروڙڻ جي ڪوشش ڪندا. اي رسول خاتم النبيين ﷺ تون خدا طرفان ڪيل وحي تي پوري طرح پابندي ڪندو رهه. هن صورتحال ڪان بلڪل بي پرواهه ٿي ته هو تنهنجي ڳالهه جو ساٿ ڏين ٿا يا ساٿ ڏيڻ ڪان انڪاري آهن. ياد رکو خدا جي حڪمن جي اطاعت ڪان وڌيڪ ٻيو ڪو اهڙو معبود ناهي، جنهن جي حڪمن جي تابعداري يا اتباع ڪجي، جيڪڏهن ڪي ماڻهو سمجهن ٿا ته خدا جي حڪمن سان گڏ ڪنهن ٻئي جا حڪم ٻه شامل ڪري سگهجن ٿا يا خارجي ڪائنات ۾ ته الله جا احڪام نافذ العمل رهندا. پر انساني زندگي ۾ خدائي قانون جي مقابلي ۾ انسانن جي جوڙيل قانون تي عمل پيرا ٿيڻ ضروري هوندو. جيڪي ماڻهو خدا جي حڪمن تي پنهنجن فيصلن ڪي درست سمجهن ٿا ۽ الله جي حڪمن موجب فيصلا نٿا ڪن، اهي ڪافر آهن، ظالم آهن ۽ فاسق آهن. (المائده: 47-45-44/5) اهڙا فيصلا ۽ حڪم جاهليت جا فيصلا ۽ حڪم آهن. جيڪي ماڻهو علم ۽ يقين رکن ٿا، انهن لاءِ الله جي فيصلن ڪرڻ ۽ حڪمن ڏيڻ ڪي هو سڀ ڪان وڌيڪ سٺو سمجهن ٿا، پر هي شڪ شبهن ۽ ريتن رسمن جا گرويده غلام پنهنجن فيصلن ڪي ترجيح ڏين ٿا. اهڙن مشرڪ ماڻهن ڪان ڪنارا ڪشي ڪرڻ بهتر آهي. (الانعام: 1061/6) تون هنن جي هن غلط ۽ نامناسب روئي تي رنجيده دل نه ٿي ته هي ماڻهو ائين ڇو ٿا ڪن، جيڪڏهن الله جي اها منشا هجي ها ته پوءِ انسانن ڪي باقي مخلوقات وانگر اطاعت تي مجبور ڪري ها ۽ ڪيس ارادي ۽ اختيار جو صوابديد نه ڏئي ها، پر هن جو اختيار ۽ ارادي واري رعايت سلب ڪرڻ ۽ مجبور رکڻ مناسب نه سمجهيو. اهوئي سبب آهي، جو اسان توڪي مبلغ ۽ پيغمبر بڻايو آهي. ۽ هنن تي توڪي پاسبان نگهدار ۽ ضامن نه ڪيو آهي. هنن جو اهو چوڻ غلط آهي ته هي سراپا افڪ/ڪوڙ آهي، جيڪو ڪيس ٻيا سيڪارين ٿا، يا پراڻا قصا آهن، اهو چئي هو وڏو ظلم ڪن ٿا. (الفرقان: 4/25)

وَلَا تَسُبُّوا الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ فَيَسُبُّوا اللّٰهَ عَدْوًا بِغَيْرِ عِلْمٍ ؕ كَذٰلِكَ
زَيَّنَّا لِكُلِّ اُمَّةٍ عَمَلَهُمْ ۠ ثُمَّ اِلٰى رَبِّهِمْ مَّرْجِعُهُمْ فَيُنَبِّئُهُمْ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۰۸﴾
وَاَقْسَمُوْا بِاللّٰهِ جَهْدَ اَيْمَانِهِمْ لَئِنْ جَآءَتْهُمْ اٰيَةٌ لَّيُؤْمِنُنَّ بِهَا ؕ قُلْ اِنَّمَا الْاٰيٰتُ
عِنْدَ اللّٰهِ وَ مَا يُشْعِرُكُمْ ۙ اَنَّهَآ اِذَا جَآءَتْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿۱۰۹﴾ وَ نُقَلِّبُ اَفْـِٕدَتَهُمْ
وَاَبْصَارَهُمْ كَمَا لَمْ يُؤْمِنُوْا بِهٖۤ اَوَّلَ مَرَّةٍ وَّنَذَرُهُمْ فِىْ طُغْيَانِهِمْ يَعْمَهُوْنَ ﴿۱۱۰﴾ ع ١٣ ١٠ ١٩

اي مسلمانو! هي ماڻهو الله کانسواءِ جن کي (مدد لاءِ پڪارين ٿا توهان انهن کي گارگند نه ڪيو، ڇو ته ائين نه ٿئي جو هو بنا سوچڻ سمجهڻ جي حدون پار ڪري الله کي گاريون ڏين، اهڙي طرح اسان هر جماعت لاءِ هن جي عمل کي خوشنما ڪيو آهي. آخرڪار انهن کي پنهنجي پروردگار طرف رجوع ڪرڻو آهي. ان وقت هو انهن کي ٻڌائيندو ته هو ڇا ڇا ڪندا رهيا آهن.(108) هي ماڻهو الله جا وڏا وڏا قسم کڻي چون ٿا ته جيڪڏهن هنن ڏانهن الله طرفان ڪا آيت (نشاني) آئي ته هو ضرور ان تي ايمان آڻيندا. ڪين چؤ ته نشانيون (معجزا) ته الله جي هٿ وس آهن، مگر مسلمانو! اوهان کي اهو پتو ناهي ته توڙي ڪٿي اهو (معجزو) ظاهر به ٿئي ته به هو ايمان ڪو نه آڻيندا.(109) اسان ان وقت به انهن جي دلين ۽ نگاهن کي اهڙي طرح ابتو ابتو پيش ٿيڻ ڏينداسون، جهڙي طرح هو پهريان به هن قرآن تي ايمان نه آندو ۽ ڪين سندن سرڪشي ۾ ڀٽڪندو ڇڏي ڏينداسون.(110)

مسلمانو يقينًا هنن ڪافرن جا معبود غير حقيقي ۽ باطل آهن. جن جي اصلي حقيقت ڪجهه به نه آهي. ۽ اوهان کي معلوم آهي ته توهان باطل آڏو جهڪڻ وارا ۽ ان جي عبادت ڪرڻ وارا نه آهيو، توهان ۾ ۽ هنن ڪافرن ۾ ڪو جوڙ ناهي ۽ نه وري هنن جي باطل معبودن جي ڪا الله سان نسبت يا ان وٽ اهميت ۽ حيثيت آهي. ان ڪري ڪڏهن به بحث

مباحثي دوران يا نصيحت ڪرڻ وقت غصي يا جوش خطابت ۾ اچي، هنن جي باطل معبودن لاءِ گهٽ وڌ الفاظ يا گارگند نہ ڪيو، اهڙي پست حرڪت کان پرهيز ڪجو نہ تہ اهي ڪافر بہ سڀ حدون پار ڪري اوهان جي حقيقي رب خلاف غليظ زبان استعمال ڪندا. ياد رکو تہ هر ماڻهو جو ڪجهہ ڪري ٿو، پاڻ کي درست سمجهي ڪري ٿو ۽ ٻئي کي غلط سمجهي ٿو. ان ڪري هو صحيح ۽ غلط ۾ تميز نٿو ڪري سگهي. ”كُلُّ حِزْبٍۢ بِمَا لَدَيْهِمْ فَرِحُوْنَ ۝“ (المؤمنون: 53/23) ياد رکو سمورن ماڻهن جي اعمال جا نتيجا قانون مڪافات مطابق ناهيا وڃن ٿا. آخرڪار هنن کي الله جي حضور هڪ مجرم طور پيش ٿيڻو پوندو ۽ ان وقت هو کين سندن سمورن ڀڌن ڪمن جو تفصيل ڏيندو. هي منافق ماڻهو پاڻ کي معتبر ۽ معزز ثابت ڪرڻ لاءِ الله جي نالي تي وڏا وڏا قسم کڻي چون ٿا تہ کين جيڪڏهن ڪا محسوس نشاني يا ڪو ڪنهن معجزي جو مشاهدو ڪرايو وڃي تہ هو ضرور ايمان آڻيندا. تون هنن کي ٻڌاءِ تہ نشانيون يا معجزا موڪلڻ جو معاملو الله وٽ آهي. مان تہ رڳو الله جو پيغام اوهان تائين پهچائڻ وارو آهيان.

مسلمانو اوهان کي هنن جي اندر جو حال معلوم ناهي، هي رڳو هنن جون ڪوڙيون دعوائون ۽ تسليون آهن. هي معجزو ڏسي بہ ايمان آڻڻ وارا نہ آهن، ان ڪري تون هنن جي اهڙين ڳالهين جو ڪو خيال نہ ڪر. تون پنهنجو پيغام قرآن جي صورت ۾ هنن آڏو پيش ڪندو رهہ. هي پيغام ڪو نئون پيغام ناهي، هن کان اڳ بہ اهو هنن جي قوم ڏانهن ايندو رهيو آهي. پر هنن ان کي ڪڏهن بہ تسليم نہ ڪيو آهي. هن پيغام کي تہ دل جي سچائي ۽ حق جي حصول جي پڪي ارادي بعد ئي سڃاڻي سگهجي ٿو. پر جن ماڻهن ضد هٺ ۽ هوڏ سبب انڌي تقليد اختيار ڪئي هجي، انهن جا عقل انڌا ٿي ويندا آهن، ان ڪري هنن جي دلين ۽ اکين کي اهڙي طرح ڦيري ڇڏيون ٿا، جهڙيءَ طرح هن کان اڳ هنن جي قرآن تي ايمان آڻڻ کان انڪار ڪيو ۽ سندن انهي گمراهي سبب اسان بہ کين تباهي ڏانهن وڃڻ ڏيون ٿا تہ ڀلي حيران پريشان سرگردان رهن. ”فَلَمَّا زَاغُوْٓا اَزَاغَ اللّٰهُ قُلُوْبَهُمْ ۭ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْفٰسِقِيْنَ ۝“ (الصف: 5/61) هو جڏهن پاڻ (سڌي راهہ کان) ٽڙي ويا آهن تہ الله بہ سندن دلين کي بي راهروي طرف وڃڻ ڏنو آهي، جيڪي گناهہ ڪرڻ تي سندرو ٻڌي ويهن ٿا، الله بہ انهن جي رهنمائي نٿو ڪري. وڌيڪ ڏسو تفسير البقره: 26/2.